ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت حيدرآباد

68 Years 1958 - 2025

Regd: NO-2430-B

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) اڳارو 20 جنوري 2026 ع 30 رجب المرجب 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (158)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

چين سان سيڪيورٽي تعاون مضبوط بڻائينداسين، زرعي واپار هڪ ارب آمريڪي ڊالرز تائين پهچائيبو: وزيراعظم

دهشتگردي جي خلاف پاڪستان جي ثابت قدم جدوجهد جي حمايت جاري رکنداسين، زراعت ۾ چين هر ممڪن مدد لاءِ تيار آهي، سي پيڪ ٽو کي حقيقت ۾ بدلائينداسين: وزيراعظم شهباز شريف

پاڪستان چين جي تجربن ۽ مهارت مان فائدو کڻي سالن ۾ نه پر مهينن ۾ ڪمال ڪري سگهي ٿو، چين مان جديد زراعت جي تربيت حاصل ڪندڙ هڪ هزار زرعي گريجوئيٽس تقدير بدلائي سگهن ٿا

زراعت پاڪستاني معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي آهي، وسيع موقعا موجود آهن، جديد ٽيڪنالاجي کي استعمال ۾ آڻي پيداوار وڌائڻي پوندي، ان سلسلي ۾ ڪجهه ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن

گهڻو ڪجهه ڪرڻ اڃا باقي آهي، سائنسدانن ۽ زرعي ماهرن کي پاڻي جي بهترين استعمال، پوکيءَ جي جديد طريقن کي استعمال ۾ آڻڻو پوندو ۽ ويليو چين، ڪولڊ چين ۽ ويليو ايڊيشن کي يقيني بڻائڻو پوندو

زرعي ٽيڪنيڪ آءِ ٽي ۽ مصنوعي ذهانت جي شعبي ۾ چين جي ترقي بي مثال آهي، پاڪ چين دوستانا لاڳاپا سالن تي ٻڌل آهن، هلندڙ سال اسان پنهنجي سفارتي لاڳاپن جي 75هين سالگرهه ملهائي رهيا آهيون

چين پاڪستان کي بهترين مهارتون ۽ ٽيڪنالاجي فراهم ڪري رهيو آهي، 2024ع ۽ 2025ع ۾ چين ۾ بي ٽو بي ۽ جي ٽو جي مفاهمتي يادداشتن جي تسلسل تي، ڪاروباري ادارا گڏيل عملي معاهدا ڪن پيا

مالي سال 2026ع جي پهرين ڇه ماهي ۾ افراط زر 3.71 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي، ڪيترن ئي اهم معاشي انگن اکرن ۾ بهتري آئي آهي، مهانگائي جي شرح 4 سيڪڙو تي برقرار، عوام جي زندگي جو معيار بهتر ٿيو آهي: ڪانفرنس کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف زراعت، آءِ ٽي ۽ مصنوعي ذهانت (اي آءِ) سميت مختلف شعبن ۾ چين جي ترقي کي مثالي قرار ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان چين جي تجربن ۽ مهارت مان فائدو کڻي سالن ۾ نه مهينن ۾ ڪمال ڪري سگهي ٿو نوجوان اسان جو مستقبل ۽ ايندڙ سياڻپ جي اميد آهن چين پاڪستان جو آزمايل دوست ۽ هر طرح جي تعاون جي لاءِ تيار آهي پاڪستان جي معيشت استحڪام کانپوءِ پائيدار ترقي طرف گامزن آهي سي پيڪ 2.0 کي حقيقت ۽ ڪاميابي ۾ بدلائينداسين چين مان جديد زراعت جي تربيت حاصل ڪندڙ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

گل پلازه جي ملبي مان وڌيڪ 20 لاش هٿ، سنڌ حڪومت پاران فوتين جي وارثن لاءِ هڪ هڪ ڪروڙ معاوضي جو اعلان

شاپنگ مال ۾ ڇنڇر جي رات لڳل خوفناڪ باهه واري واقعي تي شهرين ۾ سوڳ ڇانيل، ريسڪيو ڪارروائين دوران ملبي مان وڌيڪ 20 لاش ۽ انساني عضوا ڪڍيا ويا

فوتين جو انگ 26 تائين پهچي ويو آهي، هٿ آيل انساني عضوا سول اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن، طبي معائني ۽ ڊي اين اي ٽيسٽ کان پوءِ معلوم ٿيندو ته عضوا ڪيترن ماڻهن جا آهن

باهه واقعي ۾ فوت ٿيندڙ هر شهري جي وارثن کي هڪ هڪ ڪروڙ رپيا معاوضو ڏنو ويندو، متاثر دڪاندارن کي اڪيلو نه ڇڏينداسين سندن هر مڪمل مدد ڪئي ويندي: وڏووزير

واقعي جي جاچ لاءِ ڪراچي ڪمشنر جي سربراهي ۾ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي جيڪڏهن ڪنهن به قسم جي تخريبڪاري ثابت ٿي ته سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

اهڙن واقعن کان بچاءَ لاءِ حڪومت ۽ واپاري ٻنهي کي پنهنجون ذميواريون نڀائڻيون پونديون، قيمتي انساني جانيون بچائڻ دڪانن ۾ فائر الارم لڳائڻ لازمي ڪيو ويندو

حڪومت پنهنجون غلطيون تسليم ڪري ٿي هن ڏکئي وقت ۾ تحمل، ذميواري ۽ اتحاد جو مظاهرو ڪيو وڃي ۽ غير ضروري الزام تراشي کان پاسو ڪيو وڃي: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) ڪراچي جي مصروف ايم اي جناح روڊ تي گل پلازا شاپنگ مال ۾ ڇنڇر جي رات لڳل خوفناڪ باهه شهر کي سوڳ ۾ وجهي ڇڏيو آهي ريسڪيو عملدارن چيو ته بچاءَ جي ڪارروائي دوران ملبي مان وڌيڪ 20 لاش ۽ انساني عضوا ڪڍيا ويا آهن جنهن کانپوءِ فوتين جو انگ 26 تائين پهچي ويو آهي. هٿ آيل انساني عضوا سول اسپتال

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ريسڪيو اهلڪار گل پلازا مان فاتل ماڻهن جا لاش ڪڍڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن ٻئي طرف ايمبولينسون بيٺل آهن

گل پلازه ۾ لڳل باهه تي 34 ڪلاڪن بعد ضابطو آندو ويو، گم ٿيل ماڻهن جو پتو نه پيو

واقعي ۾ 26 ماڻهو فوت ٿيا، 59 ماڻهن بابت پڪ ناهي ته اهي زنده آهن يا سڙي ويا آهن: چيف فائر آفيسر

باهه تي ڪنٽرول ٿيڻ کان پوءِ ڪولنگ جو عمل ۽ گم ٿيل ماڻهن جي ڳولا جاري آهي: محمد همايون خان

امدادي ڪارروائين ۽ ملبو هٽائڻ لاءِ پاڪ فوج ۽ ايف ڊبليو او جي ڳري مشينري ۽ دستا به شامل ڪيا ويا

باهه لڳڻ واري هنڌ ماڻهن جو وڏو هجوم هجڻ سبب ريسڪيو آپريشن ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف فائر آفيسر محمد همايون خان چيو آهي ته گل پلازه ۾ لڳل باهه تي 34 ڪلاڪن بعد ضابطو آندو ويو آهي جڏهن ته ڪولنگ جو عمل جاري آهي بهرحال چوٿين ڪلاڪن جي هن باهه

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي واپارين پاران گل پلازه سانحي تي 3 ڏينهن جي سوڳ جو اعلان

واپاري برادري باهه سبب ٿيندڙ جاني ۽ مالي نقصان برداشت ڪرڻ جي سگهه نٿي رکي: عتيق مير

اها حقيقت آهي ته پراڻين مارڪيٽن ۾ سيفٽي ۽ ايمرجنسي قدمن جي کوٽ آهي: اڳواڻ

ڪراچي : سانحو گل پلازه تي واپاري برادري طرفان سوڳ جو اعلان ڪيو ويو آهي واپاري اڳواڻ عتيق مير چيو آهي ته گل

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

گل پلازه جي دوري دوران ميئر مرتضيٰ وهاب تي مچريل ماڻهن پاران حملي جي ڪوشش

مشتعل ماڻهن ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن ۾ جهڙپون، ميئر کي ڊي سي آفيس ۾ منتقل ڪيو ويو

ميئر دوري کي جاري رکندي متاثر دڪاندارن سان ملاقات ڪري سهڪار جي خاطري ڪرائي

ڪراچي : ڪراچي ۾ باهه سبب متاثر ٿيل گل پلازه جي دوري دوران ميئر مرتضيٰ وهاب مٿان مچريل ماڻهن پاران حملي جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

هي سياست جو وقت نه پر متاثرين جي مڪمل ازالي جو وقت آهي: گورنر

واقعي ۾ 60 کان وڌيڪ ماڻهن جي گم ٿيڻ جون رپورٽون انتهائي پريشان ڪندڙ آهن

شهر جي ٽن وڏن بلڊرز سان رابطي ۾ آهيان ته جيئن مارڪيٽ کي بحال ڪيو وڃي

ڪراچي: گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري گل پلازا پهچڻ جي هن گذريل 28 ڪلاڪن کان جاري ريسڪيو آپريشن جو تفصيلي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ گل پلازه سانحي تي متحده ميمبرن جو سخت احتجاج، نعريبازي ۽ واڪ آئوٽ

ڊپٽي اسپيڪر نويد انٿوني جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ سانحي ۾ فوت ٿيلن لاءِ فاتحه خواني ڪئي وئي

متاثر واپارين کي اڪيلو نه ڇڏينداسين ڪاروبار بحال ڪرڻ سميت فوتين جي خاندانن کي معاوضو ڏنو ويندو: سعيد غني

سانحي تي سياست ڪرڻ يا سياسي رنگ ڏيڻ متاثر ماڻهن سان مڪمل ناانصافي جي برابر آهي

صوبائي وزير جي تقرير دوران ايم ڪيو ايم جا ميمبر نعرا هڻندي ايوان مان واڪ آئوٽ ڪري ويا

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/راهب ڳاهو) سنڌ اسيمبلي ۾ سومر ڏينهن گل پلازه سانحي تي سخت احتجاج ۽ نعريبازي کان پوءِ ايم ڪيو ايم جا ميمبر ايوان جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي ۾ مختلف سانحن ۾ فوت ٿيل ماڻهن لاءِ فاتحه خواني ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سانحي جي شروعاتي جاچ ۾ تخريبڪاري جون شاهديون ناهن مليون: آءِ جي

افسوسناڪ واقعي ۾ 26 ڄڻن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ٿي آهي، لڳ ڀڳ 60 ڄڻا گم آهن

ڪنهن جي غفلت ثابت ٿي ته ڪيس به داخل ٿيندو اسپتال ۾ هاڻ ڪو به زخمي علاج هيٺ ناهي

ڪراچي : ڪراچي پوليس چيف آزاد خان چيو آهي ته گل پلازا سانحي جي شروعاتي جاچ ۾ تخريبڪاري جون شاهديون ناهن

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

گم ٿيل ماڻهن مان 26 ڄڻن جي موبائيل فون لوڪيشن گل پلازه جي ويجهو ملي آهي: ڊي آءِ جي

ڪراچي : ڊي آءِ جي سائوٿ اسد رضا

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گل پلازه سانحي ۾ گم ٿيل ماڻهن جون وارث عورتون سوڳوار ويٺل آهن

سينيٽ ۾ گل پلازا باهه متاثرن لاءِ فاتحه خواني

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ ۾ سومر

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وڏين عمارتن ۾ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتو انتظام اڻٽر آهي: شرجيل ميمڻ

گل پلازا ۾ باهه لڳڻ کان پوءِ ريسڪيو ۽ امدادي ڪارروايون بنا ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهيون

سانحي تي سياست ڪرڻ ۽ بي بنياد الزام لڳائڻ وارن کي هن نازڪ لمحي ۾ عقل سان ڪم وٺڻ گهرجي

سنڌ حڪومت واپارين جي نقصانن جو ازالو ڪندي ۽ کين هر ممڪن مدد فراهم ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي جي پارلياماني ليڊر سانحي بابت سنڌ اسيمبلي ۾ تحريڪ التوا جمع ڪرائي ڇڏي

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جماعت اسلامي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

گل پلازه ۾ ريسڪيو آپريشن جي نگراني لاءِ ٽيمون جوڙيون ويون

ڪراچي : ايم اي جناح روڊ تي واقع گل

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پراڻن سياسي ۽ اقتصادي نظامن جي ڀڃ ڊاهه دنيا کي جنجهوڙي ڇڏيو آهي: فضل الرحمان

ڪميونزم ۽ سرمائيدارائي جمهوريت جي ناڪاميءَ بعد عالمي نظام ۾ غيرمعمولي تبديليون اچي رهيون آهن

عالمي سياست جي تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ روشنيءَ ۾ اجتماعي ۽ قومي قيادت جي بصيرت جي آزمائش شروع آهي

وڏين طاقتن ايٽم بم، هائيڊروجن بم ۽ اهڙيون بيرحم جنگي مشينون تيار ڪيون جن ڪروڙين انسانن کي موت جي ور چاڙهي ڇڏيو

ديرا اسماعيل خان (اي پي پي) جميعت علماء اسلام (ف) جي مرڪزي امير مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته ڪميونزم ۽ سرمائيدارائي جمهوريت جي ناڪاميءَ ڪانپوءِ عالمي نظام ۾ غير معمولي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪشمير مسئلي جي حل تائين خطي ۾ امن ممڪن ناهي: امير مقام

گڏيل قومن جي قراردادن موجب ڪشمير مسئلو حل ڪيو وڃي: وزير سيفران

عالمي برادري ڪشميري عوام کي خودارادِيت وارو حق ڏيارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري

ڪيپ ڪاٿون (اي پي پي) ڪشمير گلگت بلتستان ۽ سيفران وفاقي وزير انجنيئر امير مقام چيو آهي ته ڪشمير پاڪستان جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جون مصر جي پرڏيهي وزير سان علائقائي صورتحال تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

نوبيل انعام نه ملڻ کانپوءِ امن بابت سوچڻ جو پابند ناهيان: صدر ٽرمپ

عالمي سلامتي ان وقت تائين ممڪن ناهي، جيستائين آمريڪا کي گرين لينڊ تي مڪمل اختيار حاصل نه هجي

مان 8 جنگيون روڪرايون، ان باوجود نوبيل امن انعام نه ڏيڻ مايوس ڪندڙ آهي هاڻ امن بابت فيصلا ڪرڻ جو پابند ناهيان رهيو

نوبيل امن انعام جو فيصلو ناروي جي حڪومت نه پر هڪ آزاد نوبيل ڪميٽي ڪندي آهي: ناروي جي وزيراعظم جو ردعمل

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته نوبيل امن انعام نه ملڻ ڪانپوءِ هاڻ مان پاڻ کي رڳو امن بابت سوچڻ جو پابند نٿو سمجهان اها ڳالهه هن ناروي جي وزيراعظم يوناس گار اسٽوري کي لکيل خط ۾ چئي، جنهن کي عالمي خبرو ادارن ڏنو آهي پرڏيهي ميڊيا

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

بيجنگ: قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جو چين پهچڻ تي آڌرڀاءُ ڪيو پيو وڃي

سينيٽ چيئرمين سان وفاقي وزير اطلاعات جي ملاقات

آءِ ايس سي جو ڊيجيٽل البم سينيٽ چيئرمين کي پيش ڪيو ويو

عالمي سطح تي پاڪستان جو تشخص وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي: يوسف رضا گيلاني

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني سان اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ملاقات ڪئي، ان موقعي تي اطلاعات وارو سيڪريٽري اشفاق احمد خليل ۽ پرنسپل انفارميشن آفيسر (پي آءِ او) مبشر حسن پڻ موجود هئا، سينيٽ سيڪريٽريٽ پاران جاري

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

تيراه آپريشن صوبائي حڪومت کي اعتماد ۾ وٺڻ کان سواءِ بدمعاشي سان شروع ڪيو ويو: سهيل آفريدي

وزيراعليٰ ڪي پي ڪي سهيل آفريدي جي صدارت هيٺ ضلعي خيبر جي صلاحڪارن ۽ اڳواڻن جو جرڳو منعقد ٿيو

صوبي ۾ امن امان جي صورتحال ۽ تيراه مان لڏپلاڻ ڪندڙ خاندانن کي پيش ايندڙ مسئلن تي تفصيلي غور ڪيو ويو

اسان دهشتگردي جو خاتمو چاهيون ٿا، اسان امن پسند ماڻهو آهيون ۽ امن جي بحالي چاهيون ٿا: جرڳي ۾ خطاب

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير محمد سهيل آفريدي چيو آهي ته تيراهه ۾ آپريشن صوبائي حڪومت کي اعتماد ۾ وٺڻ کان سواءِ زور زبردستي ۽ بدمعاشي جي ذريعي شروع ڪيو ويو سهيل آفريدي جي صدارت هيٺ ضلعي خيبر جي صلاحڪارن ۽ اڳواڻن جو جرڳو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

لاهور: ريلوي وارو وفاقي وزير حنيف عباسي جي صدارت ۾ ريلوي جو نظام ڊجيٽل ڪرڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ميهڙ ۾ ڳلي جي پراسرار وائرس وگهي وڌيڪ هڪ ٻارڙو فوت، انگ 3 ٿي ويو

وائرس ۾ مبتلا 11 سالن جي طارق پٽ زاهد ڪوسو ڪراچي جي اسپتال ۾ دم ڏئي حوالي ڪيو

پراسرار بيماريءَ سبب علي رضا ڪوسو ۽ زاهران ڪوسو پڻ فوت ٿي چڪا، انتظاميا تماشائي بڻيل

راڌڻ (ن ع) ميهڙ ۾ ڳلي جو پراسرار ۽ خطرناڪ وائرس وگهي اڄ وڌيڪ هڪ معصوم ٻارڙو فوت ٿي ويو وارثن موجب 11 سالن جو طارق پٽ زاهد ڪوسو ڪراچي جي اسپتال ۾ علاج دوران دم ڏئي حوالي ڪيو ان کان اڳ علي رضا ڪوسو ۽ زاهران ڪوسو پڻ ساڳئي پراسرار بيماريءَ سبب فوت ٿي چڪا آهن وائرس جو حملو ايترو تيز آهي جو هن وقت به چار ٻارڙا جن ۾

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

جاپاني وزيراعظم پاران 23 جنوري تي هيٺين ايوان ختم ڪرڻ جو اعلان

ٽوڪيو (اي پي پي) جاپاني وزيراعظم ساناءِ تاڪائيچي اعلان ڪيو آهي ته هو 23 جنوري تي نمائندن واري ايوان ختم ڪندو ته جيئن 8 فيبروري تي وقت کان اڳ چونڊون ڪرائي سگهجن پرڏيهي ميڊيا مطابق پريس ڪانفرنس ۾ جاپاني وزيراعظم چيو ته هو هلندڙ سال جي عام پارلياماني اجلاس جي افتتاحي ڏينهن جمعي تي 465 رڪني هيٺين ايوان ختم

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي ۾ چوري ٿيل 25 لکن جو سون، رقم ۽ سامان هٿ، عورت سميت پنج جوابدار گرفتار

سائيٽ پوليس بستي ۾ احمد ڍر جي گهر مان ٿيل وڏي چوري ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو

گرفتار ٿيلن ۾ سيما زال روشن جهتيال، احمد بخش جهتيال، راجا جهتيال، ماجد جمالي ۽ اختيار ڪوري شامل

جوابدارن وٽان 20 لکن جو سون، هڪ لک روپيا روڪ، 17 ليڊيز سوٽ، هڪ موٽر ۽ ٻيو سامان هٿ آيو

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي سائيٽ پوليس وڏي ڪارروائي ڪندي چوري جي وارداتن ۾ ملوث هڪ عورت سميت پنج جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جن جي قبضي مان لڳ ڀڳ 25 لک رپيا ماليت جو سون، ڪيش ۽ ٻيو سامان هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي ايس ايس پي ڄامشورو محمدظفر صديق ڇانگا جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءُ الله ليپ ٽاپ ورهائي رهيو آهي

نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ملڪي تعمير لاءِ اڻٽر آهي: راڻا ثناءُ الله

ليپ ٽاپ جي ورهاست جو قدم پاڪستان جي روشن مستقبل جي عڪاسي آهي

ڀارتي ميڊيا جي ڪوڙي پروپيگنڊا باوجود ڀارت کي عالمي سطح تي بدنامي ملي

فيصل آباد (اي پي پي) سياسي ۽ عوامي معاملن بابت وزيراعظم جي صلاحڪار سينيٽر راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ويزن موجب نوجوانن کي تعليم تحقيق ۽ ٽيڪنالاجي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسپين ۾ تيز رفتار ريل گاڏين ۾ ٽڪر، 39 ڄڻا فوت، 150 زخمي

ميڊرڊ کان هيلوا ويندڙ ٽرين جو ڊرائيور به فوتين ۾ شامل، 25 زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي

ميڊرڊ (اي پي پي) اسپين جي علائقي اندلس ۾ ٻن تيز رفتار ريل گاڏين جي خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ فوتين جو انگ وڌي 39 ٿي ويو آهي جڏهن ته 150 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن ملڪ جي سرڪاري

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

خيبر پختونخوا ۾ گهرو تڪرار تان هڪ ئي ڪٽنب جا 7 ڄڻا قتل

مقتولن ۾ جوابدار جون 2 نياڻيون، پيءُ، 2 ڀائر ۽ انهن جون 2 گهرواريون شامل

جوابدار پنهنجي گهرڀاتين تي فائرنگ ڪئي، ڪارروائي دوران پوليس تي به گوليون هلايون

پشاور (اي پي پي) ڪرڪ جي علائقي صابرآباد غنڊي مير خان خيل ۾ هڪ شخص، گهريلو تڪرار تان پنهنجي ئي ڪٽنب جي ماڻهن تي فائرنگ ڪري عورتن ۽ معصوم ٻارن سميت 7 ڄڻن کي قتل

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ گندي پاڻي جي تلاءَ مان نوجوان جو گوليون لڳل لاش هٿ آيو

قليلي رحمان ٽائون ۾ هڪ تلاءَ مان نوجوان حماد آرائين جو لاش هٿ ڪيو ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال آندو، وارثن پاران قتل جو شڪ ظاهر ڪيو ويو

حيدرآباد (ڪرائيم رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي رحمان ٽائون ۾ نوجوان جي ڪني پاڻي جي تلاءَ مان گوليون لڳل لاش هٿ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ ايس ايڇ او جي خانگي شخص جو گهر مان گوليون لڳل لاش مليو

فورٽ ٿاڻي جا معاملا هلائيندڙ علي راڻا جو پراسرار نموني گوليون لڳل لاش هٿ

هڪ پوليس مقابلي ۾ ڪيا گوليون لڳيون هيون علاج بعد ڪيس گهر منتقل ڪيو ويو هو: ذريعا

حيدرآباد (ڪرائيم رپورٽر) حيدرآباد فورٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او انور خانزادي جو خانگي ماڻهو جيڪو خانگي نموني ٿاڻي جا سڀ معاملا هلائيندو هيو جو پراسرار نموني گوليون لڳل لاش گهر مان مليو آهي جنهن

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد لٽريچر فيسٽيول جي پڄاڻي، بينظير ڀٽو جي شهادت جو اسڪرپٽ پرڏيهه ۾ لکيو ويو هو: فرحت الله بابر

شهيد راڻي زنده هجي ها ته اڄ پاڪستان ٻيو هجي ها ۽ بار بار آئين ٽوڙڻ وارا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏي ها

شهيد بي بي 2007ع ۾ ڏيهه اچڻ جو فيصلو ڪيو ته گهر ڀاتين ۽ پارٽي اڳواڻن ڪيس منع ڪئي هئي

بينظير ڀٽو پاڪستان ۾ آئين، جمهوريت جي بحالي ۽ عوام جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ آئي هئي: امينا سيد

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد لٽريچر فيسٽيول ايڪ سياسي سماجي علمي ادبي موضوعن تي بحث مباحثن، راڳ ويراڳ سان گڏ پڄاڻي تي پهچي ويو پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ فرحت الله بابر، ناميا ري صحافي غازي صلاح الدين، امينه سيد، مهتاب اڪبر راشدي سميت ٻين جي ڳالهه ٻولهه ٿي حيدرآباد لٽريچر فيسٽيول ۾ ڪالهه ٻئي ڏينهن تي پاڪستان پيپلز

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ملتان: سياري جي موڪلن بعد اسڪول کلڻ تي ٻارڙيون اسڪول وڃي رهيون آهن

بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي جسٽس نجم الدين مينگل مستقل جج جي حيثيت سان حلف کڻي ورتو

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي جسٽس نجم الدين مينگل مستقل جج جي حيثيت سان حلف کڻي ورتو حلف برداري جي تقريب بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ ٿي جتي چيف جسٽس محمد ڪامران ملاخيل جسٽس نجم الدين مينگل کان حلف ورتو ان موقعي تي بلوچستان هاءِ

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ لڳ پارڪو لائين مان تيل چوري جي ڪوشش، جوابدار ٽريڪٽر ٽرالي ڇڏي فرار

ڳوٺ آراضي لڳ چوري بابت ڳوٺاڻن جي اطلاع تي پارڪو عملو ۽ پوليس بروقت پهچي وئي

جوابدار ٽريڪٽر ٽرالي ڇڏي فرار ٿي ويا، 8 جوابدارن خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ جي ڳوٺ آراضي لڳ پارڪو پائيپ لائين مان تيل چوري ڪرڻ جي ڪوشش جو انڪشاف ٿيڻ بعد ڳوٺاڻن جي اطلاع تي پارڪو عملو ۽ پوليس عملو بروقت پهچي ويو جنهن بعد

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سرگوڌا: شاگرديائيون شطرنج جي مقابلي ۾ شريڪ آهن

موڙو هميشه عورت جو ئي هوندو آهي، اهو واپس نٿو وٺي سگهجي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

عورت سان خلع سبب عليحدگي ٿي وڃي ته ان کي عزت سان رهڻ ڏيو: جسٽس محسن اختر

سلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر ڪياني خلع کانپوءِ ڏاج جي تڪرار بابت ڪيس ۾ اهم ريمارڪس ڏنا

اسان وٽ هڪ مائينڊسيٽ ٺهي ويو آهي ته جيڪڏهن زال کي نوٽيس يا چماٽ هڻندئو ته اهو تارڙ آهي: جسٽس ڪياني

عورتون جيترو ڪمپرومائز ڪنديون آهن مرد انهن جي ڀيٽ ۾ هڪ سيڪڙو به ناهن ڪندا: ٻڌڻي دوران ريمارڪس

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر ڪياني خلع کانپوءِ ڏاج جي تڪرار بابت ڪيس ۾ اهم ريمارڪس ڏنا آهن جسٽس محسن اختر ڪياني پنهنجي ريمارڪس ۾

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

توانائيءَ واري وفاقي وزير سان عالمي بئنڪ جي وفد جي ملاقات

اسلامي ترقياتي بئنڪ جي نائب صدر آپريشنز ملاقات سردار اويس سان ملاقات ڪئي

چائينيز کي هلي ڏيڻ لاءِ هول سيل بجلي مارڪيٽ کي مرحليوار آزاد ڪيو پيو وڃي: وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) توانائيءَ واري وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري سان عالمي بئنڪ جي هڪ اعليٰ سطحي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

چين لانگ مارچ 12 ڪيريئر راڪيٽ لانچ ڪري ڇڏيو

بيجنگ (اي پي پي) چين صوبي هينان سان لانگ مارچ 12 ڪيريئر راڪيٽ ڪاميابي سان لانچ ڪندي گهٽ مدار ۾

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسلام جو قلعو آهي وسيلن تي پهريون حق صوبن جي ماڻهن جو آهي: محمود اچڪزئي

ملڪ لاءِ جنهن بهادري سان سانگهڙ جا حر وڙهيا، اهو ڪنهن ٻئي دور ۾ نه ڏٺو ويو

73ع جي آئين جي روح کي ختم ڪيو ويو آهي ۽ سموري طاقت ظلم لاءِ استعمال ٿي رهي آهي: علامه ناصر عباس

پارلياماني نظام کي بار بار معطل ڪيو ويو، 2022 ۾ آيل تبديلي هڪ گرينڊ پروجيڪٽ جو حصو هئي: زين شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پاران آئين پاڪستان جي بنيادي ڍانچي جي تحفظ بابت هڪ اهم تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مختلف وڪيل اڳواڻن، سياسي اڳواڻن ۽ قانوني

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم زراعت بابت ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ايران جي سپريم ليڊر تي حملو جنگ جو اعلان تصور ڪنداسين: ايران جو صدر

ملڪ جي عظيم قائد تي حملو ايران جي عوام خلاف جنگ ڇيڙڻ جي برابر آهي

ايران ۾ معاشي ڏکيائين کي نظر ۾ رکندي 28 ڊسمبر تي احتجاجي مظاهرا شروع ٿيا هئا

تهران (اي پي پي) ايران جي صدر مسعود پيزشڪيان خبردار ڪيو آهي ته ايران جي سپريم ليڊر علي خامنه اي تي ڪو به حملو جنگ جو اعلان تصور ڪيو ويندو پرڏيهي ميڊيا مطابق هن سوشل ميڊيا پليٽ فارم

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم جو سعودي وزير سان رابطو ٻطرفي تعاون تي اتفاق

اسحاق ڊار سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان سان ٽيليفون تي ڳالهايو

علائقائي صورتحال ۽ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي پرڏيهي آفيس پاران

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ٽن مستقل ججن جي حلف برداري، ڪيسن ۾ گهٽتائي ايندي: اعظم تارڙ

ججن جسٽس محمد آصف، جسٽس محمد اعظم خان ۽ جسٽس انعام امين منهاس پنهنجي عهدن جو حلف کڻي ورتو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، جسٽس سردار محمد سرفراز ڊوگر ٽنهي ججن کان عهدن جو حلف ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ مستقل طور مقرر ٿيل ٽن ججن جسٽس محمد آصف، جسٽس محمد اعظم خان ۽ جسٽس انعام امين منهاس پنهنجي عهدن جو حلف کڻي ورتو ان سلسلي ۾ حلف برداري تقريب اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ عدليه، حڪومت ۽ وڪيل برادري جي اهم

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ٻڌ سماءَ وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني کي عالمي اسپيڪرز ڪانفرنس جي تصويرن جو البم ڏئي رهيو آهي

مڪاني ادارن جون چونڊون وقت سر ڪرائڻ لاءِ قانونسازيءَ جي سفارش ڪئي آهي: اليڪشن ڪميشن جو ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن طرفان مڪاني چونڊون وقت سر ڪرائڻ لاءِ قانونسازيءَ جي سفارش ڪئي وئي آهي لوڪل گورنمينٽس ملڪي جمهوري ادارن جو اهم ٿنڀ آهن جيڪي مقامي سطح تي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوباگو ۾ نوجوان ارشاد علي ميمڻ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ شٽر بند هڙتال، ڌرڻو

مظاهرين امين سنڌي، خدا ڏنو شاهه، دلبر سنڌي، گلزار علي ميمڻ، حبدار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڌرڻي ۾ امير آزاد پنهور، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، وڪيل احمد ميمڻ، زمان زئور، محبوب اڄڙو ۽ ٻين پهچي يڪجهتي ڪئي

ٽنڊوباگو (رپورٽ: شير علي خواجا) ڏيڍ مهينو اڳ گهران نڪرڻ کان پوءِ ڏيڍلو پرسان قتل ٿيل نوجوان ارشاد علي ميمڻ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ٽنڊوباگو ۾ شٽر بند هڙتال باگو واهه چوڪ تي ست ڪلاڪ ڌرڻو، خبر موجب ٽنڊوباگو شهر مان گم ٿيڻ بعد 15 ڏينهن ڪانپوءِ ڏيڍلو تعلقي جي ڳوٺ هيلاريو پرسان جهنگ ۾ قتل ٿيل

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

دادو ۾ نادر جمالي معاملي تي ڌرڻو، نثار کهڙو، رفيق جمالي ۽ ٻين کان ڳالهيون ڪامياب، احتجاج ختم

انڊس هاءِ وي تي جمالي برادري جي وڏي انگ ۾ ماڻهن مسلسل 13 ڪلاڪن تائين ڌرڻو هنيو ويو

شهيد بي بي 2007ع ۾ ڏيهه اچڻ جو فيصلو ڪيو ته گهر ڀاتين ۽ پارٽي اڳواڻن ڪيس منع

واقعي جي عدالتي جاچ ۽ پوليس عملي کي ٻن ڏينهن ۾ هٽائڻ جي خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو

دادو (رپورٽ: ولي محمد لنڊ) دادو ۾ نادر جمالي جي پوليس مقابلي ۾ مارجڻ وارو معاملو شهيد مخدوم بلاول ٽول ٽيڪس انڊس هاءِ وي تي لڳل جمالي برادري جي وڏي ڌرڻي ۾ وارثن وٽ پاڪستان پيپلز پارٽي صوبي سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو ايم اين اي رفيق احمد جمالي ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق اي ڊي سي ون دادو سميع الله وڳڻ پهچي ويا، وارثن جي مطالبن کي ٻڌي، جوڊيشل انڪوائري سميت موجوده پوليس عملي کي ٻن ڏينهن

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 وزيراعظم

هڪ هزار زرعي گريجوئيٽس زرعي معيشت جي تقدير بدلائي سگهن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه سومر ڏينهن پاڪ چين ايگري انويسٽمينٽ ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي راڻا تنوير حسين، جام ڪمال، اويس لغاري، عطاءُ الله تارڙ، شزه فاطمه خواجه سميت وفاقي ۽ مملڪتي وزير، پاڪستان ۾ چين جو سفير جيانگ زائي ڊونگ، بيجنگ ۾ پاڪستان جو سفير خليل هاشمي، پاڪستاني ۽ چيني ڪمپنين جا نمائندا ۽ اعليٰ سرڪاري عملدار پڻ موجود هئا. وزيراعظم زراعت کي پاڪستاني معيشت جي ڪرنگهي جي هڏي قرار ڏيندي چيو ته ان ۾ وسيع موقعا موجود آهن. جديد ٽيڪنالاجي کي استعمال ۾ آڻي پيداوار وڌائڻي پوندي، ان سلسلي ۾ ڪجهه ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. گهڻو ڪجهه ڪرڻ اڃا باقي آهي. سائنسدانن ۽ زرعي ماهرن کي پاڻي جي بهترين استعمال پوکيءَ جي جديد طريقن کي استعمال ۾ آڻڻو پوندو ۽ ويليو چين، ڪولڊ چين ۽ ويليو ايڊيشن کي يقيني بڻائڻو پوندو. وزيراعظم چيو ته چين پاڪستان کي بهترين مهارتون ۽ ٽيڪنالاجي فراهم ڪري رهيو آهي. 2024ع ۽ 2025ع ۾ چين ۾ بي ٽو بي ۽ جي ٽو جي مفاهمتي يادداشتن جي مناسبتا ٿي، انهن ايم او يوز کي پاڪستان ۽ چين جا ڪاروباري ادارا گڏجي عملي معاهدن ۾ بدلائي رهيا آهن. وزيراعظم ٻڌايو ته هڪ هزار پاڪستاني زرعي گريجوئيٽس کي سڄي ملڪ مان ميرٽ تي چونڊي چين جي زرعي يونيورسٽين ۽ تحقيقاتي مرڪزن ۾ موڪليو جتي انهن بهترين معيار جي تربيت ۽ مهارتون حاصل ڪيون اهي هتي اچي آبادگارن جي مدد ڪندا، انهن جي مهارتن ۽ صلاحيتن مان فائدو کڻي زرعي معيشت جي تقدير بدلائي سگهجي ٿي هن چيني سفير جي تقرير کي ساراهيندي چيو ته زرعي ٽيڪنيڪ، آءِ ٽي ۽ مصنوعي ذهانت جي شعبي ۾ چين جي ترقي بي مثال آهي، پاڪستان ۽ چين جا دوستاڻا لاڳاپا سالن تي ٻڌل آهن ۽ هلندڙ سال اسان پنهنجي سفارتي لاڳاپن جي 75هين سالگرهه ملهائي رهيا آهيون. هن پاڪستاني آبادگارن، زرعي ادارن ۽ ماهرن تي زور ڏنو ته اهي اڳتي اچن، پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪن ۽ اهو ڪمال ڪري ڏيکارين جنهن جي پاڪستان جي زرعي معيشت کي ضرورت آهي. هن چيو ته اسان جي نوجوانن ۾ اها صلاحيت موجود آهي ته اسان پنهنجي زرعي معيشت کي سالن ۾ نه مهينن ۾ بدلائي سگهون ٿا. هن ناڻي واڌ، پاليسي ريٽ ۾ نمايان گهٽتائي، روانگي واپار ۾ اضافي ۽ معاشي انگن اکرن ۾ بهتري جو ذڪر ڪندي چيو ته پاڪستان جي معيشت استحڪام ڪانپوءِ پائيدار ترقي طرف گامزن آهي. زراعت ۾ چين پاڪستان جي هر ممڪن مدد جي لاءِ تيار آهي. پاڪستان چينين جو ۽ چين پاڪستانين جو ٻيو گهر آهي. ٻنهي ملڪن جي دوستي فولاد کان مضبوط ۽ ماکيءَ کان وڌيڪ مٺي آهي. چيني صدر هڪ ويزنري ليڊر آهي جيڪو نه رڳو چين جي ترقي ۾ گهڻ رخي لاڳاپن ۽ گڏيل تقدير تي يقين رکي ٿو. وزيراعظم چيو ته هو سي پيڪ 2.0 کي حقيقت ۽ ڪاميابي ۾ بدلائڻ جو منتظر آهي. وزيراعظم پاڪستان ۾ نوجوانن جي وڏي آبادي کي هڪ چئلينج سان گڏوگڏ هڪ وڏو موقعو قرار ڏيندي چيو ته انهن نوجوانن ۾ وڏيون صلاحيتون موجود آهن. انهن کي زراعت، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعي ذهانت سميت جديد مهارتن سان ليس ڪري رهيا آهيون. نوجوان اسان جو مستقبل ۽ ايندڙ سڀاڻي جي اميد آهن. جيڪڏهن انهن جون صلاحيتون استعمال ۾ آنديون وڃن ته معيشت کي سالن ۾ نه مهينن ۾ بدلائي سگهون ٿا. ان کان اڳ چين جي سفير جيانگ زائي ڊونگ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان چين زرعي سيڙپڪاري ڪانفرنس ۾ شرڪت سندس لاءِ خوشي جوڳي آهي. زرعي تعاون تي ڳالهه ٻولهه جي لاءِ گڏ ٿيڻ انتهائي اهميت رکندڙ آهي. هن چيو ته عالمي اقتصادي ترقي ۾ اسان جو حصو اٽڪل 30 سيڪڙو آهي. چين دنيا جي ٻين ملڪن جي لاءِ نوان موقعا فراهم ڪيا آهن. هن وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قيادت ۾ معيشت جي گذريل سال 3 سيڪڙو کان وڌيڪ ترقي کي ساراهيندي چيو ته مالي سال 2026ع جي پهرين ڇ ماهي ۾ اها شرح 3.71 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. ڪيترن ئي اهم معاشي انگن اکرن ۾ بهتري آئي آهي. مهانگائي جي شرح 4 سيڪڙو تي برقرار، عوام جي زندگي جو معيار بهتر ٿيو آهي. ڪرنٽ اڪائونٽ سرپلس 2.1 ارب آمريڪي ڊالر تائين پهچي ويو آهي. پاڪستان جا پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا 21.2 ارب آمريڪي ڊالر ٿي ويا آهن جنهن تي آئون وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ پيارڙ پاڪستاني عوام کي دلي مبارڪباد ڏيان ٿو. هن ٻڌايو ته 2026ع ۾ چين 15هون 5 سالا منصوبو تيار ۽ ان تي عملدرآمد ڪندو. هن چيو ته وزيراعظم جي چين جي دوري دوران طئي ٿيندڙ فيصلن تي عملدرآمد کي تيز ڪنداسين. صدر شي جن پنگ، پاڪستان جي صدر ۽ وزيراعظم جي وچ ۾ طئي ٿيندڙ اهم اتفاق راءِ تي مڪمل عملدرآمد ڪنداسين. ترقياتي منصوبن ۽ ٻطرفي ايڪشن پلانز جي وچ ۾ هم آهنگي کي وڌيڪ سگهه ملندي.

بقايا 2 معاوضي جو اعلان

منتقل ڪيا ويا آهن جتي طبي معائني ۽ ڊي اين اي ٽيسٽ کان پوءِ اهو طئي ڪيو ويندو ته اهي عضوا ڪيترن ماڻهن جا آهن. آفيسرن چيو ته تازي ڪارروائي ۾ هٿ آيل ٻن لاشن کي به سول اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي سانحي ۾ اڃا تائين 74 ماڻهو گم آهن. جڏهن ته ڳولا ۽ بحالي جو عمل جاري آهي ٻئي طرف سي پي ايل سي سڃاڻپ پروجيڪٽ انچارج چيو ته سول اسپتال ۾ آندا ويا ڪجهه انساني عضوا هڪ ئي شخص جا هجڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته سڃاڻپ لاءِ 10 متاثر ماڻهن جا ڊي اين اي نمونا ورتا ويا آهن. آفيسرن جو چوڻ آهي ته عمارت کي سخت نقصان پهتو آهي ۽ ڪيترائي حصا ڪري پيا آهن جنهن جي ڪري بچاءَ جو ڪم انتهائي احتياط سان جاري رکيو پيو وڃي ٻئي طرف سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گل پلازا ۾ پيش آيل افسوسناڪ باهه لڳڻ واري واقعي بابت جامع امدادي پيڪيج جاچ ۽ فائر سيفٽي سڌارن جو اعلان ڪيو آهي هي اعلان هن وزيراعليٰ هائوس ۾ پريس ڪانفرنس دوران ڪيو جتي واپاري ۽ ڪاروباري اڳواڻ محمد جاويد بلواڻي محمد ادريس ميمڻ محمد رضا، محمد جنيد مقطه، محمد طارق يوسف ۽ محمد تنوير پاسدا موجود هئا. ان موقعي تي صوبائي وزير ناصر شاهه ۽ سعيد غني، صلاحڪار گيانچند ايسراڻي ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي ۽ ڊي سي سائوٿ جاويد ڪوسو به شريڪ هئا. وڏي وزير واقعي کي ياد ڪندي چيو ته گل پلازا ۾ باهه لڳڻ جو دل ڏڪوئيندڙ واقعو رات لڳ ڀڳ 10:15 وڳي پيش آيو هن چيو ته باهه لڳڻ جو حتمي سبب اڃا تائين سامهون نه اچي سگهيو آهي پر ابتدائي جائزي موجب شارٽ سرڪٽ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. ريسڪيو آپريشن جون تفصيلون سيد مراد علي شاهه ميڊيا کي ٻڌايو ته باهه وسائڻ لاءِ 24 فائر بريگيڊ گاڏيون 10 واٽر باوزر ۽ 4 اسنورڪل گاڏيون استعمال ڪيون ويون ڪي ايم سي جا لڳ ڀڳ 100 فائر فائٽر ۽ ريسڪيو 1122 جا ٻيا 100 اهلڪار آپريشن ۾ شامل هئا. هن چيو ته عمارت جي بناوٽ سبب اندر وڃڻ ڏکيو رهيو ۽ اڃا تائين لڳ ڀڳ 10 سيڪڙو باهه سلڳي رهي آهي. معاوضو ۽ امدادي پيڪيج: وڏي وزير اعلان ڪيو ته باهه جي واقعي ۾ فوت ٿيندڙ هر شهري جي وارثن کي هڪ ڪروڙ رپيا معاوضو ڏنو ويندو هن يقين ڏياريو ته متاثر دڪاندارن کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو ۽ کين ٻيهر پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ مڪمل مدد ڪئي ويندي. هن ٻڌايو ته متاثرن جي مدد لاءِ خصوصي ڪميٽي جوڙي وئي آهي. واپارين جي ڪميٽي مالي نقصان جو جائزو وٺندي جڏهن ته حڪومت ان مطابق سهڪار فراهم ڪندي متاثر دڪاندارن لاءِ عارضي متبادل جڳهن بابت تجويزون به غور هيٺ آهن. جاچ جو اعلان سيد مراد علي شاهه ٻڌايو ته واقعي جي جاچ لاءِ ڪراچي ڪمشنر جي سربراهي ۾ جاچ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي

بقايا 3 اعلان

پلازه سانحي تي واپاري برادري ڪن ڏينهن جي سوگ جو اعلان ڪيو آهي هن چيو ته اها حقيقت آهي ته پراڻين مارڪيٽن ۾ سيفٽي ۽ ايمرجنسي قدمن جي کوٽ آهي جڏهن ته واپاري برادري باهه سبب ٿيندڙ جاني ۽ مالي نقصان برداشت ڪرڻ جي سگهه نٿي رکي.

بقايا 4 ڪوشش

ڪوشش ڪئي وئي، ڪيس بچائڻ لاءِ پوليس اهلڪارن کيس ڊي سي آفيس جي اندر داخل ڪيو ذريعن موجب ميئر ڪراچي گل پلازه جي متاثر ٿيندڙ دڪاندارن سان همدردي ظاهر ڪرڻ ۽ علائقي جو دورو ڪرڻ لاءِ پهتو هو پر انهي دوران ڪجهه مشتعل ماڻهن حملي جي ڪوشش ڪئي ان دوران مشتعل ماڻهن ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن ۾ جهڙپون پڻ ٿيون مشتعل ماڻهن ڊي سي آفيس جي دروازن تي لتون هنيون. ميئر ڪراچي جي خلاف استعيفيٰ ڏيڻ جي سخت نعريبازي ڪئي پوليس ۽ سيڪيورٽي اهلڪار ميئر کي محفوظ رکڻ ۽ هجوم کي روڪڻ ۾ ڪامياب رهيا. ميئر ڪراچي بعد ۾ پنهنجي دوري کي جاري رکندي متاثر دڪاندارن سان ملاقات پڻ ڪئي. ۽ کين هرممڪن سهڪار جي خاطري ڪرائي.

بقايا 5 گورنر

جائزو ورتو. موقعي تي موجود ڊپٽي ڪمشنر گورنر سنڌ کي باهه وسائڻ ۽ بچاءَ جي ڪمن بابت آگاهه ڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي گورنر سنڌ چيو ته 28 ڪلاڪ گذرڻ باوجود باهه تي مڪمل طور تي ضابطو نه اچي سگهيو آهي جنهن سبب ماڻهو سخت پريشاني ۾ آهن هن چيو ته 60 کان وڌيڪ ماڻهن جي گم ٿيڻ جون رپورٽون انتهائي پريشان ڪندڙ آهن ۽ هي واقعو هاڻي هڪ قومي الميو بڻجي چڪو آهي. گورنر سنڌ چيو ته هن وقت پهرين ۽ سڀ کان اهم ترجيح قيمتي انساني جانيون بچائڻ آهي هن چيو ته باهه جي سبب ضرور تعين ڪيو ويندو پر هن وقت سڄو ڌيان جانيون بچائڻ تي ڏيان. هن لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته اهي سڀئي دستياب وسيلا استعمال ڪندي بچاءَ جي ڪم کي وڌيڪ تيز ڪن هن چيو ته اهي شهر جي ڪن وڏن بلڊرز سان مسلسل رابطي ۾ آهن ته جيئن متاثر مارڪيٽ کي بحال ڪيو وڃي ته جيئن متاثر واپارين کي جلد امداد فراهم ڪري سگهجي.

بقايا 6 چيف فائر آفيسر

ڪيترين ئي المناڪ ڪهاڻين کي جنم ڏنو آهي. جنهن ۾ 26 ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن. جڏهن ته 59 ماڻهن بابت اڃا تائين ڪا به پڪ ناهي ته اهي زنده آهن يا باهه ۾ سڙي ويا آهن. سومر ڏينهن صبح اٺين وڳي تائين ڪراچي جي ايم اي جناح روڊ تي واقع اهم ترين تجارتي مرڪز گل پلازه ۾ لڳل باهه تي مڪمل طور ضابطو نه آڻي سگهيو هو پلازه جي پٺئين پاسي گرائونڊ فلور تي باهه ٻري رهي هئي ۽ سيڪنڊ فلور تي به باهه جا شعلا نظر اچي رهيا هئا. پٺئين پاسي فائر بريگيڊ جون سڀ گاڏيون ڪم بند ڪري ويليون هيون فائر بريگيڊ اختيارين جو چوڻ هو ته عمارت ڪري پوڻ جو خدشو آهي ان ڪري فائر فائٽنگ عارضي طور روڪي وئي. ڪنڊر بڻجي ويل گل پلازه ۾ ڪولنگ جو عمل ۽ لاپتا ماڻهن جي ڳولا جاري آهي امدادي ڪارروائين ۾ ملبو هٽائڻ لاءِ پاڪ فوج ۽ ايف ڊبليو او جي ڀاري مشينري ۽ دستا به شامل ڪيا ويا آهن چيف فائر آفيسر جو چوڻ آهي ته عمارت انتهائي مخدوش آهي ۽ گهڻي دير اندر رهڻ خطرناڪ آهي ڪراچي جي چيف فائر آفيسر چيو ته باهه لڳڻ واري هنڌ ماڻهن جو وڏو هجوم موجود هو جنهن سبب ريسڪيو آپريشن ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو هن چيو ته اهو چوڻ ته فائر بريگيڊ دير سان پهتي صرف لفظي ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون ميئر ڪراچي آن بورڊ هئا ۽ کين لمحي لمحي جي صورتحال کان آگاهه ڪيو پئي ويو پاڻي جي کوٽ ۽ ٻيا ضروري وسيلا به لڳاتار مهيا ڪيا ويا، ۽ پهرين ئي ڏينهن باهه وسائڻ لاءِ فوم استعمال ڪيو ويو.

بقايا 7 فضل الرحمان

تبديليون اچي رهيون آهن پراڻن سياسي ۽ اقتصادي نظامن جي پيچ ڊاهه دنيا کي جنجهوڙي ڇڏيو آهي، عالمي سياست جي تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ روشنيءَ ۾ پاڪستان جي اجتماعي ۽ قومي قيادت جي بصيرت جي آزمائش شروع آهي، ان حالتن ۾ سياسي تڪرارن کي گهرو ڪرڻ بدران قومي هم آهنگي کي وڌائڻ جي ضرورت هوندي. اهڙو اظهار هن شورڪوٽ ۾ پنهنجي رهائشگاهه تي سينيئر صحافين، وانا ۽ لڪي مروت جي معززن سان ملاقات دوران ڪيو ان موقعي تي مرڪزي ڊجيٽل ميڊيا ڪميٽيءَ جو سربراهه مولانا ضياءُ الرحمان به شامل هو مولانا فضل الرحمان چيو ته گذريل ٻن سؤ سالن ۾ اسان جي خطي بادشاهتن نؤ آبادياتي ڏاڍ، جمهوريت ۽ ڪميونزم سميت ڪيترن ئي سياسي نظامن کي آزمايو ان ۾ ڪنهن به طاقت جي مرڪزيت ڪانسواءِ انسانيت جي فلاح جو فرض پورو نه ڪيو هن وقت دنيا جي سمورن سياسي نظامن انسانذات جي ڏکن جو ازالو ڪرڻ ۽ فلاحي معاشرن جي قيام جو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪا آهن. 17هين صدي ۾ نسل انساني کي ٻڌايو ويو ته سڀني انساني مسئلن جو حل سائنس جي ترقيءَ ۾ آهي پر سائنس جي ترقي انسانذات جي فلاح بدران طاقت حاصل ڪرڻ جو ذريعو ۽ رتوڇاڻ ۾ واڌ جو سبب بڻي، وڏين طاقتن ايٽم بمن، هائيڊروجن بم ۽ اهڙيون بيرحم جنگي مشينون تيار ڪيون جن ڪروڙين انسانن کي موت جي ور چاڙهي ڇڏيو اڃا ويجهڙ ۾ ئي اسرائيل غزه جي سويلين آباديءَ کي ڪيميائي هٿيارن سان نشانو بڻائي 80 هزار کان وڌيڪ بيگناهه شهرين کي شهيد ڪيو آمريڪا طرفان وينزويلا جي صدر کي اغوا ڪرڻ ڪانپوءِ ايٽمي جنگ جو خطرو موجود آهي يعني سائنس انسانيت کي موت جي دروازي تي پهچائي ڇڏيو.

بقايا 8 ڳالهيون

سان تازي علائقائي صورتحال جڏهن ته ٻطرفي ۽ گهڻ رخي معاملن تي ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ڪئي ڪالهه سومر ڏينهن پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان موجب ٻنهي اڳواڻن مسلسل رابطي ۽ تعاون جي اهميت تي زور ڏنو ۽ ورلڊ اڪنامڪ فورم جي موقعي تي ڊيووس ۾ ملاقات تي اتفاق ڪيو.

بقايا 9 امير مقام

شهه رڳ آهي ۽ جيستائين ڪشمير مسئلو گڏيل قومن جي قراردادن موجب حل نٿو ٿئي خطي ۾ پائيدار امن ممڪن ناهي هن عالمي برادريءَ تي زور ڀريو ته هو ڀارت جي ظلمن جو نوٽيس وٺي ۽ ڪشميري عوام کي سندن خوداراديت وارو حق ڏيارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري اها ڳالهه هن ڪالهه ڪيپ ٽائون ڏکڻ آفريڪا ۾ پاڪستاني ۽ ڪشميري برادري طرفان رکيل گرينڊ ڪنوينشن کي خطاب ڪندي چئي ڏکڻ آفريڪا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اهڙو عظيم الشان ڪنوينشن منعقد ٿيو جنهن ۾ سڀني سياسي پارٽين جي نمائندن شرڪت ڪئي. ڪنوينشن کي خطاب ۾ انجنيئر امير مقام چيو ته ڀارت طرفان والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون هڪ ڏکوئيندڙ تاريخ رکن ٿيون ۽ بدقسمتي سان هي سلسلو اڄ به جاري آهي.

بقايا 10 صدر ٽرمپ

موجب صدر ٽرمپ خط ۾ گرين لينڊ تي مڪمل آمريڪي ڪنٽرول جي مطالبي کي ورجايو ۽ چيو ته عالمي سلامتي ان وقت تائين ممڪن ناهي جيستائين آمريڪا کي گرين لينڊ تي مڪمل اختيار حاصل نه هجي. ٽرمپ خط ۾ لکيو ته مان 8 جنگيون روڪيون. ان باوجود نوبيل امن انعام نه ڏيڻ مايوس ڪندڙ آهي جنهن ڪانپوءِ هاڻ مان رڳو امن بابت فيصلا ڪرڻ جو پابند ناهيان رهيو هن ڊنمارڪ تي تنقيد ڪئي ۽ سوال اٿاريو ته هو گرين لينڊ کي روس يا چين کان ڪيئن محفوظ رکي سگهي ٿو گرين لينڊ تي ڊنمارڪ جي ملڪيتي حق جون واضح شاهديون موجود ناهن. ٽرمپ نيٽو تي به زور ڏنو ته هو آمريڪا لاءِ عملي قدم کڻي ۽ دعويٰ ڪئي ته هن نيٽو لاءِ ڪنهن به ٻئي اڳواڻ کان وڌيڪ خدمتون انجام ڏنيون آهن.

بقايا 11 ملاقات

بيان موجب ملاقات سينيٽ چيئرمين جي سرڪاري رهائشگاهه تي ٿي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ تازو ئي اسلام آباد ۾ منعقد ٿيندڙ بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس (آءِ ايس سي) جو ڊجيٽل البم سينيٽ چيئرمين کي پيش ڪيو جنهن ۾ ڪانفرنس جي اهم لمحن، عالمي سطح تي شرڪت ڪندڙ معزز اسپيڪرز ۽ پارليامينٽرين سيشنز ۽ ٻين سرگرمين کي محفوظ ڪيو ويو آهي سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ڪانفرنس جي شاندار ميڊيا ڪوريج ۽ موثر تشهير تي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير ۽ سندس پوري ٽيم جا ٿورا ادا ڪيا. هن چيو ته ڪانفرنس جا مثبت اثر هاڻي واضح طور تي سامهون اچي رهيا آهن ۽ عالمي سطح تي پاڪستان جو تشخص وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي سينيٽ چيئرمين چيو ته بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس جو مرڪزي موضوع امن سلامتي ۽ ترقي هو جنهن تحت اسلام آباد پڌرنامو متفقه طور تي منظور ڪيو ويو.

بقايا 12 سهيل آفريدي

منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلع خيبر ۾ امن امان جي صورتحال ۽ تيراهه مان لڏ پلاڻ ڪندڙ خاندانن کي پيش ايندڙ مسئلن تي تفصيلي غور ڪيو ويو قومي صلاحڪارن امن جي بحالي ۽ تيراهه متاثرين جي باعزت لڏ پلاڻ بابت تجويزون پيش ڪيون وڏي وزير تيراهه متاثرين کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته خيبرپختونخواهه حڪومت تيراهه متاثرين کي هر ممڪن سهوليت فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته خيبرپختونخواهه حڪومت تيراهه متاثرين کي بي يارو مددگار نه ڇڏيندي، تيراهه مان لڏ پلاڻ ڪندڙ ماڻهن جي مدد لاءِ پوري قوم متحد آهي سهيل آفريدي چيو ته خيبرپختونخواهه جون سموريون سياسي پارٽيون انهي ڳالهه تي متفق آهن ته ملٽري آپريشن ڪنهن به مسئلي جو حل نه آهي.

بقايا 13 ٻارڙو فوت

صغران علي عباس سارنگ ۽ سائره شامل آهن. ڪراچي جي اسپتالن ۾ زندگي ۽ موت جي جنگ وڙهي رهيا آهن ٻئي طرف ضلعي انتظاميا ۽ صحت کاتي جي مجرمانه خاموشي خلاف وارثن ۽ شهرين سخت احتجاج ڪيو آهي ميهڙ واسين جو چوڻ آهي ته ڊي سي دادو ڊي ايڇ او دادو فوڪل پرسن دادو ۽ صحت کاتو اگهور ننڊ ۾ ستل آهن علائقي ۾ ڪا به ميڊيڪل ٽيم ناهي موڪلي وئي ۽ نه ئي وائرس جي روڪٿام لاءِ ڪي اپاءَ ورتا ويا آهن.

بقايا 14 اعلان

ڪندو هن چيو ته ووٽنگ 8 فيبروري تي ٿيندي، جڏهن ته باضابطا چونڊ مهم 27 جنوري کان شروع ٿيندي اها چونڊ جيڪا 21 آڪٽوبر تي وزيراعظم ساناٽي تاڪائيچي جي منصب سنڀالڻ ڪانپوءِ پهرين چونڊ هوندي، موجوده هيٺين ايوان جي مدو ختم ٿيڻ ۾ 2 سال کان وڌيڪ وقت باقي رهندي منعقد ڪئي پئي وڃي.

بقايا 15 جوابدار گرفتار

خاص هدايتن ۽ ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو جي نگراني هيٺ، ايس ايڇ او ڪوٽڙي سائيٽ انسپيڪٽر خير محمد ملاح ۽ پوليس پوسٽ خدا جي بستي جي انچارج مير هزار خان سولنگي جي سربراهي ۾ ڪارروائي ڪئي وئي. پوليس موجب، خدا جي بستي واري علائقي ۾ احمد ڍهر جي گهر ۾ 12 جنوري 2026ع تي ٿيل چوري جي واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. گرفتار ٿيلن ۾ سيمه ژال روشن جهٽيال، احمد بخش جهٽيال، راجا جهٽيال، ماجد جمال ۽ اختيار ڪوري شامل آهن. پوليس جوابدارن وٽان لڳ ڀڳ 20 لک رپين جو سون، هڪ لک رپيا ڪيش، هڪ بيٽري، ٻه لاڊ اسپيڪر، 17 ليڊيز سوٽ، هڪ موٽر ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو آهي.

بقايا 16 فرار

چور ٽريڪٽر ٽرالي ڇڏي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس جاءِ واردات تي بيٺل ٽريڪٽر ٽرالي ڪلپ ۽ ٻيو سامان تحويل ۾ وٺي ڇڏيو هوڏانهن پارڪو ڪمپني بوبڪ جي اسسٽنٽ سيڪيورٽي آفيسر محمد هارون پلي سيوهڻ ٿاڻي تي پهچي پنهنجي فرياد تي سيوهڻ ٿاڻي تي 8 جوابدارن خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو آهي. داخل ڪرايل ايف آئي آر ۾ 4 جوابدارن کي نامزد ڪيو ويو جن ۾ زمين جو مالڪ سيد فهد حسين، وينل سيوهڻ واڍيو گائينچو حاڪم علي گائينچو ۽ سڪندر علي گائينچو وينل گوٺ الهوڙايو گائينچو شامل آهن. جڏهن ته ايف آئي آر ۾ 4 ڄڻن کي نامعلوم ڄاڻايو ويو آهي.

بقايا 17 حلف کڻي ورتو

ڪورٽ جي ججن سينئر وڪيلن سرڪاري آفيسرن سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. حلف برداري جي تقريب ڪانپوءِ شرڪت ڪندڙ جسٽس نجم الدين مينگل کي مستقل جج جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪون ڏنيون ۽ سندس لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

بقايا 18 فرحت الله بابر

پارٽي جي سينيئر اڳواڻ فرحت الله بابر پاران شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو تي لکيل ڪتاب تي ريهڪ ٿي ان موقعي تي پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي سينيٽر فرحت الله بابر ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن شهيد بينظير ڀٽو زنده هجي ها ته اڄ جو پاڪستان ٻيو هجي ها ۽ بار بار آئين ٽوڙڻ وارا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏي ها. هن چيو ته سال 2001ع کان 2007ع تائين آمريڪا جي گاڏي واري هنڌ واشنگٽن ۾ اسڪريٽ لکي شهيد بينظير ڀٽو کي پيغام پهچايو ويو ته اها 2007ع تائين پاڪستان نٿي وڃي سگهي ان عرصي تائين پرويز مشرف خلاف ڪابه اپوزيشن برداشت نه ڪئي ويندي، پاڪستان مان دهشتگردن جو خاتمو آئي پاڪ پارٽ تعلقاتن کي بهتر بنائڻ تي ڪم ڪيو ويندو ۽ پوءِ تاريخ اها ڳالهه سچ ثابت ڪئي هن چيو ته ڇا 27 ڊسمبر 2007ع جو واقعو ۽ بينظير ڀٽو جي شهادت جو اسڪريٽ به ٻاهر لکيو ويو هو اهو سوال اڄ به منهنجي ذهن مان اڀري اچي ٿو.

بقايا 19 لاش مليو

بابت پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو اتفاقي طور تي ٿيو آهي کيس ڪنهن به قتل ناهي ڪيو هوڏانهن پوليس ذريعن موجب حالي روڊ ۾ هڪ پوليس مقابلي ۾ علي راڻا راجپوت کي گوليون لڳيون هيون جنهن جو علاج ڪرائڻ بعد گهر منتقل ڪيو ويو جتي هو فوت ٿي ويو آهي علي راڻا جي پاڻين جو موقف سامهون اچي نه سگهيو آهي.

بقايا 20 لاش هٿ

آيو آهي وارثن پاران قتل جو شڪ ظاهر ڪيو آهي ڪالهه ڦليلي ٿاڻي جي حد رحمان ٽائون ۾ هڪ ڪئي پاڻي جي ٽلام سان هڪ نوجوان حماد آرائين جو گوليون لڳل لاش هٿ آيو آهي جيڪو اطلاع تي پوليس سول اسپتال حيدرآباد آڻي قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته فوتي جي والد موجب سندس پٽ ڪن ڏينهن کان لاپتا هو جنهن جي ڳولا باوجود خبر نه پئي پر سندس لاش ڪئي پاڻي مان مليو آهي اسان کي شڪ آهي ته کيس قتل ڪري لاش ڦٽو ڪيو ويو آهي واقعي جي جاچ ڪري ذميوارن کي گرفتار ڪيو وڃي هوڏانهن پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي جنهن بعد خبر پوندي.

بقايا 21 ڪي پي ڪي قتل

ڪري ڇڏيو. ڪرڪ جي ڊي پي او مطابق جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ هن کان جاچ جاري آهي ڪرڪ پوليس موجب مقتولن ۾ جوابدار جون 2 ڀائٽيون ڀيڻ 2 ڀائر ۽ انهن جون 2 گهرواريون شامل آهن اطلاع ملڻ تي مقامي ماڻهن، پوليس جي نفري ۽ امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ سمورن لاشن کي پوسٽ مارٽم لاءِ ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال ڪرڪ منتقل ڪيو ريسڪيو 1122 ڪرڪ مطابق مقتولن ۾ 50 ورهين جو ظفر الله، 48 ورهين جو خورشيد، 40 ۽ 30 ورهين جون 2 عورتون، هڪ 6 ورهين جي ڀائٽي ۽ 3 مهينن جي ڀائٽي شامل آهن.

بقايا 22 زخمي

ٽي وي جي رپورٽ مطابق واقعي ۾ 150 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا آهن جن مان 25 جي حالت گنڀير ڄاڻائي وڃي ٿي جڏهن ته ميڊرڊ کان هيلوا ويندڙ ٽرين جو ڊرائيور به فوتين ۾ شامل آهي ريل نيٽورڪ هلائيندڙ اداري ايڊف طرفان سوشل ميڊيا تي ڪيل پوسٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ميڊرڊ ويندڙ ٽرين ايڊاموز ويجهو ان وقت پٽڙيءَ تان لهي وئي جڏهن ويجهو ئي هڪ ٻئي پٽڙيءَ تان ٻي ٽرين گذري رهي هئي بيان مطابق حادثو شام 6 لڳي 40 منٽ تي پيش آيو ۽ ان کان 10 منٽ اڳ ئي ٽرين قرطبه کان ميڊرڊ طرف روانو ٿي هئي.

بقايا 23 راڻا ثناءَ الله

ذريعي بااختيار بڻائڻ خود ڪفيل پاڪستان جي تعمير لاءِ اٿر آهي هو ڪالهه هتي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي فيصل آباد ۾ وزيراعظم ليپ ٽاپ اسڪيم تحت 1934 شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ ليپ ٽاپ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو هن چيو ته نوجوان ڪنهن به ملڪ ۽ قوم جو قيمتي اثاثو هوندا آهن ۽ ليپ ٽاپ جي ورهاست جو هي قدم پاڪستان جي روشن مستقبل جي عڪاسي ڪري ٿو هن وزيراعظم يوٿ پروگرام جي ٽيم کي مبارڪون ڏيندي چيو ته ان اسڪيم جو بنيادي مقصد ميرٽ کي هٿي ڏيڻ ۽ باصلاحيت شاگردن کي هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ آهي راڻا ثناءَ الله چيو ته ڊجيٽل دؤر ۾ ٽيڪنالاجي اٿر ٿي چڪي آهي ۽ وزيراعظم ليپ ٽاپ اسڪيم تحت هن وقت تائين سڄي ملڪ ۾ تقريبن 6 لک ليپ ٽاپس ورهائجي چڪا آهن هن ٻڌايو ته گذريل سال هڪ لک ليپ ٽاپس فراهم ڪيا ويا، جن مان 58 هزار ليپ ٽاپس شاگرديائين کي ڏنا ويا جنهن سان تعليم تحقيق ۽ روزگار جي موقعن ۾ نمايان بهتري آئي هن چيو ته ليپ ٽاپ حاصل ڪندڙ شاگردن لاءِ اعزاز سان گڏوگڏ ذميداري به آهي ۽ شاگردن کي گهرجي ته هو ان سهولت کي مثبت انداز ۾ تعليم جدت ۽ تحقيق لاءِ استعمال ڪن.

بقايا 24 واڪ آئوٽ

ڪارروائي مان واڪ آئوٽ ڪري ويا. پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي جا ميمبر انهن جي حمايت نه ڪئي ۽ ايوان ۾ موجود رهيا. صوبائي وزير محنت سعيد غني ايوان کي يقين ڏياريو آهي ته سنڌ حڪومت متاثر واپارين کي اڪيلو نه ڇڏيندي ۽ انهن جي ڪاروبار کي بحال ڪرڻ، فوت ٿيلن جي خاندانن کي معاوضو ڏيڻ ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندي سنڌ اسيمبلي جو اجلاس سومر ڏينهن ڊپٽي اسپيڪر نويد انٿوني جي صدارت هيٺ هڪ ڪلاڪ اڙهن منٽن جي دير سان شروع ٿيو ايوان جي ڪارروائي جي شروعات ۾ گل پلازه سانحي جي ڪري ايوان جو ماحول تمام گهڻو سوڳوار هو. حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن سانحي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو ۽ فوت ٿيلن لاءِ فاتحه خواني ڪئي اجلاس جي شروعات ۾ صوبائي وزير محنت سعيد غني ڊپٽي اسپيڪر کي ٻڌايو ته هو گل پلازه سانحي بابت ايوان ۾ بيان ڏيڻ چاهي ٿو ان موقعي تي ايم ڪيو ايم جا سنڌ اسيمبلي جا ميمبر به پنهنجين سيٽن تان اٿيا ۽ چيو ته پهريان اهي هن واقعي تي ڳالهائيندا. ڊپٽي اسپيڪر چيو ته هن صوبائي وزير کي ڳالهائڻ جي اجازت ڏني آهي. کيس پنهنجي تقرير ختم ڪرڻ ڏيو جنهن کان پوءِ سڀني ميمبرن کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ويندو ان موقعي تي ايم ڪيو ايم جا ميمبر ڪاؤنٽر ۾ اچي ويا ۽ نعرا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا اهي "ظالمو جواب دو، خون ڪا حساب دو" جا نعرا هڻي رهيا هئا. انهن جي نعريبازي ۽ شور جي ڪري آواز ٻوڙيندڙ هو. ڊپٽي اسپيڪر سعيد غني کي پنهنجي تقرير جاري رکڻ لاءِ چيو ان دوران ايم ڪيو ايم جا ميمبر نعرا هڻندي ايوان جي ڪارروائي مان واڪ آئوٽ ڪري ويا ۽ اجلاس جي آخر تائين ايوان ۾ واپس نه آيا. صوبائي وزير سعيد غني چيو ته گل پلازه سانحو تمام گهڻو افسوسناڪ ۽ دل ٽوڙيندڙ آهي. جنهن تي سڀئي ماڻهو غمگين آهن. هن چيو ته حڪومت هن واقعي جي ذميواري کان پاڻ کي آزاد نه ڪري رهي آهي اسان جي طرفان ڪجهه ڪوتاهيون ٿي سگهن ٿيون پر هي سياست ۽ شور جو وقت ناهي، پر غمگين ماڻهن سان گڏ بيهڻ جو وقت آهي. هن ايوان کي ٻڌايو ته هاڻي تائين مليل معلومات موجب، سانحي ۾ اٺ لاش مليا آهن ۽ 62 ماڻهو گم آهن سعيد غني چيو ته سنڌ حڪومت سانحي جي شفاف جاچ ۽ هن سانحي جي متاثرين جي بحالي لاءِ الڳ الڳ ڪميٽيون ٺاهيون آهن.

بقايا 25 اي اءِ جي

مليون. گل پلازا جي دوري ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي ڪراچي پوليس چيف چيو ته اهو افسوسناڪ واقعو آهي جنهن ۾ 26 ڄڻن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ٿي آهي، 18 زخمي جڏهن ته لڳ ڀڳ 60 ڄڻا گم آهن. هن چيو ته اسپتال ۾ هاڻ ڪو به زخمي علاج هيٺ ناهي انتظاميا اسان کي رپورٽ ڏني آهي ۽ ڪنهن جي غفلت ثابت ٿي ته ڪيس به داخل ٿيندو.

بقايا 26 فاتح خواني

اڳوڻي ايم اين اي قاري محمد يوسف جي لاڏاڻي، ڪراچي جي گل پلازه ۾ ٿيل جاني نقصان، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ پيش آيل حادثن ۾ فوت ٿيلن ماڻهن جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي وئي سومر ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس دوران ڊپٽي اسپيڪر غلام مصطفيٰ شاهه جي هدايت تي قومي اسيمبلي جي ميمبر بشير خان فاتحه خواني ڪرائي.

بقايا 27 ڊي اءِ جي

ٻڌايو ته پوليس گل پلازه سان لاڳاپيل 59 لاپتا ماڻهن بابت مختلف ماڻهن سان رابطو ڪيو آهي ۽ سڀني لاپتا ماڻهن جا موبائل نمبر سندن وارثن کان حاصل ڪيا ويا آهن هن چيو ته هن وقت تائين 26 ماڻهن جي لوڪيشن گل پلازه جي ويجهو ملي آهي. جڏهن ته وڌيڪ ماڻهن جي لوڪيشن جي جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ پوليس موبائل نمبرن تي وڌيڪ ڪم ڪري رهي آهي.

بقايا 28 فاتح خواني

ڏينهن ڪراچي ۾ گل پلازا ۾ باهه جي افسوسناڪ واقعي ۾ فوت ٿيلن ماڻهن جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي وئي سينيٽ اجلاس ۾ فاتحه خواني سينيٽر نور الحق قادري ڪرائي. جيڪا سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني جي درخواست تي ڪئي وئي ان موقعي تي سينيٽ جي ميمبرن متاثر خاندانن سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ مرحومن جي درجن جي بلندي ۽ پوئينرن لاءِ صبر جي دعا ڪئي. سينيٽ چيئرمين افسوسناڪ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ايوان ڏک جي هن گهڙي ۾ متاثره خاندانن سان گڏ آهي.

بقايا 29 شرجيل ميمڻ

آهي ته گل پلازا ۾ باهه لڳڻ واري واقعي کان پوءِ ريسڪيو ۽ امدادي ڪارروايون بنا ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهيون ۽ صوبائي انتظاميه جي سمورو مشنري مڪمل متحرڪ رهي هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ جي وڏي وزير واقعي جي شفاف جاچ لاءِ ڪمشنر ڪراچي کي مڪمل اختيار ڏئي ڇڏيا آهن. جاچ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ئي اها ڳالهه واضح ٿي سگهندي ته باهه ڪهڙي سبب لڳي ۽ ان جي ذميواري ڪنهن تي لاڳو ٿئي ٿي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سمورين عوامي ملڪيتن ۽ وڏين عمارتن ۾ ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳرائتو انتظام اڻٿر آهن هن چيو ته گل پلازا کي باهه لڳڻ بعد فائر بريگيڊ جون گاڏيون مسلسل موقعي تي موجود رهيون ۽ ريسڪيو آپريشن بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهيو سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته امدادي ڪارروائين دوران هڪ ريسڪيو اهلڪار فرقان جي شهادت ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ادارا مڪمل جانفشاني سان پنهنجا فرض نڀائي رهيا آهن هن چيو ته اهڙي سانحي تي سياست ڪرڻ ۽ بي بنياد الزام لڳائڻ وارن ڌرين کي هن نازڪ لمحي ۾ عقل ۽ ڏاهپ سان ڪم وٺڻ گهرجي الزام تراشي مسئلن جو حل ناهي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سڀ لاڳاپيل ماڻهو اڳتي وڌي امدادي سرگرمين ۾ سهڪار ڪن.

بقايا 30 ٽيمون جوڙيون ويون

پلازه ۾ ريسڪيو آپريشن جي نگراني لاءِ ٽيمون جوڙيون ويون آهن ڪراچي جي ڪمشنر جي حڪم تي ڊپٽي ڪمشنر سائوٿ 30 آفيسرن تي ٻڌل 6 ٽيمون ترتيب ڏنيون آهن هر ٽيم ۾ سربراهه سميت اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار شامل هوندا. ٽيمون امدادي ڪارروائين جي نگراني ڪنديون ۽ ايندڙ حڪمن تائين لاڳاپيل ادارن سان رابطي ۾ رهنديون هر ٽيم ۾ هڪ اعليٰ آفيسر سميت 5 آفيسر شامل آهن پهرين ٽيم ڊائريڪٽر اينٽي انڪروچمينٽ امير فضل اويس جي سربراهي ۾ جوڙي وئي آهي امير فضل اويس رات 10 وڳي کان صبح 6 وڳي تائين ڪمانڊنگ آفيسر رهيا. بي ٽيم ڊي سي سائوٿ جي سربراهي ۾ ڪم ڪندي، جاويد نبي ڪوسو صبح 6 وڳي کان منجهند 2 وڳي تائين انچارج آپريشن هوندا.

بقايا 31 جمع

جي پارلياماني ليڊر محمد فاروق سانحو گل پلازه بابت سنڌ اسيمبلي ۾ تحريڪ التوا جمع ڪرائي ڇڏي آهي محمد فاروق چيو آهي ته 1200 دڪانن تي مشتمل گل پلازه ۾ ٿيل باهه سبب قيمتي جانيون ضايع ٿيون آهن جيڪو انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ افسوسناڪ واقعو آهي هن مطالبو ڪيو ته باهه لڳڻ جي واقعي ۾ غفلت جا ذميوار طئه ڪري کين سخت سزا ڏني وڃي هن جو چوڻ هو ته سانحو گل پلازه ڪراچي جي ڪرپٽ، بوسيده ۽ ناڪام نظام کي مڪمل طور بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 32 جسٽس محسن اختر

چيو ته اسان وٽ هڪ مائينڊ سيٽ بڻجي ويو آهي ته جيڪڏهن ڏاڙ کي ٺونشو يا چماٽ هڻندو ته اهو ٽارچر آهي ذهني تشدد کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي توڙي جو اهو سڀ کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ آهي.

بقايا 33 اويس احمد

وفد ۽ اسلامي ترقياتي بئنڪ جي نائب صدر آپريشنز ڊاڪٽر رامي احمد ملاقات ڪئي جنهن ۾ پاڪستان جي توانائيءَ جي شعبي کي پائيدار، مؤثر ۽ جديد رُخن تي آڻڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي پاور ڊويزن جي ترجمان موجب عالمي بئنڪ جي وفد جي اڳواڻي ورلڊ بئنڪ جو وچ اوڀر اتر آفريقا، افغانستان ۽ پاڪستان ريجن جو نائب صدر عثمان ديون ڪئي ان موقعي تي اسلامي ترقياتي بئنڪ جو نائب صدر آپريشنز ڊاڪٽر رامي احمد به وفاقي وزير سان ملاقات ڪئي وفاقي وزير ورلڊ بئنڪ جي وفد کي ڀليڪار چيو ۽ پاڪستان ۾ ترقياتي منصوبن لاءِ اداري جي پُراڻي مدد تي ٿورن جو اظهار ڪيو هن هاڻوڪي ورلڊ بئنڪ هيڊ ڪوارٽر جي دؤري جو حوالو ڏيندي چيو ته توانائي جي درپيش چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ مضبوط حصيدارين جو تسلسل اٿر آهي ڳالهين دوران ورلڊ بئنڪ جي وفد قابل اعتماد ۽ گهٽ لاڳت توانائي نظام جي اهميت تي زور ڀريو. جڏهن ته اسلامي ترقياتي بئنڪ جي نائب صدر ڊاڪٽر رامي احمد پائيدار توانائي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ گڏيل قدمن جي امڪانن کي اجاگر ڪيو.

بقايا 34 لانچ

انٽرنيٽ سيٽلائيٽس جي هڪ ٻئي گروپ کي خلاء ۾ موڪلي ڇڏيو پرڏيهي ميڊيا موجب راڪيٽ گذريل ڏينهن مقامي وقت موجب منجهند جو 3 لڳي 48 منٽن تي هينان ڪمرشل اسپيس ڪرافٽ لانچ سائيٽ مان روانو ڪيو لانچ ڪيل پي لوڊز گهٽ مدار واري انٽرنيٽ سيٽلائيٽس جي 19هين بيچ تي ٻڌل هو جيڪو ڪاميابي سان پنهنجي مقرره مدار ۾ داخل ٿي ويو آهي.

بقايا 35 محمود اڇڪزئي

برادري جي نمائندن شرڪت ڪئي تقريب ۾ قومي اسيمبلي ۾ گڏيل مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي اڳوڻو قومي اسيمبلي جو چيئرمين اسد قيصر سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) جو صدر ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جو وائيس چيئرمين سيد زين شاهه هاءِ ڪورٽ بار جو صدر حسيب جمالي، سنڌ بار ڪائونسل جا ميمبر عامر نواز وڙائچ نعيم قريشي هاءِ ڪورٽ بار جي جنرل سيڪريٽري فريده مگريو وڪيل اڳواڻ محمد خان شيخ جمن پنهور حق نواز ٽالپور عبدالوهاب بلوچ سميت ڪيترائي اهم وڪيل اڳواڻ ۽ قانوني ماهر موجود هئا. محمود خان اڇڪزئي جو خطاب محمود خان اڇڪزئي تقريب ۾ خطاب ڪندي چيو ته اسان کي وطن لاءِ اٿي بيهڻ جو سبق ڏنو ويو آهي ملڪ لاءِ جنهن بهادري سان سانگهڙ جا حر وڙهيا، اهو ڪنهن ٻئي دور ۾ نه ڏٺو ويو انگريزن پير پاڳاري کي به ڪئي ويا ۽ قبر به ظاهر نه ڪئي وئي هن زور ڏنو ته مزدورن ۽ عوام جي قربانين کي نظرانداز نه ڪيو وڃي، ۽ جمهوريت پسند ماڻهن کي هزارين سال سزا ڏني وئي هن چيو ته بغير عوام جي اجازت حڪومتون نه هلنديون ۽ پاڪستان اسلام جو قلعو آهي.

بقايا 36 ايران جو صدر

ايڪس تي هڪ پوسٽ ۾ چيو ته اسانجي ملڪ جي عظيم قائد تي حملو ايران جي عوام خلاف جنگ ڇيڙڻ جي برابر آهي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڇنڇر تي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو ته هاڻي ايران ۾ نئين قيادت ڳولڻ جو وقت اچي ويو آهي ٽرمپ علي خامنه اي جي 37 سالن جي حڪمراني جي خاتمي تي زور ڀريو هو ايران جي سپريم ليڊر ملڪ ۾ ڪيترن ئي هفتن کان جاري احتجاجي مظاهرن جي ذميواري ٽرمپ تي لڳائي هئي.

بقايا 37 اتفاق

جاري بيان موجب ڳالهه ٻولهه دوران علائقائي صورتحال ۽ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻنهي اڳواڻن عالمي اقتصادي فورم جي موقعي تي ڊيووس ۾ ملاقات دوران ڳالهه ٻولهه جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا 38 اعظم تارڙ

شخصيتن شرڪت ڪئي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس سردار محمد سرفراز ڊوگر ٽنهي ججن کان عهدن جو حلف ورتو تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿي جنهن کان پوءِ قومي ترانو پيش ڪيو ويو ان موقعي تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار قانون ۽ انصاف واري وزارت طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن پڙهي ٻڌايو جنهن ۾ صدر مملڪت جي منظوري سان 3 ججن جي مستقل مقرري جو اعلان ڪيو ويو حلف برداري واري تقريب ۾ قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي سينئر ججن ڊسٽرڪٽ اينڊ ڪورٽس جي ججن عدالتي آفيسرن ۽ وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 39 ترجمان

ماڻهن کي سهولتون ۽ سندن مسئلا حل ڪن ٿا. ڪالهه اليڪشن ڪميشن جي ترجمان پاران جاري بيان موجب اليڪشن ڪميشن ان کي قومي مسئلو سمجهندي اليڪشنز ايڪٽ 2017ع جي سيڪشن 219 ۾ ترميم لاءِ گورنمينٽ کي سفارشون موڪليون آهن جن ۾ گورنمينٽ کي چيو ويو آهي ته مقامي حڪومتن جي مُدي جي پڄاڻي يا ختم ٿيڻ وقت لوڪل گورنمينٽ قانون جيڪي به هجن.

بقايا 40 احتجاج ختم

اندر هٽائڻ جو يقين ڏياريو ويو وارثن پاران ٻن ڏينهن جي الٽيميٽم ڏئي 13 ڪلاڪن بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو جڏهن ته ايم اين اي رفيق احمد جمالي پاران ٻن ڏينهن ۾ جوڊيشل انڪوائري جو آرڊر ملڻ ۽ ايس ايس پي دادو ڪئپٽن رٽائر امير سعود مگسي سميت الزام هيٺ آيل ڊي ايس پي سٽي سلطان احمد چانڊيو 3 انسپيڪٽرن خليل احمد مسڻ قربان قمبراڻي بينظير جمالي ون فائيو انچارج شاهد پنهور ۽ اهلڪارن کي عهدن تان هٽائڻ جي خاطري تي نادر جمالي جي وارثن انڊس هاءِ وي تي 13 ڪلاڪن کان لڳل ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو آهي نادر جمالي کي 12 ڏينهن اڳ دادو ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ ماريو ويو هو وارثن پوليس مقابلي کي جڙتو قرار ڏئي صبح ساڍي 12 وڳي کان رات هڪ وڳي تائين شهيد مخدوم بلاول ٽول پلازه وٽ ڌرڻو هڻي انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪيو هو.

بقايا 41 ڌرڻو

شهيد ارشاد علي ميمڻ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ٽنڊوباگو شهر ۾ شٽربند هڙتال ڪري باگو واهه پل واري چوڪ تي امير سنڌي، خدا ڏنو شاهه، دلبر سنڌي، ارشاد ميمڻ جي والد گلزار علي ميمڻ ۽ ڀاءُ حبدار علي ميمڻ جي اڳواڻي ۾ هنيو ويو جيڪو صبح جو 10 بجي کان شام 5 بجي احتجاجي ڪميٽي جي صلاح کان پوءِ ختم ڪيو ويو ڌرڻي ۾ ايس يو پي جو وائيس چيئرمين امير آزاد پنهور جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، مشهور وڪيل احمد علي ميمڻ زمان زئور محبوب ابڙو ٽائون ڪميٽي ٽنڊوباگو جو چيئرمين خان صاحب جمالي، جي ڊي اي اڳواڻ مير حسين بخش ٽالپر جي يو آئي جو اڳواڻ مولوي عبدالواحد فاروقي، ايس ٽي پي اڳواڻ حيدر پنهور عوامي تحريڪ جي اڳواڻ مهراڻ درس، محب پيپل سڄل هاليپوٽو سنڌيائي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ سونهن گوپانگ، ايم ڊبليو ايم جي مولوي سڏير حسين خطاب ڪندي چيو ته ڏيلو ۽ ملي پوليس جي وڏي نااهلي آهي

ترقياتي ادارو ڪراچي
پلاٽن جو عظيم الشان عام نيلام
سيڙپڪاري جو سونهري موقعو

نارٿ ڪراچي ٽائون شپ، ڪورنگي ٽائون شپ ۽ سرجاني ٽائون شپ جي پُر رونق هنڌ تي واقعي ڪمرشل پلاٽن جو عام نيلام ذريعي اڱارو تاريخ 3 فيبروري 2026 تي سرجاني ٽائون شپ، جڏهن ته اربع 4 فيبروري 2026 تي نارٿ ڪراچي ٽائون شپ ۽ ڪورنگي ٽائون شپ. سيمينار هال فرسٽ فلور سوڪ سينٽر يونيورسٽي روڊ گلشن اقبال ڪراچي ۾ هيٺ ڄاڻايل تاريخن تي صبح 10 وڳي کان عام نيلام ذريعي وڪري لاءِ پيش ڪيا ويندا.

هر پلاٽ جو لي آئوٽ پلان KDA, 9TH DP&UD فلور سوڪ سينٽر ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

3rd February 2026

SCHEME/ TOWNSHIP	BLOCK / SECTOR	PLOT NO	(ST)	Type	AREA IN SQ.YDS	Total No. of Plots	Security Deposit	Initial Price to Start the Bid Rs. (Per Sq. Yds)
North Karachi Township	5-B/1	LS-1	ST-1	Comm	80	1	5 Lac	60,000
	5-B/1	LS-2	ST-1	Comm	80	1	5 Lac	60,000
	5-B/1	LS-3	ST-1	Comm	80	1	5 Lac	60,000
	5-A/1	LS-31	Comm	Comm	40	1	5 Lac	60,000
	5-A/1	LS-32	Comm	Comm	40	1	5 Lac	60,000
Korangi Township	35-F	SA-10	Comm	Comm	240	1	10 Lac	85,000
	35-F	SA-11	Comm	Comm	240	1	10 Lac	85,000
	35-F	SA-13	Comm	Comm	240	1	10 Lac	85,000
	6-F	SA-1	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	6-F	SA-2	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	6-F	SA-3	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	6-F	SA-4	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	6-F	SA-7	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	6-F	SA-8	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	6-F	SA-9	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	6-F	SA-10	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	6-F	SA-11	ST-9	Comm	250	1	10 Lac	50,000
	6-F	SA-05	ST-9	Comm	498.71	1	10 Lac	48,000
	6-F	SA-06	ST-9	Comm	293.32	1	10 Lac	50,000
	27	SB-13	ST-2	Comm	333.08	1	10 Lac	70,000
	27	SB-14	ST-2	Comm	333.08	1	10 Lac	70,000
	27	SB-15	ST-2	Comm	333.08	1	10 Lac	70,000
	27	SB-16	ST-2	Comm	333.08	1	10 Lac	70,000
	17	ST-1/1		Comm	600	1	10 Lac	75000
	17	ST-1/4		Comm	600	1	10 Lac	75000
	50-A	ST-19/20		Comm	600	1	10 Lac	60000
	31-C/1	ST-7		Comm	936.44	1	10 Lac	85000

4th February 2026

SCHEME/ TOWNSHIP	BLOCK / SECTOR	PLOT NO	(ST)	Type	AREA IN SQ.YDS	Total No. of Plots	Security Deposit	Initial Price to Start the Bid Rs. (Per Sq. Yds)
Surjani Town	11-B	SR-2		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	11-B	SR-3		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	11-B	SR-4		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	11-B	SR-5		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	11-B	SR-6		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	11-B	SR-7		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	11-B	SR-8		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	11-B	SR-9		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	11-B	SR-10		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	11-B	SR-11		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	11-B	SR-12		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	11-B	SR-13		Comm	248.76	1	5 Lac	8,000
	11-B	SR-16		Comm	248.76	1	10 Lac	45,000
	7-A	SB-17		Comm	401.85	1	10 Lac	30,000
	11-A	SB-129		Comm	401.85	1	10 Lac	35,000
	6-C	SC-5		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	6-C	SC-6		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	6-C	SC-7		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	6-C	SC-8		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	6-C	SC-9		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	6-C	SC-10		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	6-C	SC-19		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000
	6-C	SC-20		Comm	803.71	1	10 Lac	35,000

پلاٽس الاٽمينٽس عام شرط ۽ ضابطن جي تحت نيلام ڪيا ويندا. واڪ ڏيندڙن جي ڄاڻ ۽ سهولت جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل قاعده ۽ ضابطا شايع ڪيا ويندا.

- ☆ دلچسپي رکندڙ ۽ واڪ ۾ شرڪت ڪندڙن کي نيلامي جي شروعات کان اڳ هر هڪ پلاٽ جي لاءِ مٿي ڏنل سيڪيورٽي ڊپازٽ جو پي آرڊر پنهنجي (ذاتي اڪائونٽ) مان KDA جي حق ۾ جاري ڪيل هجي جمع ڪرائڻ کانپوءِ نيلامي منعقد ڪرائڻ واري آفيسر کان انٽري ٽوڪن حاصل ڪرڻو پوندو. (انٽري ٽوڪن 2 ڏينهن اڳ آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ KDA پهرين منزل سوڪ سينٽر گلشن اقبال ڪراچي مان حاصل ڪري سگهجي ٿو). هڪ انٽري ٽوڪن تي صرف ٻن شخصن کي شرڪت جي اجازت هوندي. نيلامي عمل جي مڪمل ٿيڻ کانپوءِ ناڪام واڪ ڏيندڙن کي سيڪيورٽي ڊپازٽ جو پي آرڊر واپس ڪيو ويندو.
- ☆ سڀ کان وڌيڪ واڪ ڏيڻ واري واڪ ڏيندڙ کي ايراضي جي ڪل قيمت جو 25% جو پي آرڊر (پنهنجي ذاتي اڪائونٽ) مان ٽن ڏينهن اندر لازمي جمع ڪرائڻو پوندو. مذڪوره 25%OV جمع نه ڪرائڻ جي صورت ۾ واڪ منسوخ ڪيو ويندو ۽ سيڪيورٽي ڊپازٽ ضبط ڪئي ويندي.
- ☆ سڀ کان وڌيڪ واڪ ڏيندڙ واري کي موقعي تي ئي قومي شناختي ڪارڊ جي فوٽو ڪاپي ۽ ٻي معلومات جمع ڪرائڻي پوندي.
- ☆ اهڙو ڪامياب واڪ ڏيندڙ جنهن جي آڇ جي KDA طرفان مقرر ڪيل آڪشن ڪميٽي ۽ Governing Body ،KDA منظوري ڏيندي. ان کي واڪ جي قبوليت/اپلوڪيشن ليٽر جي اجراءِ جي تاريخ جي 15 ڏينهن اندر ڪل رقم Occupancy Value جي 25% جي ٻي قسط ادا ڪرڻي پوندي ۽ Occupancy Value جو 50% ٽوڙي گهربو وڃي يا نه واڪ جي قبوليت/اپلوڪيشن ليٽر جي اجراءِ سان 120 ڏينهن اندر جمع ڪرائڻو پوندو. الاٽمينٽ آرڊر ڪل OV جي ادائگي تي جاري ڪيو ويندو.
- ☆ ليز جا حق مقرر قائدن ۽ ضابطن مطابق 99 سالن جي لاءِ ڏنا ويندا.
- ☆ پلاٽ جي درست ايراضي سائيٽ تي ڊيمارڪيشن ۽ ماپ مطابق گهٽيو وڌيو ويندو.
- ☆ ڪي ڊي اي نيلامي دوران يا نيلامي کانپوءِ بنا ڪنهن سبب ڄاڻائڻ جي ڪنهن به واڪ/آڇ کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
- ☆ واڪ ڏيندڙ/ ڏيندڙن کي پلاٽ جي خريداري تي FBR جو 10% انڪم ٽيڪس يا (تبديل ٿيل گورنمينٽ پاليسي مطابق) ادا ڪرڻو پوندو.
- ☆ هي نيلامي پروگرام KDA جي ويب سائيٽ www.kda.gos.pk تي فيس بڪ لائيو ڪوريج ذريعي ڏسي سگهجي ٿو.

تفصيلن ۽ معاونت جي لاءِ مهرباني ڪري رابطو ڪيو:
ايڊيشنل ڊائريڪٽر آڪشن لينڊ مئنيجمينٽ KDA ٿرڊ فلور سوڪ سينٽر ڪراچي: فون: (021)99231147

سيد عاطف حسين نقوي
ڊائريڪٽر لينڊ اينڊ مئنيجمينٽ
ٿرڊ فلور سوڪ سينٽر گلشن اقبال ڪراچي

INF/KRY No. 0207/2026

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

Oil & Gas Development
Company Limited
ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LH-PT-SYS-I9-309843103-2026	CYBER RESILIENCE SOLUTION	09.02.2026 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-309389821-2026	HIRING OF DIGITAL DRILLING PLATFORM SERVICES	20.02.2026 1030 Hrs
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-RM-308636654-2026	HIRING OF FIELD SUPPORT RESOURCES FOR DRILLING OPERATIONS	20.02.2026 1030 Hrs

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on 31.12.2025 and 03.01.2026, it is notified that the bid submission/opening date of the following case(s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-DO-Doc307660148-2025	HIRING OF BOP AND CHOKE MANIFOLD	23.01.2026 At 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-LD-PT-Admin-308105956-2026	DIESELHYBRID/ ELECTRIC BUSES & CHARGING STATION	03.02.2026 At 1130 Hrs

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and resubmit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bid closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan

ogdcl.com
No. 05/31

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

اڳوڻي امريڪي سفير جي ايراني سپريم ليڊر کي نشانو بڻائڻ واري دعوي!
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
ونڊر بوائي ۽ تعليم لاءِ اخبار!
صفحو 4

تصور ۽ حقيقت....!
ڪيپٽن (ر) واصف
صفحو 4

حڪيم پريم چانڊواڻي
'يا الله منهنجي نگريءَ کي آباد رکجان'
صفحو 4

استاد جي بدلي نامنظور: عثمان شاهه هڙي ۾ ڳوٺ سچيڏنو خاصخيلي جي شاگردن جو احتجاج

گورنمينٽ بوائز اسڪول ڳوٺ سچيڏنو خاصخيلي جي شاگردن پاران استاد جي بدلي خلاف احتجاج، ڌرڻو

اسڪول ۾ 150 سئو ٻارن تي صرف هڪ استاد نصير بروهي مقرر ٿيل هو جنهن کي جبري بدلي ڪيو ويو آهي: مظاهرين

استاد نصير بروهي هڪ محنتي ۽ قابل استاد آهي، جنهن جي بدلي سان اسڪول جو تعليمي نظام سخت متاثر ٿيو آهي

عثمان شاهه هڙي: استاد جي بدلي نامنظور: عثمان شاهه هڙي ۾ ڳوٺ سچيڏنو خاصخيلي جي شاگردن جو احتجاج

عثمان شاهه هڙي(ت ر) جهنڊومري تعلقي جي ڳوٺ سچيڏنو خاصخيلي جي گورنمينٽ بوائز اسڪول جي شاگردن مريد هوٽل ٽنڊو آدم ميرپورخاص روڊ تي احتجاجي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪيو ڌرڻي جي اڳواڻي هرچند ڀيل ۽ عرس چنو ڪئي جڏهن ته ترڪ علي نئو ٻڌايو ته اسان جي اسڪول ۾ 150 سئو ٻارن تي صرف هڪ استاد نصير بروهي مقرر ٿيل هو جنهن کي جبري بدلي ڪري سان ناانصافي ڪئي وئي آهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته استاد نصير بروهي هڪ محنتي ۽ قابل استاد آهي جنهن جي بدلي سان اسڪول جو تعليمي نظام سخت متاثر ٿيو آهي هنن مطالبو ڪيو ته استاد نصير بروهي جي بدلي جو حڪم فوراً رد ڪري ڪيس واپس اسڪول ۾ مقرر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.شاگردن ۽ علائقي واسين تعليم کاتي جي اعليٰ عملدارن کان فوري نوٽيس وٺڻ جي پڻ اپيل ڪئي

جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي بجلي چوري وڌي وڃڻ سبب لوڊشيڊنگ جو مسئلو سنگين بڻجي ويو

مسوڀرڳڙي جي علائقي ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ وڌڻ سبب عام ماڻهو سخت پريشاني جو شڪار

واپڊا متياري جو عملو پاڻ بجلي چوري ۾ ملوث هجڻ سبب ڪابه اثرائتي ڪارروائي نه ٿي سگهي

جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي مقرر وقت کان گهڻو وڌيڪ لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي ٿي، جڏهن ته چوري ڪندڙن کي مڪمل رعايت ڏني وڃي ٿي: علائقي واسي

جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي بجلي چوري وڌي وڃڻ سبب لوڊشيڊنگ جو مسئلو سنگين بڻجي ويو

مسوڀرڳڙي (ن ع) مسوڀرڳڙي جي علائقي ۾ واقع جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي بجلي چوري وڌي وڃڻ سبب لوڊشيڊنگ جو مسئلو سنگين بڻجي ويو آهي، جنهن سبب عام ماڻهو سخت پريشاني جو شڪار آهن ذريعن موجب بجلي چوري ۾ تيزي سان اضافي سبب فيڊر تي لوڊ وڌي ويو آهي، جنهن جو سڌو اثر علائقي ۾ بجلي جي فراهمي تي پئجي رهيو آهي. ذريعن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته واپڊا متياري جو عملو پاڻ به بجلي چوري ڪرائڻ ۾ ملوث آهي، جنهن سبب غيرقانوني ڪنيڪشنن خلاف ڪا به اثرائتي ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي. بجلي چوري ڪندڙ بااثر ماڻهن خلاف اک ٻوٽي ويهي رهڻ سبب عام صارفين کي روزانو ڪلاڪن جا ڪلاڪ لوڊشيڊنگ برداشت ڪرڻي پئجي رهي آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي مقرر وقت کان گهڻو وڌيڪ لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته چوري ڪندڙن کي مڪمل رعايت ڏني وڃي ٿي. هن صورتحال سبب ڪاروباري سرگرميون متاثر ٿي رهيون آهن ۽ گهريلو زندگي به مفلوج بڻجي وئي آهي شهرين اعليٰ اختيارين، سيپڪو ۽ واپڊا جي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي بجلي چوري ۾ ملوث عملي ۽ ماڻهن خلاف فوري ۽ شفاف ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن لوڊشيڊنگ ۾ گهٽتائي اچي سگهي ۽ ايماندار صارفين کي رليف ملي سگهي. علائقي واسين خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن مسئلي جو جلد حل نه ڪيو ويو ته هو احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا.

محرابپور ۾ انتظامي نااهلي سبب شهر جا اڪثر فلٽر پلانٽ ناڪاره بڻجي ويا

انتظامي نااهلي سبب شهر جا اڪثر فلٽر پلانٽ ناڪاره بڻجڻ ڪري شهري پيئڻ جي صاف مٺي پاڻي کان محروم

موجائي فلٽر پلانٽ مسلسل بند هئڻ خلاف علائقي واسين پاران خالي پاڻي جا ڳوگا کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي

پيئڻ جو پاڻي اضافي مله تي خريد ڪرڻ توڙي تمام پري کان پري آڻڻ سبب سخت تڪليف درپيش اچي رهي آهي: رهواسي

محرابپور (ت ر) محرابپور ۾ انتظامي نااهلي سبب شهر جا اڪثر فلٽر پلانٽ ناڪاره بڻجي بند پيل آهن جنهن سبب شهري پيئڻ جي صاف مٺي پاڻي کان محروم ٿي ويا آهن جن کي سخت تڪليف ۽ پريشاني جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي ان ڏس ۾ موجائي فلٽر پلانٽ مسلسل بند هئڻ خلاف علائقي واسين الطاف ميمڻ تسليم بابو شبير ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ خالي پاڻي جا ڳوگا کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي علائقي واسين دانهيندي چيو ته انتظاميه جي نااهلي سبب موجائي فلٽر پلانٽ گذريل سالن کان بند پيل آهي جنهن سبب پيئڻ جي پاڻي جي ڍڪ لاءِ محروم بڻيل آهيون هنن وڌيڪ چيو ته پيئڻ جو پاڻي اضافي مله تي خريد ڪرڻ توڙي تمام پري کان پري آڻڻ سبب سخت تڪليف درپيش اچي رهي آهي پر افسوس جو بار بار ڌيان ڇڪائڻ باوجود ضلعي تعلقي توڙي ٽائون انتظاميه جي ڪن تي جونءِ به نه پئي چري هنن مطالبو ڪيو ته موجائي فلٽر پلانٽ سميت شهر جا بند پيل فلٽر پلانٽ هنگامي بنيادن تي چالو ڪرائي شهرين کي صاف پيئڻ جي مٺي پاڻي جي سهولت فراهم ڪئي وڃي.

سکر بئراج ۽ ان مان نڪرندڙ واهن ۽ ڪئنالن جي سالياني صفائي ۾ بي ضابطگين ۽ ڪرپشن جو انڪشاف

ايريگيشن کاتي وٽ ڪروڙين رپين ماليت جي سرڪاري مشينري موجود هئڻ باوجود ڀل صفائي جو ڪم پرائيويٽ مشينري ذريعي ڪرايو ويو

مڪمل طور صحيح حالت ۾ موجود سرڪاري مشينري کي رڪارڊ ۾ خراب ظاهر ڪري، پرائيويٽ مشينري استعمال ڪرڻ جو جواز پيدا ڪيو ويو

سکر بئراج جو چيف انجنيئر، ايس اي ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار سڀ ڪجهه ڄاڻڻ باوجود مبينا طور تي ڪميشن عيوض خاموش تماشائي بڻيل

سکر (بيورو رپورٽ)سکر بئراج ۽ ان مان نڪرندڙ واهن ۽ ڪئنالن جي سالياني صفائي جو ڪم جاري آهي ۽ هر سال وانگر هن سال به هن اهم سرڪاري منصوبي ۾ وڏي پيماني تي بي ضابطگين ۽ ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو آهي.خبر موجب، ايريگيشن کاتي وٽ پنهنجي ڪروڙين رپين ماليت جي سرڪاري مشينري موجود هئڻ باوجود ڀل صفائي جو ڪم پرائيويٽ مشينري ذريعي ڪرايو پيو وڃي، جنهن سان قومي خزاني کي ڪروڙين رپين جو نقصان پهچايو پيو وڃي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته مڪمل طور صحيح حالت ۾ موجود سرڪاري مشينري کي رڪارڊ ۾ خراب ظاهر ڪري، پرائيويٽ مشينري استعمال ڪرڻ جو جواز پيدا ڪيو ويو، جنهن جي تصديق ميڪينيڪل ڊپارٽمينٽ جي ذريعن پڻ ڪئي آهي. هن عمل سان هڪ پاسي قومي خزاني کي وڏو ڌڪ رسيو آهي ته ٻي پاسي سرڪاري وسيلن جو غلط استعمال پڻ سامهون آيو آهي.ان کان علاوه، نهرن جي ڀل صفائي دوران نڪرندڙ قيمتي ريت ۽ مٽي پڻ غير قانوني طور تي چوري ڪرائي، ان مان ذاتي فائدو حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون وڃن آهن. ذريعن موجب، هي سمورو عمل اعليٰ عملدارن جي ڄاڻ هوندي به جاري آهي.حيرت انگيز ڳالهه اها آهي ته سکر بئراج جو چيف انجنيئر، ايس اي ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار سڀ ڪجهه ڄاڻڻ باوجود مبينا طور تي ڪميشن عيوض خاموش تماشائي بڻيل آهن، جنهن سبب ڪرپشن جو هي سلسلو بنا روڪ ٽوڪ جاري آهي. جڏهن ته هن معاملي تي ايريگيشن کاتي جا ذميوار عملدار ڪنهن به قسم جو موقف ڏيڻ کان پاسو ڪري رهيا آهن.ٻئي طرف، سياسي، سماجي ۽ عوامي حلقن هن صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته سکر بئراج ۽ ان مان نڪرندڙ نهرن جي ڀل صفائي جي نالي ۾ قومي خزاني کي پهچندڙ نقصان روڪيو وڃي، شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن خلاف سخت تاديبي ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي، جيئن مستقبل ۾ اهڙين بي ضابطگين کي روڪي

مورو ۾ پوليس جو ڪيلن جي باغ وٽ مبينه مقابلو

هڪ ڄڻو فريد پٽ علي نواز جويو ويٺل سبزي منڊي زخمي حالت ۾ گرفتار

فريد پٽ علي نواز جويو کي غيرقانوني پسٽل سميت زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو آهي: پوليس

مورو(ن ع) مورو ۾ پوليس جو ڪيلن جي باغ وٽ مبينا مقابلو هڪ ڄڻو فريد پٽ علي نواز جويو ويٺل سبزي منڊي زخمي حالت ۾ گرفتار جنهن کي مورو اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران طبي امداد ڏني وئي ان موقعي تي ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر ٻڌايو ته اسان گشت ڪري رهيا هئاسين ته اطلاع مليو ته ڌوهاري ڌوهه جي ارادي سان بيٺل آهن اسان پهتاسين ته مقابلو ٿي پيو ڌوهارين پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ ڪري ڏني اسان جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ جوابدار فريد پٽ علي نواز جويو کي غيرقانوني پسٽل سميت زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جنهن وٽان هڪ موٽرسائيڪل پڻ برآمد ٿي آهي جيڪا پڻ لغاري ڦاٽڪ جي حد مان ڦر ڪيل آهي جڏهن ته سنڌس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا آهن هن تي ٻيا به ڪيس داخل آهن وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته زخمي جوابدار فريد پٽ علي نواز جويو ٻڌايو ته پوليس سان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران گولي لڳي آهي جڏهن ته زخمي جوابدار کي وڌيڪ علاج لاءِ نوابشاهه جي اسپتال منتقل ڪيو ويندو

مورو: فريد پٽ علي نواز جويو ويٺل سبزي منڊي زخمي حالت ۾ گرفتار

جمعيت علماءِ اسلام پاران ڪراچي ۾ آتشزدگي جي واقعي تي افسوس جو اظهار

جي يو آءِ متاثر خاندانن، زخمين ۽ واپارين جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي: اڳواڻ

متاثر واپارين ۽ خاندانن جي مالي نقصان جو ترت ازالو ڪرڻ ۽ سيفٽي نظام کي اثرائتو بڻائڻ جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي،صوبائي جنرل سيڪريٽري علامه راشد محمود سومرو، صوبائي ناظم مولانا عبدالمالڪ ٽالپر گل پلازا شاپنگ مال ڪراچي ۾ آتشزدگي جي واقعي تي قيمتي انساني جانين ضايع ٿيڻ ۽ ڪروڙين رپين جي مالي نقصان افسوس جو اظهار ڪيو آهي.هنن چيو ته هي المناڪ سانحو شهري انتظاميه، لاڳاپيل ادارن ۽ فائر سيفٽي نظام جي سنگين ناڪامي جو چٽو ثبوت آهي اهڙن وڏن شاپنگ مالز ۾ حفاظتي انتظامن جي ڪوتاهي انتهائي افسوسناڪ نتيجا پيدا ڪري رهي آهي.وڌيڪ چيو ته جي يو آءِ متاثر خاندانن، زخمين ۽ واپارين جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي.هنن مرحومين جي وارثن سان دلي تعزيت

واپارين ۽ خاندانن جي مالي نقصان جو ترت ازالو ڪرڻ ۽ شاپنگ مالز ۾ فائر سيفٽي نظام کي اثرائتو بڻائڻ جو مطالبو ڪيو ٻئي طرف، جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري چيو آهي ته جي يو آءِ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري علامه راشد محمود سومرو پرڏيهي دوري تي روانو ٿي ويا آهن، جيڪو دورو 05 فيبروري 2026 تائين جاري رهندو.علامه راشد محمود سومرو جي غير موجودگي ۾ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مولانا محمد صالح انڍڙ کي جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جو قائم مقام جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو هن عرصي دوران جماعتي ۽ تنظيمي معاملن جي نگراني ڪندو. ڊاڪٽر اي جي انصاري وڌيڪ چيو ته جي يو آءِ سنڌ جا سمورا

اڏيرولال وليج جي رهواسي عبدالقيوم راجپوت جو احتجاج

اڏيرولال (ن ع) اڏيرولال وليج جي رهواسي عبدالقيوم راجپوت پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته اڏيرولال وليج ڦاٽڪ تي ڊيوٽي ڪندڙ پوليس اهلڪار مرسلين راجپوت، منهنجي زرعي زمين تي پوکيل انب جو وڻ ڪٽي ڇڏيو آهي جنهن جي دانهن کڻي ٿاڻي پهتس جتي منهنجي فرياد وٺڻ ۽ انصاف ڪرڻ بجاءِ پوليس اهلڪار مرسلين راجپوت جي ونگارون بڻجي مونکي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنا آهن ان وڌيڪ چيو ته آئون غريب مسڪين ماڻهو آهيان هڪ مون مسڪين جو نقصان ڪيو ويو آهي ٻئي طرف مون کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جنهن جو ايس ايس پي مٽياري نوٽيس وٺي پوليس اهلڪار مرسلين خلاف ڪارروائي مونسان انصاف ڪيو وڃي

سنڌ هاءِ ڪورٽ، سکر بينچ ۾ مبينه جعلي ڀرتي ڪيس جي ٻڌڻي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ، سکر بينچ ۾ روينيو کاتي ضلع گهوٽڪي جي هڪ آفيسر جي مبينا جعلي ۽ غيرقانوني ڀرتي خلاف داخل ڪيل آئيني درخواست تي ٻڌڻي جاري آهي.تفصيلن موجب عدالت ۾ داخل ڪيل آئيني درخواست نمبر D-2123/2025 ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته وقار احمد ڪلهوڙو کي سال 2012 ع ۾ ڪمپيوٽر آپريٽر جي عهدي تي بغير ڪنهن اشتهار لکت واري امتحان، انٽرويو ۽ ميرٽ لسٽ جي مقرر ڪيو ويو جيڪو سرڪاري ڀرتي قاعدن جي کليل خلاف ورزي آهي. درخواست ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته موصوف مبينا طور بورڊ آف روينيو کان تقرري ۽ ٽرانسفر آرڊر حاصل ڪري ڊپٽي ڪمشنر آفيس گهوٽڪي ۾ تعينات ٿيو. درخواست ۾ وڌيڪ نشاندهي ڪئي وئي آهي ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن تحت منعقد ڪيل اسسٽنٽ مختيارڪار روينيو ڪواليفائنگ امتحان 2025 ع ۾ سنڌ ڀر مان 147 اميدوار ڪامياب قرار ڏنا ويا، جن ۾ وقار احمد ڪلهوڙو پڻ شامل آهي. درخواست موجب، جڏهن موصوف جي شروعاتي ڀرتي ئي عدالت ۾ چيلينج هيٺ آهي ته پوءِ کاتي ذريعي "برابر چينل" تحت درخواست ڏئي امتحان ۾ شرڪت ڪرڻ پڻ قانوني سوالن کي جنم ڏئي ٿي. عدالت ڪيس ۾ فريقين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن جن ۾ سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ، سيڪريٽري روينيو بورڊ آف روينيو سنڌ، ڪمشنر سکر ڊويزن ۽ سيڪشن آفيسر (اسٽيبلشمينٽ) بورڊ آف

سڪرنڊ: ڳوٺ حاجي باجهي زرداري ۾ سالياني مچ ڪچهري

سڪرنڊ لڳ ڳوٺ حاجي باجهي زرداري ۾ سالياني مچ ڪچهري

هي محبت جو ميلو هر سال مچائيندا آهيون: غلام مصطفيٰ زرداري

زماني جو واءُ سواءُ وٺڻ سميت سنگت ساٿ جا حال اورڻ جو موقعو ملندو آهي

سڪرنڊ (س ر) ضلع شهيد بينظيرآباد جي معروف شخصيت غلام مصطفيٰ زرداري پاران سڪرنڊ لڳ ڳوٺ حاجي باجهي زرداري ۾ هر سال جيان هن سال به سالياني مچ ڪچهري جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي قدآور شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ غلام مرتضيٰ سمون عبدالحميد انڙ نياز لاشاري، محمد ارشد آرائين استاد اشرف آرائين عقيل آرائين ڊاڪٽر نعمت آرائين، پرويز عظيم گل حسن ڪيريو امداد حسين زرداري، لائق محمد زرداري رئيس انب خان زرداري، صدام حسين زرداري، ساگر علي ۽ ٻيا شامل هئا ان موقعي تي ميزبان غلام مصطفيٰ زرداري آيل مهمانن کي آجياڻي دوران ڳالهائيندي چيو ته هي محبت جو ميلو هر سال مچائيندا آهيون جنهن ۾ دل گهريا دوست ۽ من گهريا ساٿي شريڪ ٿيندا آهن جنهن سان زماني جو واءُ سواءُ وٺڻ سميت سنگت ساٿ جا حال اورڻ جو موقعو ملندو آهي باهه جي مچ جي چوڌاري ويٺل مهمانن مان سڪرنڊ پريس ڪلب جي صحافي بشير لاشاري ڳالهائيندي چيو ته موجوده نفسا نفسي ۽ مصروفيتن جي دور ۾ پاءُ غلام مصطفيٰ زرداري هيءَ سالياني ڪچهري گهرائي چار گهڙيون چئن يارن سان گهارڻ جو موقعو فراهم ڪندو آهي جنهن ۾ هڪٻئي سان ملاقات ۽ محبت ۾ واڌارو ٿيندو آهي ان کان اڳ امير حسين زرداري، حبدار علي زرداري، رضا حسين زرداري ۽ زاهد حسين زرداري آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو جنهن بعد سنڌ جي قديم ۽ شاهوڪار مهمان نوازي واري روايت کي قائم رکندي سنڌي کاڌن ۽ سياري جي سوغات سان شاندار مهمان نوازي ڪئي وئي آخر ۾ سمورن مهمانن پاران ميزبان غلام مصطفيٰ زرداري کان مرڪي اهو چئي موڪلايو ته وري ورندو واءُ وري وسندا مينهن رچوڙي جا ڏينهن رهي رهندا ڪيترا ؟

متحده عباسيه انٽرنيشنل سينٽرل جي چيئرمين جي قائم مقام صدر سان ملاقات

يوسف رضا گيلاني سان ملاقات ۾ عوامي مسئلن ۽ سياسي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه

سردار رفيق عباسي سنڌ جي مختلف علائقن جا مسئلا قائم مقام صدر جي سامهون رکيا

هالا(ن ع) متحده عباسيه انٽرنيشنل سينٽرل جي چيئرمين پ پ پ سنڌ اڳواڻ سردار رفيق عباسي پاران قائم مقام صدر يوسف رضا گيلاني سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران سنڌ جي عوامي مسئلن ۽ سياسي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ان دوران ٻوڏ متاثرين لاءِ ڪيل خدمتن تي يوسف رضا گيلاني کي خراج تحسين پڻ پيش ڪيو ويو جڏهن ته سردار رفيق عباسي سنڌ جي مختلف علائقن جا مسئلا قائم مقام صدر جي سامهون رکيا ويا،خوشگوار ماحول ۾ ملاقات پڻ ڪئي ۽ لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو سردار رفيق عباسي چيو ته عباسي برادري ملڪ جي ترقي لاءِ هميشه تيار آهي.ان دوران سيديوسف رضاگيلاني چيو ته حڪومت ڏکڻ پنجاب سميت سڄي ملڪ جي ترقي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي عوام کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو قائم مقام صدر پاران يقين پڻ ڏياريو ويو

هالا: متحده عباسيه انٽرنيشنل سينٽرل جي چيئرمين جي قائم مقام صدر سان ملاقات

ٽين چيف آف آرمي اسٽاف انٽر ڪلب هاڪي چيمپيئن شپ

افتتاح ٽي ايم سي ٽنڊوڄام جي وائيس چيئرمين شفقت شاهه بال کي هٽ هڻي ڪيو

چيمپيئن شپ ۾ پهرين ميچ شاهه لطيف ڪلب ۽ عزيز ميموريل ڪلب جي وچ ۾ کيڏي وئي

ٽنڊوڄام(ت ر) ضلعي هاڪي ايسوسيئيشن حيدرآباد پاران ٽين چيف آف آرمي اسٽاف انٽر ڪلب هاڪي چيمپيئن شپ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي هاڪي گرائونڊ تي شروع ٿي وئي. جنهن جو افتتاح ٽي ايم سي ٽنڊوڄام جي وائيس چيئرمين شفقت شاهه بال کي هٽ هڻي ڪيو افتتاح تقريب دوران يوسي 63 چيئرمين حيدر شاهه، يوسي 57 وائيس چيئرمين لياقت ڪليري، ضلعي هاڪي ايسوسيئيشن حيدرآباد جو صدر رائو ظفر سعيد، جنرل سيڪريٽري اختر خانزادو سميت ٻيا موجود هئا چيمپيئن شپ جي افتتاحي ڏينهن ته ٻه ميچ کيڏيا ويا. پهرين ميچ شاهه لطيف ڪلب ۽ عزيز ميموريل ڪلب جي وچ ۾ کيڏي وئي. جنهن ۾ شاهه لطيف ڪلب هڪ گول جي مقابلي ۾ ٻن گولن تان ڪاميابي حاصل ڪئي. جڏهن ته ٻئي ميچ ۾ روحيلا هاڪي ڪلب آزاد ڪلب کي ٻن گولن تان شڪست ڏني چيمپيئن شپ جي ميچز دوران تماشائين جو پڻ وڏو انگ موجود هو.

ٽنڊوڄام: افتتاح ٽي ايم سي ٽنڊوڄام جي وائيس چيئرمين شفقت شاهه بال کي هٽ هڻي ڪيو

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگردن جو احتجاج

شاگردن طرفان ٽرانسپورٽر آفيسر جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڪروڙين رپين جي بجيٽ هوندي به يونيورسٽي جون اڪثر بس پوائنٽون خراب آهن: شاگرد

خيرپور(ڊ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگردن طرفان ٽرانسپورٽر آفيسر جي مبينا زيادتين ۽ ظلمن خلاف مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو مظاهري جي اڳواڻي سرتاج وساڻ، لالا عرفان علي موئل، شڪيل احمد شر، وسيم علي، محمد علي گهمرو خدا بخش پنهور احمد علي منگي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا شاگردن احتجاج کي خطاب ڪندي چيو ته شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ ڪروڙين رپين جي بجيٽ هوندي به يونيورسٽي جون اڪثر بس پوائنٽون خراب آهن شاگردن کي پوائنٽ ۾ ڪٿڻ لاءِ ڊرائيور منور ۽ ٻيا بداخلاقي ڪن ٿا جيڪا ظلم جي انتها آهي هنن چيو ته ٽرانسپورٽر آفيسر سيد امجد علي شاهه اسان شاگردن کي ڌمڪيون ڏئي هيراسان ڪري رهيو آهي لطيف يونيورسٽي انتظاميه ان خلاف ڪارروائي نه ٿي ڪري شاگردن کي بنيادي سهولتن کان به محروم رکيو پيو وڃي هنن چيو ته هر دفعي لطيف يونيورسٽي ۾ موجود ٽرانسپورٽر آفيسر شاگردن سان سدائين ظلم ۽ زيادتيون ڪندو رهي ٿو هنن شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور ٽرانسپورٽر آفيسر ۽ شاگردن سان بداخلاقي ڪندڙ ڊرائيورن کي هٽايو وڃي ۽ فوري انصاف ڪيو وڃي.

خيرپور ۾ ڏهه سال اڳ قتل ٿيل وزير پنڀر جي ڪيس جي ٻڌڻي

عدالت پاران ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار دلڻ پنڀر کي عمر قيد جي سزا

ايڊيشنل سيشن ڪورٽ پاران ڪيس ۾ نامزد ٽن جوابدارن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ ڏهه سال اڳ ڳوٺ الهڏنو پنڀر ۾ قتل ٿيل مقتول وزير پنڀر جي قتل ڪيس جي ايڊيشنل سيشن ڪورٽ ۾ ٻڌڻي عدالت پاران ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار دلڻ پنڀر کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي ڪيس ۾ نامزد ٽن جوابدارن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ايڊيشنل سيشن جج محمد علي رڪ جي عدالت ڏوهه ثابت ٿيڻ تي سزا ٻڌائي وئي جوابدار کي پوليس گرفتار ڪري ورتو سخت پهري هيٺ سينٽرل جيل خيرپور منتقل ڪيو ويوگمبٽ ڏه سال اڳ جوابدارن گمبٽ ٿاڻي جي حد ۾ مقتول وزير پنڀر کي قتل ڪيو هيو جنهن جو قتل ڪيس 2016 ۾ گمبٽ ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هيو جنهن ۾ اڄ عدالت پاران سزا ٻڌائي وئي آهي

سکر ۾ سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون

پوليس منشيات فروش جوابدار مهر عرف مهرون جتوئي کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار جي قبضي مان 1200 گرام منشيات چرس برآمد، ڪيس داخل

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي سکر پوليس طرفان ڏوهاري عنصرن ۽ سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون تيزي سان جاري آهي. سکر پوليس جي ترجمان موجب ٿاڻو سانگي پوليس سنيپ چيڪنگ دوران ڪامياب ڪارروائي ڪندي منشيات فروش جوابدار مهر عرف مهرون جتوئي کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار جي قبضي مان 1200 گرام منشيات چرس برآمد ڪئي وئي. جوابدار خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف ٿاڻو صالح پٽ پوليس مخفي اطلاع تي ڪامياب ڪارروائي ڪندي هڪ هفتو اڳ هٿيارن جي زور تي ڇنيل ڪارگو لوڊر رڪشا هٿ ڪري اصل مالڪ علي مراد لغاري حوالي ڪري ڇڏيو. ياد رهي ته نامعلوم جوابدارن علي مراد لغاري کان ٿاڻو صالح پٽ جي حد مان ڪارگو لوڊر ڇني فرار ٿي ويا هئا. ڪارگو لوڊر واپس ملڻ تي مالڪ علي مراد لغاري ايس ايس پي سکر اظهر خان ۽ لاڳاپيل ايس ايڇ او جو شڪريو ادا ڪيو ۽ سکر پوليس جي ڪارڪردگي کي ساراهيو. ايس ايس پي سکر اظهر خان ڪامياب ڪارروائين تي پوليس ٽيم کي شاباش ڏيندي ڪارروائين کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا آهن.

مانجهند جي صحافي ساجد علي ملاح جي پٽ کي رولو ڪتي ڏاڙهي وڌو

شاگرد حامد علي ملاح کي رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو اسپتال نيو ويو

مانجهند(ن ع) مانجهند جي صحافي ساجد علي ملاح جي پٽ 7 ڪلاس

يوسي شاهه اويس قرني يوسي ڪرڙ مائينز ۾ رولو ڪتن جي ڏاڙڻ جي

سيوهڻ پوليس طرفان 20 ڏينهن اڳ قتل ٿيل ناري جي ڪيس جو مک جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ثنا ذي فدا حسين پنڀر جي قتل ۾ ملوث مک جوابدار کي سيوهڻ پوليس سيواڻي روڊ وٽان گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار سيوهڻ ڳوٺ ۾ قتل ٿيل مقتولا ناري ثنا پنڀر واري واقعي جو مک جوابدار آهي: سيوهڻ پوليس

باقي قتل ڪيس ۾ ٻين جوابدارن کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو گرفتار جوابدار کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

سيوهڻ اسٽيشن (رپورٽ: وقار علي هيسباڻي) سيوهڻ ۾ 20 ڏينهن اڳ قتل ٿيل ناري ثنا ذي فدا حسين پنڀر جي قتل ۾ ملوث مک جوابدار کي سيوهڻ پوليس سيواڻي روڊ وٽان گرفتار ڪرڻ جي دعوائي ڪئي آهي گرفتار جوابدار جو نالو جاويد علي پٽ صاحب خان پنڀر ڳوٺ مير محمد پنڀر، تعلقو ميهڙ ضلع دادو ٻڌايو پيو وڃي .هوڏانهن ايس ايڇ او سيوهڻ ذوالفقار گائينجو ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان سيواڻي روڊ وٽان جوابدار جاويد علي پنڀر کي گرفتار ڪيو آهي پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته گرفتار جوابدار سيوهڻ ڳوٺ ۾ قتل ٿيل مقتولا ناري ثنا پنڀر واري واقعي جو مک جوابدار آهي پوليس ٻڌايو ته باقي ڪيس ۾ ٻين جوابدارن کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو پوليس ٻڌايو ته گرفتار جوابدار کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

سيوهڻ: ثنا ذي فدا حسين پنڀر جي قتل ۾ ملوث مک جوابدار کي سيوهڻ پوليس سيواڻي روڊ وٽان گرفتار ڪري ورتو

پينشن ڏيو، رهتون ادا ڪريو: حيدرآباد ۾ بلديات کاتي جي رٽائر ملازمن جو احتجاج

بلديات کاتي جي رٽائر ملازمن 3 مهينن جي پينشن ۽ رهتون نه ملڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميونسپل ڪميٽي ٽنڊو ڄام، ميونسپل ڪميٽي جا 745رٽائر ملازم پينشن کان محروم آهن: مظاهرين

پينشن نه ملڻ سبب بيمار رٽائر پيرسن مرد ۽ عورتون ملازم پنهنجو علاج معالج به نٿا ڪرائي سگهن، گهر جو گاڏو به هلڻ مشڪل ٿي ويو آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) بلديات کاتي جي رٽائر ملازمن 3 مهينن جي پينشن ۽ رهتون نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون اڪبر بروهي، معشوق چانگ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري دوران هڪ پيرسن رٽائر ملازم بيهوش ٿي ويو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته بلديات کاتي حيدرآباد جي اڳوڻي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميونسپل ڪميٽي ٽنڊو ڄام ميونسپل ڪميٽي جا 745رٽائر مرد ۽ عورت ملازم 3مهينن کان پينشن کان محروم آهن. پينشن نه ملڻ سبب بيمار رٽائر پيرسن مرد ۽ عورتون ملازم پنهنجو علاج معالج به نٿا ڪرائي سگهن جڏهن ته گهرن جو ڪاروونهوار به سخت متاثر آهي. هنن چيو ته پينشن روڪڻ خلاف لاڳاپيل عملدارن کي ڪيترين ئي درخواستون ڏنيون آهن پر ڪو به تدارڪ نٿو ڪيو وڃي. هنن چيو ته رٽائر ملازمن جي پينشن روڪڻ اداري جي خدمت ڪندڙن سان ظلم آهي. هنن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري،سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه،بلديات کاتي واري وزير کي اپيل ڪئي بلديات کاتي جي رٽائرملازمن جي مسئلن جونوٽس وٺي مسئلو حل ڪيو وڃي

هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس سنڌ جي صدر کي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري

هالا(ن ع) هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس سنڌ جي صدر طور بهادر خان ابڙو جي چونڊجڻ تي سنڌ سميت سڄي ملڪ مان تنظيم جي اڳواڻن ۽ ميمبرن طرفان مبارڪون پيش ڪيون وڃن آهن.هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي چيف ايگزيڪيوٽو محمد علي يوسفزئي پاران بهادر خان ابڙو کي سنڌ جو صدر مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن جو باقاعده نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي.هيومن رائيٽس پاڪستان جي چيئرمين رانا غلام نبي، جنرل سيڪريٽري سلطان محمود تنولي سميت سنڌ جي مختلف ضلعن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن بهادر خان ابڙو کي مبارڪباد ڏيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته هو انساني حقن جي تحفظ لاءِ عملي قدم کڻندا ۽ مظلوم عوام کي انصاف فراهم ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا.

هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس سنڌ جي صدر کي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري

پ پ اڳواڻ انجنيئر گيان چند پاران ڀمرلال مينگهواڙ جي عيادت

مٺي (ڊ ر) پ پ پ اڳواڻ انجنيئر گيان چند ٿاراڻي ناٿڪرام مينگهواڙ سان گڏجي اين آءِ سي وي ڊي مٺي پهچي زير علاج ڀمرلال مينگهواڙ جي عيادت ڪئي. جڏهن ته پ پ پ ڏيپلو جي صدر سمير ٿاراڻي ڏيپلو شهر ۾ گوهيل محلا ۾ گلاب گوهيل جي گهر واري جي وفات تي ۽ سدا بهار ڪالوني ڀرسان سجل واڌيو جي والد خيسو مل واڌيو جي وفات تي تعزيت ڪئي. ان موقعي تي ضلع ڪائونسل ٿرپارڪر جو ميمبر وڪيل آوم پرڪاش ٿاراڻي انجنيئر گلزار ٿاراڻي ۽ ڏيون ولاسائي به موجود هئا.

پيپلز پارٽي فيڊرل ڪائونسل جي ميمبر نظر محمد ڳاهو جو فرزند ذوالفقار علي ڳاهو وفات ڪري ويو

خيرپور(ڊ ر) پيپلز پارٽي فيڊرل ڪائونسل جي ميمبر ۽ اڳوڻي وزيراعليٰ سنڌ سيد قائم علي شاهه جي پوليٽيڪل سيڪريٽري نظر محمد ڳاهو ايڊووڪيٽ جو صاحبزادو ۽ ٽائون آفيسر ذوالفقار علي ڳاهو 50 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪري ويو مرحوم جي طبيعت ڪجهه ڏينهن اڳ خراب ٿي وئي هئي ۽ سندس علاج جاري هو پر هو خالق حقيقي سان وڃي مليو مرحوم ذوالفقار علي ڳاهو جي نماز جنازه ۽ تدفين ڳاهو وليج تعلقي ڪوٽ ڏيجي ۾ ڪئي وئي نماز جنازه ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان سوين ماڻهو شريڪ ٿيا

ڏهرڪي پريس ڪلب جي وفد صوبائي وزير مير طارق ٽالپر کي عمري جي مبارڪباد پيش ڪئي

ڏهرڪي (ن ع)ڏهرڪي پريس ڪلب جي وفد سرپرست اعليٰ نصير احمد قريشي ۽ صدر آغا روز زمان مرغيزاني جي قيادت ۾ صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي.ڏهرڪي پريس ڪلب جو وفد گذريل ڏينهن ٽالپر هائوس ڏهرڪي پهتو جتي وفد صوبائي وزير براءِ سماجي بهبود، ميمبر سنڌ اسيمبلي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ميرپورخاص ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري مير طارق علي خان ٽالپر کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني ۽ گلن جا هار پارايا.ڏهرڪي پريس ڪلب جي وفد ۾ سرپرست اعليٰ نصير احمد قريشي، صدر آغا روز زمان مرغزاني، قائم مقام جنرل سيڪريٽري ذوالفقار علي خان قائمخاني راجپوت، چيئرمين ورڪنگ ڪاميٽي اشفاق احمد اشفي، سينيئر نائب صدر سيد بشير احمد شاهه نقوي، نائب صدر شفيق قائمخاني، نائب صدر دوم محمد يونس راجپوت، فنانس سيڪريٽري وڏيرو فيض محمد رمداڻ، جوائنٽ سيڪريٽري

ڪوٽڏيجي جي ڳوٺ خدا بخش پنهور ۾ سگهڙ ڪچهري

سنڌ جي ڪچهرين جي اهميت جي عنوان سان آگاهي ليڪچر

صوفياڻي محفلون سنڌ جي تاريخي ۽ قديمي ثقافت جو اهم حصو آهن: عبدالستار پنهور

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ضلعي جي تعلقي ڪوٽڏيجي جي ڳوٺ خدا بخش پنهور ۾ سگهڙ ڪچهري، صوفياڻي محفل ۽ سنڌ جي ڪچهرين جي اهميت جي عنوان سان آگاهي ليڪچر ۽ ثقافتي تقريب جو اهتمام ڪيو ويوتقريب ۾ اڳوڻو ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر سينيئر ايڊووڪيٽ ۽ نامور شاعر عبدالستار پنهور مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جڏهن ته ثقافتي تقريبن جو اهتمام سماجي اڳواڻ سجاد علي پنهور پاران ڪيو ويوان موقعي تي نامور سگهڙن اديبن ۽ صوفي فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ شرڪت ڪندڙن کان ڀرپور داد حاصل ڪئي عبدالستار پنهور پنهنجي خصوصي خطاب ۾ چيو ته سگهڙ ڪچهريون ۽ صوفياڻي محفلون سنڌ جي تاريخي ۽ قديمي ثقافت جو اهم حصو آهن هن زور ڀريندي چيو ته حڪومت کي گهرجي ته اهڙا ثقافتي پروگرام سرڪاري سطح تي منعقد ڪرايا وڃن جيئن نوجوان نسل کي سنڌ جي ثقافت بابت تفصيلي ڄاڻ ملي سگهي.هن وڌيڪ چيو ته سگهڙ اديب، شاعر ۽ فنڪار سماج جي عڪاسي ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، تنهن ڪري فنڪارن ۽ فن کي همٿي ڏيڻ لاءِ حڪومت کي عملي ۽ خاص قدم کڻڻ گهرجن.تقريب ۾ ايڊووڪيٽ نظام الدين ٽوناري، علي احمد پنهور، امام ڏنو مهراڻي، علي حسن سولنگي، مجاهد حسين شيخ، غلام شبير رند سميت ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيوآخر ۾ گڏيل طور عالم انسانيت جي ڀلائي لاءِ دعاءِ خير گهري وئي

سڪرنڊ ۾ پ پ اڳواڻ ڏاڏا غلام شاهه لغاري سان رهاڻ

ڪم ۽ ڪردار انسان جي شخصيت ۾ سونهن پيدا ڪندو آهي: بلاول ڪيريو

پارٽي جي سينيئر ورڪرن طرفان مان ڏيڻ تي شڪر گذار آهيان: ڏاڏا غلام شاهه لغاري

سڪرنڊ (س ر) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع شهيد بينظيرآباد جي اڳوڻي ضلعي جنرل سيڪريٽري ڏاڏا غلام شاهه لغاري کي سندس سياسي ۽ سماجي خدمت عيوض ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ پ پ پ جي ورڪر رابطه آفيس ۾ پيپلزيوٿ تعلقه سڪرنڊ جي جنرل سيڪريٽري غلام عباس مگسي پاران "شام جو هي پهر نانءِ اسان جي ڪريو" جي عنوان تحت شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ پيپلز پارٽي جي سينيئر ورڪرن شرڪت ڪئي جن ۾ مراد علي ملاح، ممتاز لاشاري، محمد رفيق لاشاري، اسامه شاهه لغاري، نصرالله ملاح، عبدالستار پٺو شامل هئا ان موقعي تي بلاول ڪيريو ڳالهائيندي چيو ته ڪم ۽ ڪردار انسان جي شخصيت ۾ سونهن پيدا ڪندو آهي اسين سمجهون ٿا ته غلام شاهه لغاري پڻ انهن ڪردارن مان آهي جنهن پارٽي ذميواري دوران پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. صاحب محفل غلام شاهه لغاري ڳالهائيندي چيو ته مان شڪر گذار آهيان پارٽي جي سينيئر ورڪرن جو جيڪي منهنجي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيا آهن ان کان اڳ پروگرام جي ميزبان غلام عباس عرف ملو مگسي آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو جنهن بعد ڏاڏا غلام شاهه لغاري جي جنم ڏينهن جي حوالي سان ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو

سڪرنڊ: پ پ اڳواڻ ڏاڏا غلام شاهه لغاري جي جنم ڏينهن جي حوالي سان ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو

ٺري ميرواهه ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جي هدايت تي ثقافتي ميلو

ميلي ۾ هٿ جي هنر سان تيار ڪيل شين جا مختلف اسٽال لڳايا ويا

اسڪول مان آيل شاگردياڻين گلن سان مهمانن جو والهاڻو استقبال ڪيو

ٺري ميرواهه(ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر ميرواهه عارفه بتول جي هدايت تي ٺري ميرواهه ۾ ثقافتي ميلو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ انڊس ڊولپمينٽ فائونڊيشن ۽ سرسو جي سهڪار سان هٿ جي هنر سان تيار ڪيل شين جا مختلف اسٽال لڳايا ويا. ثقافتي ميلي ۾ لڳايل اسٽالن جو افتتاح ڪمشنر سکر ڪيو، جنهن جي اسڪول مان آيل شاگردياڻين گلن سان مهمانن جو والهاڻو استقبال ڪيو ان موقعي تي ڪمشنر سکر اسٽالن جو دورو ڪندي هٿ سان تيار ڪيل شين جهڙوڪ ٽڪ جي رلي، پرت سان ڀريل رگا، پنديون هٿ وارا پکا ۽ ٻين دستڪاري شين جو جائزو ورتو ۽ عورتن جي هٿ جي هنر جي ساراهه ڪئي. ڪمشنر سکر عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو ته هٿ جي هنر ۾ اوهان جي محنت جو مناسب اجورو ملڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته سرڪاري سطح تي سهولتون فراهم ڪيون وڃن جيئن عورتون پنهنجي هنر کي وڌيڪ اڳاڻ ڪري سگهن ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪري سگهن ان موقعي تي ڪمشنر سکر سان گڏ اسسٽنٽ ڪمشنر ميرواهه عارفه بتول مختيارڪار ميرواهه انڊس ڊولپمينٽ فائونڊيشن جي چيئرپرسن ايڊووڪيٽ ميڊم زينب بلوچ ٽيم سميت، پريس ڪلب ٺري ميرواهه جو صدر ممتاز علي شر سرسو تعلقي انچارج سجاد لغاري ۽ سرسو ٽيم پڻ موجود هئي.

سڄاول جون سرڪاري اسپتالون بي لاپ بڻيل آهن: مولانا محمد صالح الحداد

بجيٽ ملي ڀڳت سان هڙپ ڪئي پئي وڃي اسپتالن ۾ ڪنهن به قسم جي سهولت ناهي

پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪيل اسپتالن ۾ فيميل ڊاڪٽرن سميت ٻيو طبي عملو مڪمل طور تي موجود ناهي

سڄاول (ڊ ر) جمعيت علماءِ اسلام ضلعي سڄاول جي امير مولانا محمد صالح الحداد، حافظ فضل الله فياض مولانا طفيل احمد ڪٽي ۽ مولانا محمد انور سومرو پنهنجي جاري ڪيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته ضلعي سڄاول جي سرڪاري اسپتالن ۾ عوام کي ڪنهن به قسم جو رليف نٿو ملي ۽ صحت کاتي جي سموري بجيٽ ملي ڀڳت سان هڙپ ڪئي پئي وڃي اسپتالن ۾ ڪنهن به قسم جي سهولت ناهي دوائون هڪ ته ٻه نمبر وري اهي به اڻلڀ ڊليوري جي ڪابه سهولت ناهي ضلع جي غريب عوام جيڪا پرائيويٽ اسپتال ۾ علاج نٿي ڪرائي سگهي اهي ڌڪا کائيندا بي يارو مدد گار پريشان بڻجي وئي آهي هنن وڌيڪ چيو ته پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪيل اسپتالن ۾ فيميل ڊاڪٽرن سميت ٻيو طبي عملو مڪمل طور تي موجود ناهي، جنهن سبب عورتن ۽ ٻارن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جڏهن ته اسپتالن ۾ دوائون به تمام گهٽ مقدار ۾ ڏنيون وڃن ٿيون ۽ اهي به وقت سر ميسر ناهن ٿينديون هنن وڌيڪ چيو ته غريب عوام علاج لاءِ در در ڀٽڪي رهيو آهي پر لاڳاپيل اختيارين ڪن لاتار ڪئي آهي. اڳواڻن سنڌ حڪومت ۽ صحت کاتي جي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور معاملي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ جمعيت علماءِ اسلام عوام سان گڏجي احتجاجي تحريڪ شروع ڪندي.

داد لغاري ويجهو ڳوٺ دلاور خان لغاري جي رهواسي جو احتجاج

منهنجو پائيٽو زمين تي قبضو ڪري مختلف ماڻهن کي وڪرو ڪرڻ چاهي ٿو: مولوي ڪليم

هن پنهنجي حصي جي زمين به وڪرو ڪري ڇڏي آهي، هاڻي اسان جي ڪاٽي واري زمين به وڪرو ٿو ڪري

داد لغاري (ن ع) داد لغاري ويجهو ڳوٺ دلاور خان لغاري جو رهواسي مولوي ڪليم الله لغاري داد لغاري پريس ڪلب پهچي پائيٽي يوسف لغاري خلاف احتجاج ڪندي چيو ته منهنجو پائيٽو اسان جي قبولي زمين تي قبضو ڪري مختلف ماڻهن کي وڪرو ڪرڻ چاهي ٿو هن چيو ته هن ڪرڻ تي هو موتمار ڌمڪيون ڏي ٿو. هاڻي هو اسان کي جاني نقصان ڏيڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏي ٿو هن چيو ته منهنجو پائيٽو يوسف لغاري هڪ مهينو اڳ ايس ايس پي آفيس ۾ لکت ڪري ڏني هئي ته هو اسان جي زمين تي قبضو نه ڪندو ان باوجود به هو پنهنجي ڪنهن به ڳالهه

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 20 جنوري 2026ع

اڳوڻي امريڪي سفير جي ايراني سپريم ليڊر کي نشانو بڻائڻ واري دعويٰ!

ايران، آمريڪا ۽ وچ اوڀر جي صورتحال هڪ ڀيرو ٻيهر انتهائي نازڪ موڙ تي پهچي وئي آهي، جتي لفظن جي جنگ آهستي آهستي عملي صورت اختيار ڪندي نظر اچي رهي آهي. ان حوالي سان هڪ بيان سامهون آيو آهي جنهن موجوده عالمي سياست سوال اُٿاري ڇڏيا آهن. ڊان شاپيرو، جيڪو اسرائيل ۾ آمريڪا جو سفير رهي چُڪو آهي، ان جي دعويٰ آهي ته ”صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ ايران جي سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اِي کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو.“ ڏٺو وڃي ته اهو رڳو هڪ سفارتي تبصرو ناهي پر هڪ اهڙو سخت ۽ ڊيڄاريندڙ بيان آهي، جيڪو پوري خطي ۾ باهه ۾ لڳائي سگهي ٿو. اهڙي بيان مان تاثر ملي رهيو آهي ته عالمي طاقتون هاڻي رياستن بدران سڌي طرح قيادت کي نشانو بڻائڻ واري خطرناڪ حڪمتِ عملي ڏانهن وڌي رهيون آهن.

ڪنهن به ملڪ جي اعليٰ مذهبي ۽ سياسي قيادت کي قتل ڪرڻ يا ان بابت کُليل ڳالهه ٻولهه عالمي قانون، رياستي خودمختياري ۽ عالمي استحڪام لاءِ سخت خطرو آهي. جيڪڏهن اهڙو قدم کنيو وڃي ٿو ته اها ايران خلاف ڪارروائي ته هوندي پر ان جو اثر عراق، لبنان، فلسطين، نار وارن ملڪن، بلڪ سڄي اسلامي دنيا جي ملڪن تي پئجي سگهي ٿو. عالمي سياست جو ماضي ٻڌائي ٿو ته جڏهن به قيادت کي نشانو بڻايو ويو آهي، تڏهن رياستن اندر وڌيڪ افراتفري، انتهاپسندي ۽ ڊگهي مدي واري عدم استحڪام جنم ورتو آهي. اهو به اهم آهي ته اهڙو بيان ان وقت سامهون آيو آهي، جڏهن ايران اندر معاشي بحران سبب شروع ٿيل احتجاج پُرتشدد مظاهرن ۾ تبديل ٿي چڪا آهن ۽ جن بابت ايراني قيادت سڌي طرح آمريڪا ۽ اسرائيل تي مداخلت جا الزام لڳائي رهي آهي. هڪ طرف احتجاج، ٻئي طرف سيڪيورٽي ڪريڪ ڊائون، انٽرنيٽ جي بندش مٿان وري آمريڪي فوجين جي امڪاني تعيناتي؛ ان مان خبر پئي ٿي ته ايران کي اندروني دٻاءَ سان گڏ ٻاهرين چئلينجن کي به منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ڊان شاپيرو جو آيت الله خامنه اِي جي عمر ۽ صحت جو حوالو ڏيندي ”نئين قيادت“ جي ضرورت تي زور ڏيڻ اصل ۾ ان سوچ کي ظاهر ڪري ٿو جنهن ۾ ٻاهريون طاقتون ڪنهن ملڪ جي اندروني سياسي ڍانچي بابت فيصلا پاڻ ڪرڻ چاهين ٿيون. اهڙي سوچ نه رڳو اخلاقي طور سواليه بڻيل آهي پر اها عالمي اصولن جي به کُليل ڀڃڪڙي آهي، ڇو ته ڪنهن به ملڪ جي قيادت جي تبديليءَ جو فيصلو ان ملڪ جي قوم جو اندروني حق آهي، نه ڪي ساموندي جهازن، ڊرونن، ڳجهن آپريشنن ۽ غير ملڪي شخصيتن تي حملا ڪرڻ سان مسئلو حل ٿيڻو آهي.

ساڳئي وقت ايران ۾ انٽرنيٽ جي جزوي بحالي ۽ احتجاج ۾ گهٽتائيءَ جي سرڪاري دعويٰ به پنهنجي جاءِ تي ڪيترائي سوال پيدا ڪري ٿي. هڪ طرف ايراني عملدار صورتحال تي ڪنٽرول ڪرڻ جو اعلان ڪري رهيا آهن ته ٻئي طرف انساني حقن جون تنظيمون هزارين ماڻهن جي مارجڻ جون ڳالهيون ڪري رهيون آهن. اهڙي ڏکي ۽ امڪاني جنگي صورتحال ۾ طاقتور ملڪن جون غريب يا ترقي پذير ملڪن کي فوجي آپريشن جون ڌمڪيون حالتن کي سنڀالڻ بدران وڌيڪ مونجهارا پيدا ڪري سگهن ٿيون. خود آمريڪا جو به موجوده صورتحال ۾ اهو نازڪ امتحان آهي ته ڇا هو وچ اوڀر ۾ اڳ ۾ موجود تڪرارن مان سبق سکيو آهي يا اڃا به فوجي دٻاءَ کي مسئلن جو حل سمجهي ٿو؟ جيڪڏهن واقعي به اعليٰ ايراني قيادت کي نشانو بڻائڻ جهڙو قدم کنيو ويو ته پوءِ اهو تڪرار ڪنهن هڪ ملڪ تائين محدود نه رهندو پر اهو تيل جي عالمي مارڪيٽن، عالمي معيشت ۽ عالمي امن کي سڌي طرح متاثر ڪندو. تنهنڪري موجوده صورتحال مان اهو ئي نتيجو نڪري ٿو ته ايران خلاف فوجي آپريشن، خاص طور تي ايراني قيادت کي نشانو بڻائڻ امن ڏانهن رستو نه پر تباهيءَ ڏانهن وٺي ويندو، ڇو ته دنيا اڳ ۾ ئي جنگين، معاشي بحرانن ۽ سياسي عدمِ استحڪام سان وڙهي رهي آهي. اهڙي وقت ۾ عالمي طاقتن تي اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته هو ڌمڪين، سازشن ۽ فوجي ڏيکاءَ بدران ڳالهه ٻولهه، سفارتڪاري ۽ عالمي قانون کي ترجيح ڏين. ڪٿي ائين نه ٿئي جو وچ اوڀر مان اُٿندڙ باهه سڄي دنيا کي ساڙي نه ڇڏي.

اڳي ته ايئن ڪونه هو...

ڊاڪٽر رضا چانڊيو

(حصو پهريون)

واقعي به ايئن ٿي آهي يا مون کي ايئن ٿو لڳي ته اسان جي معاشري ۾ هاڻ سهپ، ساڃاهه، صبر، اخلاق، ڪس ڪس پيار، رحمدلي، هڪ ٻئي ۾ اُميد رکڻ، آسرو، اخلاقي قدر، محبت، ڀائيچارو، ايتري تائين جو انسانيت ئي ختم ٿيندي پئي وڃي. انسان ڏينهون ڏينهن سفاڪ، بي رحم ۽ ظالم ڇو ٿيندو پيو وڃي؟

ظلم پنهنجون حدون اورانگهي چڪو آهي. دليون ڪٺور ۽ بي حس ۽ بي رحم ٿينديون پيون وڃن. مظلوم جي داد رسي ڇو نٿي ٿئي؟ ڪير ڪو به ٻڌڻ لاءِ تيار ڇو ناهي؟ انصاف ۽ انصاف ڪندڙ ادارا گهٽي پاڳي جهڙو ڪروڪامچي چڪا آهن. ڊپ ۽ خوف جي عالم ۾، ماڻهن ۾ حيرات (خوف، ڊپ) ۽ دلين تي دهشت ۽ وحشيت واسو ڪري وئي آهي. سچ گم ٿيندو پيو وڃي. ڪوڙ ايترو ته عام ٿي ويو آهي جو جڻ ته هاڻ سچ ٿو لڳي. فتنن فسادن ۽ فتوائن جي دور ۾ شريف ماڻهن جو جيئڻ انتهائي ڏکيو ٿي پيو آهي. وڏڙن توڙي والدين يا استادن جي هاڻ معاشري ۾ اها عزت، احترام، حرمت ۽ تقدس ناهي رهيو. معاشرو عدم تحفظ ۽ اڪيلائيءَ جو شڪار ٿيندو پيو وڃي. هر ماڻهو خود کان بيزار، احساسِ ڪمتري ۽ ڊپريشن جو شڪار ٿيندو پيو وڃي.

اڳي ته ايئن ڪونه هو...

انسان خود غرض ۽ مفاد پرست وڌيڪ بڻجي ويو آهي. سندس سوچ محدود، صرف ذات جي حد تائين وڃي رهي آهي. خود کي وٺائڻ، جتائڻ، اقرباپروري، انا ۽ پئسي جي مستيءَ ۾ ماڻهو مون کي ته لڳي ٿو ايترو اڳتي نڪري ويو آهي جو الله کي ئي وساري ويٺو آهي. سندن دلين مان هاڻ خوف خدا جهڙو ڪر ختم ٿيندو پيو وڃي. اسان جون گهٽي پاڳي عبادتون هاڻ غرض ۽ ڏيکاءَ جي حد تائين وڃي رهيون آهن. عبادت گاهن ۾ به سياست ڪاهي پئي آهي. مسجدون به مختلف فرقن جي نالن سان جُڙي ويون آهن. مسجدن جو تقدس به هاڻ پائمال ٿيڻ لڳو آهي. اتي به هاڻ اهو دل کي سڪون ۽ روح کي راحت نٿي ملي. ماڻهو سڪون جي تلاش ۾ دربدر آهن.

سمجهه ۾ نٿو اچي ته الله جي گهر ۾ ذڪر اذڪار ڪري، گناهن جي ملڪ ڪريم کان دل سان معافي وٺي، پنهنجن پيارن جا ڪيس روئي واسطا ڏئي گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه گهڙي ايمان تازو ڪري بخشرائجي، مسجد کان ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ وري ”ساڳيو لاٽون ساڳيا چڱهه“ واري ڪار ڇو آهي؟ خبر ناهي ته ڪجهه قدمن ڪانپوءِ اسان کي خدا ياد ڇو نٿو رهي؟ اسان جي روزمره جي معاملاتِ زندگيءَ ۾ نماز ڪٿي ۽ ڏسڻ ۾ ڇو نٿي اچي؟؟ فقير سوچي ٿو ته رڳو ”فرض“ ”نماز“ پڙهڻ ئي ته ڪانهي؟ اسان تي ٻيا به ته فرض لاڳو آهن. مذهب اسان کي انسانيت جو درس ڏئي ٿو پيار، محبت، ڀائيچاري سان گڏ رهڻ سيکاري ٿو ڪوڙ ناهي ڳالهائڻو، ٻئي جا حق ناهن ڪاٽڻا. رشوت ناهي وٺڻي. وياج وٺڻ ڏوهه آهي امانت ۾ خيانت ڪانهي ڪرڻي. ملاوٽ ڪرڻ ڏوهه آهي. پاڻ ۾ حُسنِ اخلاق سان پيش اچڻ جو حڪم آهي ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ، ڪنهن کي اجايو پريشان ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ. غريبن مسڪينن، بيواهن، يتيمن جي واهر ۽ مدد ڪرڻ. مطلب ته حقوق الله سان گڏ حقوق العباد جا فرض به پورا ڪرڻ جي تلقين ٿيل آهي ۽ اسان ڇا ٿا ڪريون...؟

مولانا فيروز حيدر عابديءَ کي ڪالهه ٻڌڻ جو اتفاق ٿيو. هن پنهنجي سحر انگيز بيان ۾ فرمايو ته ”الله ڪريم پنهنجي حڪم ۾ به ترتيب رکي آهي. سڀ کان پهرين والدين جا حق، ان کان پوءِ مِٽن مائٽن جا حق، ان کان پوءِ يتيمن مسڪينن جا حق، ان ڪانپوءِ نماز قائم ڪرڻ جو حڪم ۽ ذڪوات ڏيڻ جو چيو ويو آهي ۽ مسلمان تي اهو واجب آهي ته جڏهن هو گفتگو ڪري ته سندس جو لهجو تلخ نه هجڻ گهرجي. سڀ کان پهرين اها پڇا ٿيندي ته توهان منهنجن ٻانهن (ٻانهن) سان ڪيئن هليا؟“

فقير اڳ ۾ به ڪئين ڀيرا عرض ڪيو آهي ته ”انسان ذات جي خدمت کان مٿي ڪا عبادت ڪانهي؟“ هر هنڌ ناانصافي ۽ ايترو ظلم آخر ڇو وڌندو پيو وڃي؟ آخر ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ ظالم پڪڙ ۾ ڇو نٿو اچي؟

ظالم کي ايتري ڇوٽ ڇو مليل آهي؟ ظالم ڏينهن ڏٺي جو سرعام قتل ڪري بنا خوف خطري جي ڪجهه شُنوائين کان پوءِ عزت ۽ احترام سان ڇو آجو ٿيو وڃي ۽ بيگناهن کي وري ڦاسي ڇو ٿي وڃي؟؟ هر دور ۾ ظلم ٿيندا رهيا آهن. ناانصافيون اڳي به ٿيون آهن پر منهنجي خيال ۾ اڄوڪي دور ۾ انصاف جو ملڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي؟

اڳي ته ائين ڪونه هو... اگر جي سڀئي ادارا صحيح طرح ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجو ڪم ڪرڻ لڳن ۽ ڪنهن جي اجائي مداخلت نه هجي ته جيڪر ڪئين اهنج ۽ تڪليفن کان عوام کي نجات ملي وڃي. تعليمي ادارن سان اسان جو مستقبل جڙيل آهي. گهٽ ۾ گهٽ اتي سفارش ۽ ميرٽ جي لتاڙ نه هئڻ گهرجي. اسان جو نوجوان اتان ماهر ۽ قابل استادن کان سکيا وٺي، سڀاڻي ملڪ جون واڳون سنڀاليندو. اتي جو ماحول پڙهڻ ۽ علم پرائڻ لاءِ، صحتمند ۽ سازگار هجڻ گهرجي. پراڻن رٽائرڊ علم جي ماهر استادن کان ادارن جي ڀلي لاءِ مشورو ۽ رهنمائي حاصل ڪرڻ گهرجي. علم دوست سماج سڌارڪ سينيئر ڪميونٽيءَ جي ميمبرن کي گهرجي ته پنهنجن ادارن جي مالڪي ڪن. هر ماڻهو کي پنهنجي حصي جو ڪم، نيڪ نيتي ۽ ديانتداريءَ سان ڪرڻ گهرجي. تعليم جو معيار به اڳي کان ڪرندو يا گهٽجندو پيو وڃي. شاگردن کي ڪورس سان گڏوگڏ اخلاقي قدرن ۽

ونڊر بوائي ۽ تعليم لاءِ اخبار!

مير اعظم علي ٽالپر

دنيا ۾ انساني زندگيءَ لاءِ هميشه ضرورت ايجاد جي ماءُ رهي آهي ۽ ’ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي‘ وارو فلسفو قديم تجربي جي بنياد تي سچ به ثابت ٿيو آهي اُها ٻي ڳالهه آهي ته ضرورت ڪهڙي به ٿي سگهي ٿي ۽ اُن جي تڪميل لاءِ ڪجهه ايجاد ڪري سگهجي ٿو. ضرورت جو بنيادي نقطو ضرورت جي پورائي ڪرڻ آهي اها ضرورت علم حاصل ڪرڻ، تعليم پرائڻ سان گڏوگڏ سياسي نوعيت جي به ٿي سگهي ٿي ڇو ته ضرورت آخر ضرورت آهي جيڪا ڪنهن به مهل ۽ وقت تي پيدا ٿي سگهي ٿي ۽ اُن لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي اهو ايجاد جو نسخو ٻڌائي ٿو ته اوهان جي ضرورت ڪهڙي ريت پوري ٿيندي. انسان سدائين ضرورت جي ماتحت محتاج رهيو آهي ۽ رهندو آيو آهي. دنيا ۾ ضرورت ملڪي ۽ غير ملڪي به هوندي، ضرورت گهٽ ۽ وڌ به ممڪن آهي. ضرورت ڪنهن هڪ شيءِ جو نالو به نه آهي. ضرورت جا مختلف روپ آهن جيڪي نالن جي استعمال ڪرڻ ۾ وقت به وقت جملن ۾ به اچن ٿا. جيئن اڄڪلهه نيشنل ۽ انٽرنيشنل سطح تي هڪ اصطلاح طور نالو اعزازي طور ميڊيا ۾ گشت ڪري رهيو آهي ’ونڊر بوائي‘ يعني اُن کي پيار محبت ۾ شهزادو به چئي سگهجي ٿو ته عام ٻولي واري زبان ۾ ’پيو‘ به چيو ويندو آهي بهرحال اهڙي هڪ ونڊر بوائي جي اشد ضرورت اڄڪلهه امريڪا جي صدر ٽرمپ کي ايران ۾ اقتدار لاءِ آهي ۽ هو اُها ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ايجاد جي والده سان رابطي ۾ آهي ته ڪو ونڊر بوائي يعني ڪو شهزادو ايران لاءِ ايجاد ٿي پئي ۽ اُنهيءَ علمي انٽرنيشنل ضرورت ونڊر بوائي ڪانسواءِ مقامي طرح سان نيشنل مارڪيٽ ۾ ديسي ونڊر بوائي جي به سدائين ضرورت محسوس ٿيندي رهي آهي جيڪا شايد هن وقت به هجي بهرحال جيستائين تعلق آهي ضرورت جو ته تعليم واري ميدان ۾ هڪ استاد جي ضرورت اول نمبر تي هوندي آهي جيڪو پنهنجي اسڪول جي ونڊر بوائيز عرف شاگردن شهزادن کي پڙهائيندو آهي اسڪول ۽ استاد جو پراڻو قصو مختصرن هن طرح سان آهي سچ يا ڪوڙ جي ته خبر نه آهي البته ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ ڳوٺ جي اسڪول جي هڪ ماستر خلاف سپروائيزر رپورٽ ڪئي ته معزز ماستر صاحب اسڪول مان مسلسل غيرحاضر آهي ۽ شاگردن جي پڙهائي متاثر ٿي رهي آهي. اُن سلسلي ۾ ڳوٺاڻن جو به چوڻ آهي ته ماستر اسڪول مان غائب آهي اُن ڪري هن جي پڳهار بند ڪئي وڃي ڇو ته ماستر اسڪول اچي ڪونه ٿو اُن ڪري هن تي قانوني قدم به کنيو وڃي ماستر جڏهن پهرين تاريخ تي تعلقي آفيس ۾ پڳهار کڻڻ ويو ته هن کي ٻڌايو ويو ته سپروائيزر جي رپورٽ ۽ غير حاضري سبب سندس پڳهار روڪيو ويو آهي اهو ٻڌي استاد سنئو بالا عملدار وٽ پهتو ۽ سڄي ماجرا بيان ڪيائين ته پڳهار بند ڪيو آهي آئون ته اسڪول ۾ نه رڳو ٽيهه ئي ڏينهن حاضر هوندو آهيان پر ٽيهه ئي راتيون به اسڪول ۾ هوندو آهيان. سپروائيزر ڪوڙو آهي ذاتي دشمني تي لهي آيو آهي وڏي صاحب ماستر کي پڳهار ڏيڻ کان اڳ سپر وائيزر کي طلب ڪري گڏ وٺي هلڻ ۽ اسڪول جو معائنو ڪرڻ جو چيو ۽ ڳوٺاڻن سان ملاقات جو چيو. ٻئي ڄڻا اسڪول لاءِ ٽڪنا پرواڻ تي رستو پڇندي ويا ۽ پنڌ ڪٽي ته نيٺ وڏي صاحب بيزار ٿي سپر وائيزر کي چيو ميان تون ڪهڙو رستو وٺي اسڪول وٺي هلئين؟ اُن تي سپر وائيزر چيو ته سائين گس ته ساڳيو پيو نظر اچي پر اسڪول خبر نه ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي ۽ شايد ڳوٺ به هتان غائب ٿي ويو آهي سو اڄ ته مون کي ڪا به خبر نٿي پئي ته اسڪول ۽ ڳوٺ ڪيڏانهن هليا ويا آهن؟ بهرحال اڄ اتفاق سان ونڊر بوائي ۽ تعليم جي ڳالهه نڪري وئي آهي ته ضرورت اُن ڳالهه جي آهي ته تعليم لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ سو تازو پاڙيسري ملڪ هندستان ۾ حڪومت ونڊر بوائي نوجوان شاگردن شهزادن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ دلچسپي پيدا ڪرڻ خاطر ۽ خوامخواهه شاگردن جو موبائيل جي اسڪرين تي اکيون اٽڪائي وقت گذارڻ جي رجحان کي ڏسندي ۽ اُن مان ٿيندڙ جسماني بيمارين کان بچڻ ۽ پڙهڻ ۾ وڌيڪ ڌيان ڏيڻ ۽ موثر تعليم لاءِ سرڪار سڀني سرڪاري اسڪولن ۾ ٽئين درجي کان ٻارهين درجي تائين بطور هڪ سبجيڪٽ روزانه اسيمبلي ٿيڻ کانپوءِ اخبار پڙهڻ لازمي ڪري ڇڏيو آهي ۽ اُن کي قانوني درجو به ڏنو ويو آهي ۽ فورن اسڪولن ۾ لاڳو به ڪيو ويو آهي بقول سرڪار ته هن سان ڪيترائي فائدا ٿيندا. هن اخبار پڙهڻ واري عمل سان سوشل ميڊيا جي اسڪرين کان بچاءُ ٿيندو اسڪولن ۾ اخبارن کي پڙهڻ لاءِ قانون نافذ ڪرڻ بعد انگريزي ۽ هندي اخبارن سان گڏ ٻين ٻولين جي اخبارن کي پڙهڻ لازمي بڻايو ويو آهي هن تي سخت پابندي سان عمل ڪرايو پيو وڃي حڪومت جي حڪمن تحت سيڪنڊري ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ پاران هن نظام تحت صبح جو اسيمبلي جيڪا اصل ۾ هڪ ادب، اخلاق، نظم و ضبط جو نمونو ٿيندي آهي ۽ اُن بعد ڪلاسن ۾ پڙهائي ٿيندي آهي پر هاڻ اُن پڙهائي کان پهرين شاگرد روزانو اخبار پڙهي پوءِ ڪلاس ۾ ايندا. حڪومت جو خيال آهي ته هن سان شاگردن ۾ ڪرنٽ افيئر ۽ سڄاڳي ايندي ۽ اُن مان سوال به شاگردن کان پڇيا ويندا. هن سان شاگردن ۾ معلومات به وڌندي. ٻئي طرف شاگردن ۾ پڙهڻ جو جوش ۽ جذبو به تيز ٿيندو ۽ پڙهڻ جي عادت به پيدا ٿيندي. ٻارن کي اخبارون پڙهڻ لاءِ پرائمري کان ئي ڏنيون وينديون هن طريقي سان ٻارن جي تعليم رڳو ڪتابن تائين محدود نه رهندي ۽ هيٺين سطح کان علم، تعليم جو ميدان وسيع بڻجي ويندو هي قانون تازو ختم ٿيل سال دوران 23 ڊسمبر 2025ع تي پاس ڪيو ويو هو ۽ هاڻ شاگرد روزانه اخبارن جا ايڊيٽوريل وارا صفحا لازمي پڙهندا، اُن ۾ آيل مضمون به ياد ڪندا. هن سان اکر لکڻ جو ذخيرو به ملندو ۽ ڳالهائڻ لاءِ لفظ به حاصل ٿيندا. اُن کانپوءِ روزانه پڙهيل اخبار مان استاد شاگردن کان پنج لفظ نوان ڪهڙا پڙهيا جو پڇندا اُنهن کي نوٽ ڪري ڊسپلي بورڊ تي به لکيو ويندو. اُن کانپوءِ ماهوار ڪو مئگزين ۽ اخبار جو ماڊل ٺاهڻ جو چيو ويندو اخبارون روزانه اسڪولن ۾ پهچايو وينديون ۽ ترتيب سان اُنهن کي پڙهايو ويندو اهڙي ريت اخبارن ۾ ڇپيل ڪهاڻيون، اسٽوريون وغيره مان به سوال ڪيا ويندا اُن ڪانسواءِ شاگردن کي ايڊيٽوريل لکڻ جو به چيو ويندو هن سان اظهار ڪرڻ جو به طريقو ايندو اسڪولن ۾ اخبارن جي آمد سان سرڪار کي اُميد آهي ته معصوم شاگردن جيڪي موبائيل فون کي چنبڙيا پيا هوندا آهن جيڪو خطرناڪ عمل آهي پر هي سلسلو موبائيل فون جو جڏهن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ آن لائن تعليم جو شروع ٿيو هو ته سهولت خاطر ليپ ٽاپ يا اينڊرائيڊ سيل فون کي آندو ويو هو، اُن بعد هٿن جون آڱريون ٽچ اسڪرين تي لڳل آهن ۽ هاڻ سوشل ميڊيا جو غلط استعمال ٿي رهيو آهي جڏهن ته انگلش ميڊيم وارن جو ته گهڻو ڪم ڪار (ورڪ) موبائيل فون ذريعي آهي اُن سان خبر چار ڪانسواءِ رانديون ڏسجن ٿيون اُن ڪري تعليم ۽ اخبار اچڻ سان موبائيل کي ڪجهه وقفو ملندو هندستاني اسڪولن ۾ سڀ کان پراڻو اسڪول 1960ع کان اتر پرديش جو بنجور ضلعي وارو هاءِ اسڪول آهي جنهن ۾ انگريزي، هندي ۽ اردو اخبارون اچن ٿيون. بهرحال اڄڪلهه واري نظام ’ڪاپي پيسٽ‘ تحت سنڌ جي اسڪولن ۾ ونڊر بوائي شاگردن جي تعليم لاءِ خبر ته آهي ته ڪڏهن اخبارن جي آمد جو دروازو کلندو؟ ڇو ته اڄڪلهه سڀ ڪم ڪاپي پيسٽ تحت ٿين ٿا.

تصور ۽ حقيقت....!

ڪيپٽن (ر) راصف سيد

”حقيقتون صرف ان ڪري غائب نه ٿيون ٿين جو انهن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو.“ اها چوڻي برطانوي فلسفي ۽ ناول نگار آلڊوس هڪسلي جي آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) پنهنجي شروعات کان وٺي هڪ دشمن ميڊيا مهم جو نشانو رهي آهي. اها مهم صرف سياسي مخالفن تائين محدود نه هئي پر ملڪ جي طاقتور اشرافيا پڻ ان ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن جا اثر ڊگهي عرصي تائين عوامي راءِ تي رهيا. اها پروپيگنڊا ڏينهن رات سرگرم رهي ته جيئن هڪ اهڙي تصوير برقرار رکي سگهجي، جيڪا حقيقت جي بلڪل برعڪس هجي. 1970ع جي ڏهاڪي ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ مذهبي جنوني مسلسل کيس آمر ۽ پريس جي آزاديءَ جو دشمن قرار ڏئي سندس سڃاڻپ کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. پر هڪ نظرياتي اڳواڻ ۽ هڪ بصيرت رکندڙ سياستدان جي حيثيت سان، هُن (ڀٽي صاحب) مسلسل تنقيد کي پنهنجي رستي ۾ رُڪاوٽ بڻجڻ ڏنو ۽ قوم کي درپيش مسئلن تي ڌيان ڏنو. ماڻهن جي وڏي اڪثريت هن منفي مهم جو شڪار ٿيڻ کان انڪار ڪيو ۽ پنهنجي اڳواڻ کي سندس عملي خدمتن ۽ قومي ڪاميابين جي پيماني تي پرکيو. سندس نيڪ ڌيءَ ۽ سياسي جانشين شهيد محترمه بينظير ڀٽو پڻ ساڳي آزاديءَ سان پنهنجي پيءُ خلاف قائم ڪيل غلط تصور کي رد ڪري ڇڏيو. هن حقيقت کي اجاگر ڪيو ته شهيد ڀٽو جمهوريت جو سچو چيمپيئن ۽ قوم جو سچو محسن هو. هيءُ اهي اڳواڻ آهن، جن عام ماڻهوءَ کي ناممڪن ٿيڻ کان به اڳتي وڌندي ڏسڻ جي ترغيب ڏني هنن پنهنجي جدوجهد جا اهڙا تاثر ڇڏيا، جيڪي اڄ به سندس دور ۾ پاڪستان جي بلندين تي پهچڻ جو ناقابل ترديد ثبوت آهن. قوم لاءِ هن بي پناهه محبت هن اڳواڻ کي تاريخ ۾ ناقابلِ تسخير بڻائي ڇڏيو. حقيقت ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي چوڌاريءَ هڪ مسخ ٿيل تصوير پڻ ٺاهي وئي، جيڪا عورت دشمني ۽ پراڻين تعصبن جي بنياد تي هئي. هن کي هڪ ”مغربي ڇوڪريءَ“ طور پيش ڪيو ويو، جيڪا مشرقي قدرن کان ناواقف آهي ۽ عورت هئڻ ڪري اقتدار يا ڪنهن اعليٰ عهدي لاءِ مناسب نه آهي سياسي مخالف اهو به چوڻ لڳا ته هوءِ صرف پنهنجي پيءُ جي تالي تي سياست ڪري رهي هئي ۽ ان وٽ ڪو به ذهني وزن نه هو. پر ملڪ جي عوام انهن بيڪار مقصدن کي رد ڪيو ۽ هن کي جمهوريت جي علامت ۽ هڪ بهادر اڳواڻ طور تسليم ڪرايو. پنهنجي پيءُ جي نقشِ قدم تي هلندي هن پاڪستان کي ميزائيل ٽيڪنالاجي ڏني ۽ ملڪ جي دفاع کي ناقابلِ تسخير بڻائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو. وزيراعظم طور شهيد محترمه بينظير ڀٽو جا ٻه دور سندسِ شعور جو ثبوت آهن ته هوءِ پنهنجي ملڪ جي غريب ماڻهن جي حالتن کان مڪمل طور تي واقف هئي ۽ انهن جي ڀلائيءَ ۽ نجات کي پنهنجو فرض سمجهندي هئي. عورتن کي مردن جي برابر ڪرڻ لاءِ سندس کنيل قدم تاريخ جو هڪ روشن باب آهن. جمهوري ماڻهن جي حمايت سان هن ثابت ڪيو ته هوءِ مڪمل بصيرت سان هڪ ڪامياب وزيراعظم جون ذميواريون ادا ڪرڻ جي قابل آهي. پاڻ تي ٿيندڙ تنقيد جي باوجود هوءَ هڪ سچي حڪمت عمليءَ وانگر ثابت قدم رهي. اسلامي دنيا ۾ هڪ عورت لاءِ حڪومت جو سربراهه ٿيڻ هڪ نادر مثال هو پر هن هر رڪاوٽ کي پار ڪيو ۽ اهو تاثر ختم ڪيو ته هوءِ ڪمزور يا ناتجربيڪار آهي. پنهنجي پيءُ ۽ ڌيءَ کي انهن ئي آمرن ۽ دهشتگرد قوتن پاران شهيد ڪيو ويو جيڪي ماڻهن جي ڏکن ۽ محرومين تي زندگي گذاري رهيا هئا. ان کان پوءِ صدر آصف علي زرداريءَ کي به ساڳي مهم جو نشانو بڻايو ويو ۽ ڪرپشن جي الزامن سان سندس گهيرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، اهي ئي حلقا جيڪي اڳ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو خلاف سرگرم هئا. ”مسٽر ٽين پرسنٽ“ جهڙا لقب پيپلز پارٽيءَ جي سياسي حيثيت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ٺاهيا ويا. سياسي مخالفن ۽ ان وقت جي حڪمران ادارن جي ڪجهه عنصرن اهڙيون ڪهاڻيون ٺاهيون، جن جو حقيقت ۽ عقل سان ڪو به تعلق نه هو. رياستي ميڊيا، ساڄي ڌُر جي حمايت ڪندڙن سان پريل هن بيان کي وڌيڪ تيز ڪيو ويو. افواهن جي گردش ڊگهي عرصي تائين ڪوڙ کي ٻاهه ڏني پر ”پاڪستاني منڊيلا“ ڀٽو جي فلسفي تي ثابت قدم رهي انهن سڀني کي غلط ثابت ڪيو. سندس عزم ۽ آزاديءَ کي ڏسي سندس مخالفن به سندس سياسي ذهانت جو اعتراف ڪيو. اها ئي وجهه آهي جو هو عوامي حمايت سان ٻه پيرا صدرِ پاڪستان چونڊجڻ وارو پهريون شهري ٿيو. جڏهن فردن جي ڪردار ڪشي ڪم نه آئي ته هڪ پورو صوبو نشانو بڻايو ويو. سنڌ هن نئين مهم جي نشانن هيٺ اچي وئي معمولي واقعن کي غير معمولي طور تي پيش ڪيو ويو. حقيقت اها آهي ته پيپلز پارٽي گذريل ڪيترن ئي عرصي کان سنڌ ۾ حڪمراني ڪري رهي آهي ۽ هيءُ ان جي مسلسل چوٿين حڪومت آهي. هر اليڪشن ۾ نه رڳو ووٽ وڌا ويا پر صوبائي ۽ قومي اسيمبلين ۾ سيٽن جو تعداد به وڌندو رهيو. ساڄي ڌُر ميڊيا جي مدد سان هڪ ننڍڙي معاملي کي جبل بڻائي ڇڏيو هڪ ڪُتي جي ڪاٽڻ جو واقعو ڪيترن ئي ڏينهن تائين سرخين ۾ رهيو. غذائي کوٽ جو شڪار هڪ غريب ماءُ جي گهر پيدا ٿيندڙ ٻار سڄي سنڌ کي بدنام ڪرڻ لاءِ هٿيار بڻجي ويو. موسمياتي تبديليءَ جي ڪري ڪراچيءَ ۾ تيز برساتن سان پيدا ٿيل صورتحال ميڊيا جو پسنديده موضوع ۽ سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگيءَ تي حملي جو ذريعو بڻجي ويو. ان سڀ جي باوجود، پيپلز پارٽي عزم ۽ همت سان پنهنجو سفر جاري رکيو اچي پئي. صحت، تعليم، توانائي، زراعت ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ عوامي خدمت جي سلسلي کي ٽوڙڻ نه ڏنو. تازو هڪ ٻيو نقصانڪار داستان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جو مرڪز 18هين آئيني ترميم هئي اهو تاثر ڏنو ويو ته صوبن کي اختيارن جي منتقلي ۽ قومي ماليات ڪميشن ايوارڊ ۾ صوبن جي حصي ۾ واڌ وفاق لاءِ مالي مشڪلاتن جو سبب بڻجي ٿو مقصد واضح هو يعني ورهايل وسيلن ۾ صوبن جي حصي کي محدود ڪرڻ. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ حڪومت لاءِ اهو ناگزير ٿي ويو ته 18هين ترميم کان پوءِ قوم جي سامهون پنهنجي ڪارڪردگي مڪمل وضاحت سان پيش ڪري. ان حوالي سان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ اسلام آباد جو دورو ڪيو ۽ سفارتي برادري، ڪاروباري حلقن ۽ سينيئر صحافين کي گذريل ستر سالن ۾ سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جي خدمتن ۽ ڪاميابين کان آگاهه ڪيو. اهڙي طرح غلط تصورن کي رد ڪندي، هن هڪ ڀيرو ٻيهر چوڻيءَ جي سچائيءَ کي ثابت ڪيو آهي ته ”حقيقتون صرف ان ڪري ختم نه ٿينديون آهن جو انهن کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي.“

آئيني جي اڳيان

’يا الله منهنجي نگريءَ کي آباد رکجان‘

حڪيم پريم چانڊواڻي

انساني زندگي رڳو ساهه کڻڻ يا ملڻ آسائشن جي ميڙا چونڊيءَ جو نالو ناهي پر هيءَ زندگي هڪ اهڙي ”نگري“ آهي جتي من جا جذبا، روح جون تمنائون ۽ سوچن جا قافلا هر وقت سفر ۾ رهن ٿا. جڏهن اسان چئون ٿا ته ”يا الله منهنجي نگريءَ کي آباد رکجان“ ته ان جو مطلب رڳو گهر ٻار بچا يا مال ۽ دولت ناهي پر ان جو مقصد پنهنجي اندر جي دنيا، پنهنجي اخلاق، پنهنجي امن ۽ پنهنجي روحاني سڪون جي سلامتي آهي ان سان گڏوگڏ سموري وطن لاءِ هڪ دل سان گهريل دعا آهي. نگريءَ جي آباديءَ مان ڇا مراد آهي؟

آبادي رڳو عمارتن جي اڏاوت جو نالو ناهي هڪ انسان تڏهن آباد چئبو آهي جڏهن هن جو من صلح محبت ۽ خير جي جذبن سان لبريز هجي اهڙي هن افراتفريءَ واري دؤر ۾، جتي ماڻهو اندروني طور ٽٽل ۽ ڦٽل آهي اتي پنهنجي ملڪ کان هيءَ دعا گهرڻ ته ”منهنجي نگريءَ کي آباد رکجان“ اصل ۾ پنهنجي وجود کي بي مقصد ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ديس کي بري نظر کان بچائڻ جي هڪ التجاءِ آهي.

روحاني سڪون: جتي ذڪر ۽ فڪر جي همڪار هجي
اخلاقي بلندي: جتي ٻين لاءِ احترام ۽ همدردي هجي
ذهني يا دلي يقين: جتي ناميديءَ جي بدران اميد جا گُل ٽڙندا

هجن سوچ جي بربادي: شعر جي ٻي مصرع هڪ تمام وڏو فلسفو بيان ڪري ٿي ”سوچ جيڪا غلط آهي، ان کي برباد رکجان“ اها هڪ تمام جُرئتمندائي دعا آهي اسان اڪثر ڪري پنهنجي هر خيال کي صحيح سمجهندا آهيون پر حقيقي دانائي اها آهي ته اسان انهن سوچن جي بربادي جي دعا گهرون، جيڪي بدنيت ۽ لوڀي ماڻهو ديس کي نقصان ڏيڻ يا حصن پاڻن ۾ ورهائڻ واري گندي سوچ جا حامل هجن ان سان گڏوگڏ اسان کي به اهڙي بري سوچ کان پري رکجان جيڪا انسانيت ۽ وطن دوستيءَ کان پري ڪري ڇڏي.

غلط سوچ جيڪا بدنيتيءَ تي مبني هجي هڪ اهڙي باهه وانگر آهي جيڪا سچي وجود کي لُوهي وانگر ڪٽي ويندي آهي يا ساٿي پسر ڪري ڇڏيندي آهي جڏهن ڪنهن قوم يا فرد جي سوچ ۾ نفرت، حسد، ڪينو ۽ خود غرضيءَ جو زهر ملي وڃي ته اها ”نگري“ ڪڏهن به آباد نٿي رهي سگهي؟ تنهنڪري نگريءَ جي آباديءَ لاءِ شرط اهو آهي ته غلط سوچن جو خاتمو ٿئي ”سوچ جي تبديلي ئي اصل ۾ سماج جي تبديلي آهي“ جيڪڏهن اسان جا خيال پاڪيزه نه هوندا ته اسان جون دعائون رڳو لفظن جو مجموعو بڻجي رهجي وينديون“ منفي سوچن جا اثرات ۽ اسان جي ذميواري: اڄ جو سماج جنهن پرتندڙ باهه ۾ سڙي رهيو آهي ان جو بنيادي ڪارڻ غلط سوچ آهي ڪينو ۽ حسد: ٻئي جي خوشيءَ کي ڏسي سڙڻ اسان جي اندر جي نگريءَ کي ويران ڪري ڇڏي ٿو تعصب: ذات پات ۽ رنگ جي بنياد تي انسانن کي ورهائڻ واري سوچ اسان جي اجتماعي نگريءَ يا ديس کي برباد ڪري رهي آهي

ناميدي: الله جي رحمت مان مايوس ٿيڻ سڀ کان وڏي غلط سوچ آهي جنهن کي برباد ڪرڻ ضروري آهي ڇو ته جڏهن اسان دعا گهرون ٿا ته ”غلط سوچ کي بچائجان“ ته اسان انهن سڀ بنخواهن سان گڏ اصل ۾ پنهنجي نفس جي پاڪائيءَ جو به سوال ڪريون ٿا. اسان چاهيون ٿا ته اسان جو ملڪ اسان جي سموري قوم جي ذهن مان اهي سمورا وسوسا ڪڍي ڇڏي، جيڪي اسان کي هڪ سٺو انسان بڻجڻ کان روڪن ٿيون هي شعر رڳو هڪ به سٺو شعر ناهي پر هڪ مڪمل ”منشور“ آهي جيڪو اسان کي سيکاري ٿو ته زندگيءَ جي آبادي رڳو ظاهري رونقن ۾ ناهي پر ان جو دارومدار اسان جي فڪر جي پاڪائيءَ تي آهي جيڪڏهن اسان جي سوچ صحيح رستو اختيار ڪندي ته اسان جو گهر، اسان جو سماج ۽ اسان جو ملڪ خود بخود گلزار بڻجي ويندو اي الله! اسان جي دلين جي شهر کي محبتن سان آباد ڪر ۽ انهن سمورن غلط خيالن کي ختم ڪر، جيڪي تنهنجي مخلوق لاءِ نقصانڪار هجن اسان جي قلم ۽ قدم کي سچائيءَ جي راهه جو راهي بڻاءِ

يا الله منهنجي نگريءَ کي آباد رکجان،
سوچ جيڪا غلط، ان کي برباد رکجان
تُنهنجي در جا سوالي آهيون،
قوم جا سيوڪ والي ناهيون!

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سُوريءَ تي سَڏُ وارَ، ڏِهاڙيو ڇَنگ چڙهين؛
جِمَ وِرچي ڇڏئين، سِڪڻ جي پَچارَ؛
پِرت نه پسِين پارَ، نيهن جِتان ئي نِڳيو.
(سُر ڪلياڻ)

اڄوڪو ڏينهن - 20 جنوري

قرت العين حيدر

اڄوڪو ڏينهن اردوءَ جي مشهور ليکڪا قرت العين حيدر جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 20 جنوري 1927ع تي هندستان جي مشهور شهر علي ڳڙهه ۾ ٿيو سندس والد سجاد حيدر يلدرم به هندستان جو هڪ ناليوارو ليکڪ هو. سندس پرستار پيار مان کيس ”آپا عيني“ جي نالي سان ياد ڪندا آهن هن دهليءَ ۽ لکنؤ مان تعليم حاصل ڪئي ۽ 1947ع ۾ پنهنجي ڪٽنب سان ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين ڪجهه وقت انگلينڊ ۾ به گذاريائين پر 1960ع ۾ واپس هندستان جا وڻ وڃي وسايائين لڳ ڀڳ 20 سال ممبئيءَ ۾ رهڻ کان پوءِ دهليءَ ويجهو نوئڊا ۾ وڃي آباد ٿي ۽ اتي ئي وفات ڪيائين هن آمريڪا جي مشهور يونيورسٽين ڪئليفورنيا، شڪاگو وسڪونسن ۽ ايريزونا ۾ گيسٽ ليڪچرار طور خدمتون سرانجام ڏنيون ان کان علاوه پاڻ علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽيءَ ۾ وزيٽنگ پروفيسر طور ۽ جامع مليه اسلاميه ۾ پروفيسر ايميريٽس طور ڪم ڪيو. قرت العين حيدر 11 سالن جي ننڍي عمر کان لکڻ جي شروعات ڪئي سندس ادبي پورهئي ۾ 12 ناول ۽ ڪهاڻين جا چار ڳٽڪا شامل آهن هن جون لکڻيون انگريزيءَ سميت دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن هن کي سندس ادبي خدمتن جي مڃتا طور ڪيترائي ايوارڊ مليا، جن ۾ ساهتيه اڪيڊمي ايوارڊ، ساهتيه اڪيڊمي فيلوشپ ۽ پدما ڀوشن شامل آهن هن ناليواري ليکڪا 21 آگسٽ 2007ع تي وفات ڪئي

ٺاڪر داس ٺاڪر

ٺاڪر داس ٺاڪر پنهنجي دور جو هڪ سٺو شاعر هو جيڪو 20 جنوري 1928ع تي ڪنڊياري تعلقي جي ڳوٺ ڀهلائيءَ ۾ ڄائو. سندس پورو نالو ٺاڪر داس ڀاونداس ٺولاڻي هو ورهاڱي کان ڪجهه عرصو اڳ وڃي راڌيپور ۾ رهيو پر ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان جي شهر راڌيپور ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪيائين سندس شاعري مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندي رهي سندس ڪجهه گيت آل انڊيا ريڊيو تي مختلف راڳين ڳايا.

غلام قادر پتو

غلام قادر پتو لاڙڪاڻي ضلعي جو مشهور سگهڙ هو سندس جنم 20 جنوري 1930ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي رتيديري تعلقي جي ڳوٺ ميرپور پتو ۾ ٿيو سنڌي فائنل پاس ڪري پوليس ڪانسٽيبل مقرر ٿيو ۽ 25 سال نوڪري پوري ڪري رٽائر ٿيو 1942ع ۾ سنڌو درياهه ۾ آيل وڏي ٻوڏ جي نتيجي ۾ ميرپور پتي ۽ آسپاس جا ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي اچي درياهه جي بند تي عارضي طور تي آباد ٿيا انهيءَ ئي بند تي غلام قادر جي ملاقات ٽرجي ڪيترن ئي ٻين سگهڙن سان ٿي ۽ ايئن پاڻ به هڪ وڏو سگهڙ بڻجي ويو. هن ٿئين ديري ۾ سگهڙن جي يونيورسٽي قائم ڪئي جنهن مان ڪيترن ئي سگهڙن لاڀ پرايو.

پيدا ٿيو سندس پاڻ جو نالو مصري مهيري هو 1952ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو 1960ع ڌاري ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ پڙهائڻ جي سکيا وٺڻ دوران کيس مولانا غلام محمد گرامي ابن الياس سومري ۽ ع.ق شيخ جهڙن ادب دوست استادن جي صحبت حاصل ٿي جنهن ڪري سندس ادب طرف لاڙو وڌي وٺي ٿي ويو ان بعد حيدرآباد، ٽنڊي محمد خان ۽ آسپاس منعقد ٿيندڙ ميڙاڪن ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ لڳو ۽ سندس مضمون ۽ ڪالم مختلف رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻجڻ شروع ٿيا خاص طور تي سندس مزاحيه ڪالمن کي پڙهندڙن ۾ وڏي پذيرائي ملي ”روزاني عبرت“ سان 30 سالن تائين سندس سلاڪ رهيو سندس ڪتاب ”ٽنڊي محمد خان جو تاريخي ۽ ترقياتي سفر“ 2009ع ۾ ۽ ڀلاري پٽ ڏٺيءَ جي شاعريءَ تي لکيل مضمونن جو مجموعو ”هلو تڪيا پسون تن جا“ 2018ع ۾ شايع ٿيو هن 28 اپريل 2021ع تي هن دنيا کان هميشه لاءِ موڪلايو

رسول بخش اٽڙ ايڊووڪيٽ

سنڌ جي هن ناليواري وڪيل جو جنم سندس اسڪولي رڪارڊ موجب 20 جنوري 1935ع تي خيرپور ميرس جي مشهور شهر پيرڳوٺ ويجهو ڳوٺ عبدالرحمان اٽڙ ۾ ٿيو سيڪنڊري تعليم ڪوٽڏيجي هاءِ اسڪول ۽ ناز هاءِ اسڪول خيرپور مان حاصل ڪيائين 1953ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات ناز هاءِ اسڪول خيرپور ميرس ۾ پڙهائڻ سان ڪيائين بي اي پاس ڪرڻ کان پوءِ ماستري نوڪري ڇڏي ڊولپمينٽ آفيسر طور ڪم ڪيائين بعد ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بيسڪ ڊيموڪريسي ۽ ڊپٽي ڪمشنر جي اسٽاف آفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنائين ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ کيس سرڪاري نوڪريءَ تان هٽايو ويو. ان دوران هن ايل ايل بي جي سند حاصل ڪري ورتي ۽ هڪ وڪيل طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌ جو ناليوارو وڪيل بڻجي ويو. پاڻ خيرپور جي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۽ سنڌ بار ڪائونسل جو ميمبر پڻ رهيو. کيس پاڪستان جي آئين ۽ خاص طور تي 1973ع واري آئين جي وڏي ڄاڻ حاصل هئي سندس ڪتاب ”1973ع جو آئين ۽ پاڪستان جي مختصر آئيني تاريخ“ سنڌيءَ ۾ لکيل قانون جو هڪ اهم ڪتاب آهي هن ناميارو قانوندان پهرين جنوري 2013ع تي وفات ڪئي

شفيع محمد جمن

شفيع محمد جمن سنڌ جي مهان راڳيءَ استاد محمد جمن جو پٽ هو. سندس

مختيار اڻ

28 آگسٽ 2002ع تي وفات ڪئي سندس موسيقيءَ جي دنيا ۾ ڏنل خدمتن جي مڃتا طور 2002ع ۾ کيس لطيف ايوارڊ ڏنو ويو.

شاهد پٽو

سنڌ جي هن مشهور موسيقار جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي لعل محمد پٽي جي گهر شڪارپور ۾ ٿيو هن مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي جنم واري شهر شڪارپور مان حاصل ڪئي ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان سکر مان پاس ڪيو اڳتي هلي ايم اي (ايڪنامڪس) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين موسيقيءَ ۽ راڳ سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي هئس موسيقيءَ جا ابتدائي گر احمد بخش مسرور بلوچ کان سکيو. 1980ع ڌاري پروڊيوسر نثار ميمڻ کيس ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي متعارف ڪرايو هن ريڊيو تي ٻارڙن جي پروگرام ”ٻارڙن جي دنيا“ ۾ موسيقار طور ڪم ڪيو. 1985ع ۾ بيدل مسرور کيس پاڪستان ٽيليويزن تي متعارف ڪرايو هن کي ڳائڻ سان گڏ گٽار، هارمونيم ۽ ڪي بورڊ وڄائڻ ۾ ملڪو حاصل آهي هن بيدل مسرور سان گڏجي ”وائيس گروپ“ نالي هڪ تنظيم ٺاهي جنهن جو پاڻ جنرل سيڪريٽري رهيو 1999ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن پاران کيس بهترين موسيقار جو ايوارڊ ڏنو ويو.

نفيسه شاهه



ڊاڪٽر نفيسه شاهه پاڪستان جي مشهور سياستدان آهي سنڌ جي هن نياڻيءَ جو شمار اعليٰ تعليم يافته سياستدانن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اهم عهديدارن ۾ ٿئي ٿو. سندس والد سيد قائم علي شاهه به هڪ سينيئر سياستدان آهي، جيڪو ٻه پيرا سنڌ جو وڏو وزير رهي چڪو آهي. نفيسه شاهه جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1968ع ۾ خيرپور ميرس ۾ ٿيو. هن سينٽ جوزف ڪانوينٽ اسڪول ۽ ڪراچي گرامر اسڪول مان تعليم حاصل ڪئي ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان معاشرتي ۽ ثقافتي بشريات (Social and Cultural Anthropology) واري شعبي ۾ ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪئي آهي نفيسه شاهه سياسي ڪيتر ۾ 2001ع ۾ پير پاتو ۽ 2001ع کان 2007ع تائين خيرپور ميرس ضلعي جي ناظم طور ڪم ڪيو. 2008ع ۾ کيس عورتن لاءِ مخصوص سيٽ تي پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 2013ع ۽ 2018ع وارين عام چونڊن ۾ ب

سبب خيرپور سنڌ جو اهو واحد ضلعو آهي، جتي بيروزگاريءَ جي شرح تمام گهٽ آهي

عارض ايوب واهوچو

عرض ايوب واهوچو اڄوڪي ڏينهن تي 1970ع ۾ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي شهر نصيرآباد ويجهو ڳوٺ سولي واهوچي ۾ ڄائو. سندس پورو نالو محمد ايوب ولد غلام علي واهوچو آهي هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي آهي ادبي دنيا ۾ هڪ سگهڙ ۽ شاعر طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ”عجب رنگ ايوب جا“، ”وجاڳيا ايوب جا“، ”اجرا گل ايوب جا“ ۽ ”ڀهاڪن ڀچار“ شامل آهن

ملهار چانڊيو

هن ناليواري شاعر جو جنم 20 جنوري 1977ع تي ڳوٺ لشڪري چانڊيئي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ٿيو سندس اصل نالو غلام مصطفيٰ ولد حسين بخش چانڊيو آهي هن بي ايس سي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون ۽ پنهنجي پيشورانه زندگيءَ جي ابتدا واپڊا ۾ نوڪريءَ سان ڪئي هن 1993ع ڌاري ادبي ڪيتر ۾ پير پاتو هن ”نئون سفر“ نالي هڪ ادبي رسالو پڻ جاري ڪيو جنهن جو پاڻ ئي چيف ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين هن شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي پر غزل ۽ وايون سندس من پسند صنفون آهن

مشتاق جنجهي



مشتاق جنجهي نئين ٽهيءَ جو شاعر آهي هن 20 جنوري 1993ع تي اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ صلح جنجهيءَ ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو مئٽرڪ تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو ۽ انٽرميڊيئيٽ جو امتحان شاهه عبداللطيف ڪاليج اسلام ڪوٽ مان پاس ڪيائين اڳتي هلي صادق فقير ڊگري ڪاليج مٺيءَ مان بي اي جو امتحان پاس ڪيائين هن 2013ع کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سندس شاعري سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي آهي

ڊاڪٽر هدايت الله پريم آخوند

سنڌ جي هن ناليواري تعليمدان، ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار جي اڄ ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن 24 مارچ 1946ع تي اباوڙي تعلقي جي هڪ ڳوٺ ۾ اکيون کوليون. علم جا ابتدائي سبق روهڙيءَ ۾ پڙهي ايم اي ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان ترتيبوار 1973ع ۽ 1989ع ۾ حاصل ڪيائين. 2000ع ۾ انهيءَ شعبي جي چيئرمين طور چارج

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ گارڊين جج-IX حيدرآباد
(روبرو محترم حميرا اولو)
گارڊين اپليڪيشن نمبر..... سال 2026

نويد علي سومرو پٽ علي مراد بالغ مسلم رهندڙ هائوس نمبر35-B محلا ميمڻ ٽائون قاسم آباد حيدرآباد....اپليڪينٽ...خلاف: (1) محمد نبيل پٽ نويد علي سومرو عمر اٽڪل 14 سال (2) محمد زين پٽ نويد علي سومرو عمر اٽڪل 13 سال.مائنر/ وارڊس (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....آپونينٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف گارڊين ايپليڪيشن يو/ايس 29 اينڊ 31 آف دي جي ۽ ڊبليو ايڪٽ 1890 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 04-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم-IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر349 سال 2025

مسمات رفيعه پروين....پلينٽف...خلاف: علي ڏنو عرف طوطو پٽي پٽ حاجي خان مسلم بالغ ذات پٽي رهندڙ مين سٽي مورو تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز سيل نمبر: 0300-3833629 0323-3879125....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ پاسٽ اينڊ فيوچر مينٽيننس آف پلينٽف اينڊ مائنر اينڊ رڪوري آف ڏاوري آرٽيڪلز الانگ وٿ ايپليڪيشن يو/ايس 17-A آف FCA لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 20-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندي

فيملي ڪورٽ جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر317 سال 2025

مسمات ريحانه بابر..پلينٽف..خلاف: احمد علي سيال پٽ الهه رکيو ذات سيال رهندڙ محلا مقيم ڪالوني تعلقو ميهڙ ضلعو دادو....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 22-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي.اين شاهه
ايف ايس نمبر146 سال 2025

مسمات هير ڌيءُ شوڪت علي ذات زنگيجو زال محمد صالح زنگيجو ويٺل ڳوٺ بيڙو خان گاڏهي تعلقو ڪي.اين شاهه ضلعو دادو..پلينٽف..خلاف: محمد صالح پٽ حاجي حسين عرف لال بخش ذات زنگيجو ويٺل ڳوٺ بيرو خان گاڏهي تعلقو ڪي.اين شاهه ضلعو دادو...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 26-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول ڪورٽ ڪي.اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ميرپورخاص
(روبرو جناب عبدالقادر ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر166 سال 2025

مسمات شازيه ڌيءُ غلام حيدر رهندڙ ڳوٺ ماستر فيض محمد ناريجو ديهه-126 پي.او حاجي احمد بخش ناريجو تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص پي ايڊريس: ماڊل ٽائون ميرپورخاص پي.ايس مهراڻ سيل نمبر: 0310-3028164....پلينٽف...خلاف: محمد احسان پٽ غلام مرتضيٰ رهندڙ ميواتي پاڙو ٽنڊو آدم تعلقو ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ.سيل نمبر: 0310-3028164....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ رڪوري آف ڊاور اماؤنٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 20-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم-II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 05 سال 2026

مسمات سوهاڻ ڌيءُ مقبول چانڊيو رهندڙ ڳوٺ پير پريل شاهه تعلقو سڪرنڊ حال رهندڙ جمالي ڪالوني سڪرنڊ روڊ ضلعو شهيد بينظير آباد...پلينٽف...خلاف: غلام جيلاني پٽ سراج چانڊيو رهندڙ ڳوٺ پير پريل شاهه تعلقو سڪرنڊ سيل نمبر: 0308-3308050....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 20-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر05 سال 2026

مسمات ممتاز بيواهه محمد رفيق لاڪو رهندڙ محلا صادق آباد ڪالوني سامهون S.R.T.C گرائونڊ نيو ناڪا نوابشاهه معرفت اٽارني شهزاد احمد لاڪو...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) شهزاد احمد (2) مسمات بينش (3) شهباز احمد (4) شهريار احمد (5) شهروز احمد (6) شاهزيب احمد سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم محمد رفيق لاڪو...آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10,29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي صغير عليشبا جو گارڊين مقرر ڪرڻ لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 28-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظير آباد

گمشده پاليسي بابت اطلاع

جيئن ته هڪ عدد پاليسي دستاويز نمبر 5027234495 نالي گل بهار ولد محمد بخش جيڪو اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪارپوريشن مير پور خاص جاري ڪيو هو گم ٿي ويو آهي جنهن جي اطلاع پاليسي هولڊر آفيس ۾ ڏني آهي ڪنهن به شخص کي جاٽايل دستاويز هٿ آيو هجي يا ڪنهن جو هن پاليسي تي ڪو ڪليم هجي ته هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي هڪ مهيني جي اندر اطلاع ڪري جاٽايل مدو گذرڻ کان پوءِ ڪوبه ڪليم قابل قبول نه ڪيو ويندو

المشتهر مينيجر پي ايڇ ايس ڊپارٽمينٽ
اسٽيٽ لائيف ميرپور خاص زون

عام اطلاع

هر عام و خاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته پارٽنر شپ فرم نمبر 25885 تاريخ 19-07-2021 سوهني ڊرٽي فوڊ انڊسٽريز رجسٽرار آف فرم حيدرآباد ۾ رجسٽر ٿي هئي جنهن جا پارٽنر (1) لڇمڻ داس پٽ آسر مل شناختي ڪارڊ نمبر: 41102-1636713-7 (2) آسر مل پٽ لالو مل شناختي ڪارڊ نمبر: 41207-3280418-5 برابر جا پارٽنر هئا تاريخ 14-01-2026 تي ٻنهي پارٽنرن جي باهمي رضامندي سان هن فرم کي تحليل ڪيو ويو آهي اگر ڪنهن قسم جو ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهنجي اندر هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري. موبائل نمبر: 0333-3049934 يا جاٽايل ايڊريس تي تحريري طور تي آگاهه ڪن.

سوهني ڊرٽي فوڊ انڊسٽريز شهيد فاضل راهو
گولارچي ضلعو بدين

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي گلشير ولد حاجي احمد خاصخيلي ويٺل ڳوٺ شير محمد نوڙهان تعلقو متياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس والد نالي حاجي احمد ولد يوسف خاصخيلي جيڪو تاريخ 12-03-2010 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه نوڙهان ٽپو اڏيرو لعل تعلقو متياري ۾ آهي. جنهن جو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. (1) گلشير (پٽ) (2) علي شير (پٽ) (3) دلشير (پٽ) (4) دلشير (پٽ) (5) مسمات فرزانه (ڌيءَ) (6) شبانه (ڌيءَ) (7) مهناز (ڌيءَ) (8) رضوانه (ڌيءَ) (9) صنم (ڌيءَ) (10) شهزادي (بيواهه). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد، والده، ڏاڏو، ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) محمد عمر ولد منٺار ڪنڀار (2) مقبول ولد امير بخش خاصخيلي جن ڳوٺ شير محمد نوڙهان ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو متياري

عام اطلاع

جئين ته اسان جي آفيس ۾ نالي قيصر خان ولد عبدالستار مري درخواست ڏني آهي ته سندس نالي قيصر خان ولد عبدالستار مري کي بلاڪ نمبر / سروي نمبر 8,7,6,115/2,116/1,28/3,4,57/1,2,58/1,4 ڪل ايراضي 14-47 ايڪڙ ديهه مخدوم پور تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ کاتي تي آهي جنهن جو رڪارڊ 27-12-2007 تي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت جي واقعي ۾ مذڪوره ديهه جو رڪارڊ پڻ سڙي ويو آهي جيڪو بيهر بحال ڪري ڏنو وڃي انهي سلسلي ۾ جناب سينئر بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد جن جي نوٽيفڪيشن نمبر 08/Misc/2008/Rev-1 تاريخ 21-01-2014 موجب حڪم ڪرڻ فرمايو آهي ته لوس ثبوتن جي بنياد تي بيهر رڪارڊ جي تصديق ڪئي وڃي حڪم موجب سر زمين تي جلسه عام ڪرڻ ڪاتيو مٿيان وارث حقدار/ ڪاتيدار ظاهر ٿيا آهن. هن اشتهار ذريعي سڀني دلچسپي رکندڙن کي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به ڪوبه اعتراض هجي ته ستن ڏينهن اندر جناب اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ پيش ڪن بي صورت ۾ جاٽايل ڪاتيدار جي نالي کاتو بحال ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به ڊر جو ڪوبه اعتراض ٻڌو نه ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو شهيد فاضل راهو

عام اطلاع

هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته نالي ملازم حسين ولد نور محمد ذات لغاري ويٺل ڳوٺ ڀهرو صاحب خان لغاري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس نالي والد نورمحمد ولد ايوب لغاري فوت ٿي ويو آهي جنهن جا اسان هيٺيان جائز وارث آهيون (1) ملازم حسين ولد نور محمد لغاري (2) امداد حسين ولد نور محمد لغاري (3) منظر اڪبر ولد نور محمد لغاري سروي نمبر 24 مان ۽ 84-A ۽ ٻيا ايراضي 156.00 ايڪڙ تقريبن ديهه ڀهرو نمبر 2 ٽپو سجڻ تعلقو تلهار ضلعو بدين مٿين ڊيڪاريل وارثن ۾ ڪو به فرق يا ڪنهن کي ڪنهن به قسم جو اعتراض وغيره هجي ته اسان جي آفيس ۾ 07 ست ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ پيش ڪرائين بي صورت ۾ قانون موجب مٿي جاٽايل جائز وارثن ۾ فوتي کاتو بدلايو ويندو ۽ اهڙي داخلا رڪارڊ ۾ رکي ويندي ۽ مدو گذرڻ بعد ڪو به جواز/ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو تلهار

عام اطلاع

هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته نالي ملازم حسين ولد نور محمد ذات لغاري ويٺل ڳوٺ ڀهرو صاحب خان لغاري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس چاچي مسمات شهزادي زال گل محمد لغاري فوت ٿي وئي آهي جنهن جا اسان هيٺيان جائز وارث آهيون (1) ملازم حسين ولد نور محمد لغاري فوتڻ جو ڀائيٽو (2) امداد حسين ولد نور محمد لغاري فوتڻ جو ڀائيٽو (3) منظر اڪبر ولد نور محمد لغاري فوتڻ جو ڀائيٽو سروي نمبر 154/2,179 ۽ ٻيا ايراضي 122.00 ايڪڙ تقريبن ديهه ڀهرو نمبر 2 ٽپو سجڻ تعلقو تلهار ضلعو بدين مٿين ڊيڪاريل وارثن ۾ ڪو به فرق يا ڪنهن کي ڪنهن به قسم جو اعتراض وغيره هجي ته اسان جي آفيس ۾ 07 ست ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ پيش ڪرائين بي صورت ۾ قانون موجب مٿي جاٽايل جائز وارثن ۾ فوتي کاتو بدلايو ويندو ۽ اهڙي داخلا رڪارڊ ۾ رکي ويندي ۽ مدو گذرڻ بعد ڪو به جواز/ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو تلهار

عام اطلاع

هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته نالي ملازم حسين ولد نور محمد ذات لغاري ويٺل ڳوٺ ڀهرو صاحب خان لغاري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس چاچو گل محمد ولد ايوب لغاري فوت ٿي ويو آهي جنهن جا اسان هيٺيان جائز وارث آهيون (1) ملازم حسين ولد نور محمد لغاري فوتي جو ڀائيٽو (2) امداد حسين ولد نور محمد لغاري فوتي جو ڀائيٽو (3) منظر اڪبر ولد نور محمد لغاري فوتي جو ڀائيٽو سروي نمبر 22,54 ۽ ٻيا ايراضي 82.00 ايڪڙ تقريبن ديهه ڀهرو نمبر 2 ٽپو سجڻ تعلقو تلهار ضلعو بدين مٿين ڊيڪاريل وارثن ۾ ڪو به فرق يا ڪنهن کي ڪنهن به قسم جو اعتراض وغيره هجي ته اسان جي آفيس ۾ 07 ست ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ پيش ڪرائين بي صورت ۾ قانون موجب مٿي جاٽايل جائز وارثن ۾ فوتي کاتو بدلايو ويندو ۽ اهڙي داخلا رڪارڊ ۾ رکي ويندي ۽ مدو گذرڻ بعد ڪو به جواز/ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو تلهار

عام اطلاع

هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته نالي ملازم حسين ولد نور محمد ذات لغاري ويٺل ڳوٺ ڀهرو صاحب خان لغاري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس پاءُ بشير احمد پٽ نور محمد لغاري فوت ٿي وئي آهي جنهن جا اسان هيٺيان جائز وارث آهيون (1) ملازم حسين ولد نور محمد لغاري فوتي جو پاءُ (2) امداد حسين ولد نور محمد لغاري فوتي جو پاءُ (3) منظر اڪبر ولد نور محمد لغاري فوتي جو پاءُ سروي نمبر 145,146 ۽ ٻيا ايراضي 52.00 ايڪڙ تقريبن ديهه ڀهرو نمبر 2 ٽپو سجڻ تعلقو تلهار ضلعو بدين مٿين ڊيڪاريل وارثن ۾ ڪو به فرق يا ڪنهن کي ڪنهن به قسم جو اعتراض وغيره هجي ته اسان جي آفيس ۾ 07 ست ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ پيش ڪرائين بي صورت ۾ قانون موجب مٿي جاٽايل جائز وارثن ۾ فوتي کاتو بدلايو ويندو ۽ اهڙي داخلا رڪارڊ ۾ رکي ويندي ۽ مدو گذرڻ بعد ڪو به جواز/ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو تلهار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج IV ٽنڊو محمدخان
گارڊين سوٽ نمبرسال 2025

وسيم احمد ولد مرحوم محمد عظيم ذات ڪوسو رهندڙ ڳوٺ ٻچل ڪوسو تعلقوبلاڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽي ايم خان....پلينٽف...خلاف: جنرل پبلڪ ايٽ لارج...اپونينٽس (2) اسد علي ولد مرحوم محمد عظيم (07-01-2011) (3) ياسر علي ولد مرحوم محمد عظيم (07-02-2015) .. مائنر

نالي مٿين اپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7,10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج IV ٽنڊو محمدخان

بقايا 1 دعويٰ

حملا ڪيا ويا آهن پوليس جي ڊرون حملي ۾ وڌيڪ ٻه بدنام ڌوڙاري ملاڪو ڪوش ۽ ڏاڏو ڪوش هٿي پٽ جوٽ علي ڪوش مارجي ويا آهن مارجي ويل ڌوڙارين جو انگ وڌي چار ٿي ويو آهي ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران جي دعويٰ موجب ته شر ۽ ڪوش گينگ جي بدنام ڌوڙارين خلاف رينجرس جي سيڪٽر ڪمانڊر سيد نديم عباس شاهه ,ڊي آئي جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ سميت مختلف ضلعن جي ايس ايس پي ۽ ڊي ايس پيز رينجرس ۽ پوليس نفري ساڻ ڪري وفاقي انٽيليجنس ايجنسي جي تعاون سان شر گينگ ۽ ڪوش گينگ جي ڌوڙارين خلاف پوليس جو ميگا آپريشن جاري آهي پوليس آپريشن دوران پوليس جي ڊرون حملي ۾ ڪوش گينگ جا ٻه ايڪٽو ڪرمنل ڌوڙاري ملاڪو ڪوش ۽ ڏاڏو ڪوش مارجي ويا آهن ۽ 10 ڪان مٿي سخت زخمي آهن ڪوش گينگ جا 12 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي مارجي ويل ٻئي ڌوڙاري پنجاب پوليس جي 12 اهلڪارن جي شهادت ۾ ملوث هئا ۽ مٿن 40 کان مٿي ڪيس داخل آهي جيڪي قتل اغوا ۽ پوليس مقابلن جهڙن ڪيسن ۾ گهربل هئا جن جو ڪرمنل ريڪارڊ هٿ ڪيو ويو آهي مارجي ويل ٻئي پاڻ ۾ سڳا ڀائر آهن جن جا لاش پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڪري لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا آهن هي پوليس کي هڪ وڏي ڪاميابي ملي آهي مارجي ويلن ڌوڙارين جو انگ چار ٿي ويو آهي جنهن ۾ بخش شر ,اصغر شر ,ملاڪو ڪوش ۽ ڏاڏو ڪوش شامل آهن ۽ پوليس جو پوليس ڪچي اندر ڌوڙارين جي خاتمي ڏانهن ڪارگر آپريشن جاري رهندو

بقايا 2 عبدالستار ڪيريو

فرزند شهزاده عبدالله ڪيريو کي سنڌي ٽوپي جو تحفو پيش ڪيو ان موقعي تي ڏومڪي برادريءَ جا معززين پڻ موجود هئا ان کان اڳ آدم ڏومڪي ۽ محمد وارث ڏومڪي آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو ان موقعي تي سردار عبدالستارڪيريو ڳالهائيندي چيو ته مان شڪر گذار آهيان ڏومڪي برادريءَ جو جن مان ۽ محبت ڏني جيڪا هميشه ياد رهندي هن وڌيڪ چيو اسان جي ڪوشش اها هوندي آهي ته بنا ڪنهن سياسي فرق يا برادري جي مٿ ڀيد ڪانسواءِ ماڻهن جي خدمت ڪجي اهوئي مقصد ڪٿي نڪرندا آهيون ۽ نوجوانن کي روزگار ڏيارڻ لاءِ پڻ ڪوششون ڪري رهيا آهيون هن اهو به چيو ته نوجوان تعليم تي ڌيان ڏين تعليم ڪانسواءِ زندگيءَ ۾ ڪابه ترقي ممڪن ناهي ان ڪري ٿي چيو ويو آهي ته تعليم زيور آهي ان موقعي تي انڊس پبلڪ سوشل فورم جو ضلعي صدر محمدبچل ڪيريو، حسين بخش ڪيريو، نثاراحمد ڪيريو، شوڪت ڪيريو، علي شير ڪيريو، مجيد عاسي، ذوالفقار ڪيريو، قربان لڪمير، نويد انجم، شاهه محمد ڪيريو ۽ علي رضا سميت ڏومڪي برادري وڏي انگ ۾ موجود هئي

بقايا 3 خلاف مظاهرا

محترمه بينظير ڀٽو ڪاليج آف ايجوڪيشن لاڙڪاڻو گورنمينٽ بوائز ۽ گرلس ڊگري ڪاليج رتوديرو حيدر بخش جتوئي ڪاليج ڏوڪري، ۽ بوائز ۽ گرلس ڊگري ڪاليج نئين ديري سميت ٻيا تعليمي ادارن ۾ ڏار ڏار احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا ان موقعي تي سيپلا سکر ريجن جي صدر پروفيسر ڊاڪٽر ملهار سنڌي، لاڙڪاڻي ضلعي جي صدر پروفيسر شهاب الدين مگڻ نائب صدر پروفيسر نذير احمد سومرو عورت نائب صدر پروفيسر شگفتا اعجاز جنرل سيڪريٽري پروفيسر ڊاڪٽر آزاد علي ڪنباڻ جوائنٽ سيڪريٽري پروفيسر عبدالماجد آريجو ليڊي جوائنٽ سيڪريٽري پروفيسر شائسته سومرو فنانس سيڪريٽري مقصود علي ابڙو پريس سيڪريٽري پروفيسر ڊاڪٽر محمد قابل پروفيسر نورالدين چانڊيو پروفيسر ذوالفقار ڀٽو پروفيسر شير محمد پنهور پروفيسر افتخار احمد سومرو پروفيسر راحيل الرحمان ڀٽو پروفيسر اي ڏنو جتوئي، پروفيسر نورنگ چانڊيو پروفيسر ڊاڪٽر ڪرم حسين وڏو پروفيسر اصغر علي گهانگهرو پروفيسر عبدالحفيظ جوڻيجو پروفيسر غلام عباس مغيري، پروفيسر عابد سڪندر ڪوڪي پروفيسر آصف علي سومرو پروفيسر ڊاڪٽر سهيل شيخ پروفيسر عمران سوڍو پروفيسر شاهدا لاڙڪ،پروفيسر خادم حسين گوپانگ، پروفيسر سجاد چنا ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ کي مڪمل طور نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي الڳ وزير نه هئڻ سبب سنڌ جا ڪاليج زبون حالي جو شڪار آهن جتي فرنيچر جي کوٽ، ٽٽل بينچون، خراب لائبريريون ۽ ليبارٽريون تعليمي عمل کي سخت نقصان پهچائي رهيون آهن انهن وڌيڪ چيو ته ڪمپيوٽر سائنس ۽ ڪامرس جي مضمونن لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ پاران درسي ڪتابن جي فراهمي نه ٿيڻ انتهائي افسوسناڪ آهي ڪاليجي استادن کي وقت سر ترقيون نه ملڻ فائيو ٽئير فارمولا تي عمل نه ٿيڻ ڊي پي سي بورڊ ون ۽ بورڊ ٽو نه ٿيڻ سبب استادن ۾ بيچيني وڌي رهي آهي

بقايا 4 ورهايا ويا

فائونڊيشن هميشه غريب مسڪين ماڻهن جي بنا ڪنهن فرق جي خدمت ڪئي آهي يتيمن جو سهارو بڻي آهي سندن خدمتون ساراهه جوڳيون آهن جيل ۾ قيد قيدين جي سردي کان بچاءَ لاءِ هنڌ بسترا ڏيڻ بهترين قدم آهي اميد آهي ته اڳتي به عوام جي ڀلائي لاءِ ان سلسلي کي جاري رکندا ڏاڙو ٽنڊوآدم ۾ 200 کان وڌيڪ مستحقين ۾ الخدمت فائونڊيشن پاران هنڌ بسترا راشن ورهايو ويو جنهن جو اجر رب ڏيندو.

بقايا 5 احتجاجي مظاهرو

انهن کي حق نه ٿو ڏنو وڃي هنن چيو ته هاري ڪارڊ جيڪو به مليو آهي اهو ڪارڊ وڏن وڏن زميندارن کي ڏنو ويو آهي جيڪو وڏن زميندارن حد جي تپيدارن کي پئسا ڏئي پنهنجون وڌيڪ زمينون ڏيکاري پنهنجون زمينون سروي ڪرايو آهن هنن چيو ته نوٽيس وٺي آبادگارن سان انصاف ڪيو وڃي نه ته آبادگار روڊن تي نڪري ايندا جنهن جي ذميوار حڪومت ٿي هوندي

بقايا 6 وڙهي وئي

الياس چانڊيو ۽ ٻين چيو ته اسان جي رجسٽريشن ملڪ جي ناميارين لمس ميڊيڪل يونيورسٽي سان رجسٽرڊ آهي ميرٽ جي بنياد تي داخلا ڏئي هوشيار شاگردن کي داخلا ڏني ويندي هنن چيو ته خيرپور ۾ اسان جي واحد ڪاليج آهي جتي ڊاڪٽر آف فزيوٿراپيسٽ جي تعليم ڏني ويندي آهي شاگردن کي تعليم سان گڏ مريضن سان سٺي رويي ۽ انسانيت جا به ليڪچرز ڏنا ويندا آهن تقريب ۾ ڊاڪٽر نادر مظفر لاشاري،ڊاڪٽر ذيشان سمون، محمد سلمان رڏ، ڪيلاش ڪمار عامر ٻگٽي، جاويد مهراڻ لاشاري، ڊاڪٽر اشفاق برڙو ۽ ٻين استادن ملازمن شرڪت ڪئي

بقايا 7

، غلام حسين پنهور غلام حيدر گبول پ پ اڳواڻ وائيس چيئرمين واهي گهوٽو احمد علي ملڪ پيپلز لائرز فورم گهوٽڪي جي انفارميشن سيڪريٽري ايڊوڪيٽ نورمحمد سيال سميت پارٽي جا ڪارڪن ۽ اڳواڻ شامل هئا, مرحوم جي جنازي نماز بعد کيس مقامي قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي جڏهن ته مرحوم جي پوٽيرن پ پ پ جي مقامي اڳواڻ ڪامريڊ اصغر علي مهر ۽ سندس ڀاءُ فوجي ڪريم بخش مهر ۽ الاهي بخش مهر سميت ٻين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانيل آهي الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ پونئرن کي صبر جميل عطا فرمائي آمين...

بقايا 8 دعويٰ

ٽن ڦورن کي گرفتار ڪري سندن وٽان پسٽل گوليون ۽ بغير ڪاغذن موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري ٻڌايو ته سي آءِ اي پوليس بقاپور روڊ تي ڪارروائي ڪندي ڦورو ٽولي کي گرفتار ڪيس جن جي سڃاڻپ ساحل ابڙو احمد رضا ڪوڪر ثقلين عرف ثمير شيخ طور ٿي آهي ٽنهي ڦورن وٽان 3 پسٽل گوليون ۽ بغير ڪاغذن جي موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي. گرفتار ڦورن مان ٻه ڏينهن اڳ ڏڪي ٿاڻي جي حد مراد واهڻ مان شهري حمير سومرو کان ڏيڍ لک روپيا ڦر ڪرڻ واري وارادت ۾ ملوث آهن، جن جي سڃاڻپ سي سي ٽي وي رڪارڊنگ ذريعي ڪئي وئي آهي جڏهن ته ٽيون ڦورو ثقلين عرف ثمير شيخ ديوان مڪيش ڪمار کان موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ واري وارادت ۾ ملوث آهي، گرفتار ٽنهي ڦورن کان وڌيڪ جاچ هلندڙ آهي

بقايا 9 عارف حسين خاصخيلي

نون چونڊيل عهديدارن کي اجرڪون ۽ گلن جا هار پارائي ڪين واڌايون پيش ڪيون وفد ۾ ڊاڪٽر بشير خاصخيلي، غلام محمد ميمڻ ۽ ٻيا پڻ شامل هئا. ان موقعي تي عارف حسين خاصخيلي نون چونڊيل عهديدارن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي چيو ته پريس ڪلب ٽنڊو آدم جو صحافتي ڪردار قابل ساراهه آهي ۽ اميد آهي ته نئين قيادت عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ سچائي تي ٻڌل صحافت جي واڌاري لاءِ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪندي ان موقعي تي پريس ڪلب ٽنڊو آدم جي صدر راڻا مختار ۽ سيڪريٽري عاشق حسين سائد وفد جا ٿورا ادا ڪندي چيو ته چونڊيل عهديدار ايمانداري، ديانتداري ۽ پيشاورانه اصولن موجب صحافتي ذميواريون نڀائيندا ۽ عوام جي مسئلن کي اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ لاءِ جدوجهد جاري رکندا.

بقايا 10 سخت پريشان

ڪندڙ ملازمن کي به شديد ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيوايمرجنسي حالتن ۾ مريضن جي منتقلي به ڏکي بڻجي وئي آهي، جنهن تي شهرين سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. علائقي واسين ۽ سماجي حلقن جو چوڻ آهي ته انتظاميه جي لاپرواهي سبب وڏيون ۽ وڏيون گاڏيون بنا ڪنهن اجازت ۽ چيڪنگ جي شهر اندر داخل ٿين ٿيون جنهن ڪري ڪمزور پلن ۽ رستن کي نقصان پهچي رهيو آهي سنڌن چوڻ آهي ته جيڪڏهن وقت سر وزن جي حد مقرر ڪري پابنديون لاڳو ڪيون وڃن ها ته اهڙو واقعو پيش نه اچي ها شهرين ضلعي انتظاميه ۽ لاڳاپيل کاتن کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور ٽٽل پل جي مرمت يا عارضي متبادل رستو مهيا ڪيو وڃي جيئن شهر جي آمدرفت بحال ٿي سگهي ان سان گڏ مستقبل ۾ اهڙن واقعن کان بچڻ لاءِ شهر اندر وڏي گاڏين جي داخلا تي پابندي، وزن چيڪنگ نظام ۽ ٽريفڪ ڪنٽرول کي يقيني بڻايو وڃي واضح رهي ته ڀمبلي واهه جي هي پل شهر جي اهم ترين پلن مان هڪ آهي جنهن تي روزانو سوين گاڏيون ماڻهو سفر ڪن ٿا ۽ ان جي بند ٿيڻ سان خانپورمهر شهر عملي طور ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو آهي

بقايا 11 مطالبو

ڏانهن ڪٿي انصاف لاءِ ايندو آهي ۾ پوليس اهلڪارن جيڪو ٿل ۾ قيدي بڻيل ڪوسا قبيلي جي نياڻين سان زيادتي ڪئي ان عمل پوري انسانيت جو ڪنڌ شرم کان جهڪائي ڇڏيو هنن پاران سنڌ حڪومت آئي جي سنڌ گهرووزير سنڌ چيف جسٽس آف پاڪستان آرمي چيف کي اپيل ڪئي ته ملوث گرفتار ٿيل پوليس اهلڪارن ۽ ملوث عنصرن خلاف سخت کان سخت مثالي سزا ڏياري وڃي جيئن غريب ڪوسا قبيلي جي نياڻين سان انصاف ٿئي.

بقايا 12 ٻه ڄڻا زخمي

وئي جنهن علائقي ۾ خوف پيدا ٿي ويو زخمين کي پوليس علاج لاءِ ليٽر ڏئي تعلقه شيخ محمد بن حمدان اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته واقعي جي اين سي رپورٽ داخل ڪئي وئي آهي پوليس موجب جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 13 فوت

ڏر پاران ڪيس داخل ڪرائڻ باوجود پوليس ڪو قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهي هنن مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي

بقايا 14 جو مظاهرو

فنڊ جي مد ۾ ڪجهه رقم ڪاٽي وئي هئي ته جيئن اسان جي ان گڏ ٿيل رقم ۾ سنڌ سرڪار ڪجهه حصو ملائي اها رقم اسان جي رٽائرمينٽ وقت ڏيندي، پر هاڻي سنڌ حڪومت 32 ارب روپين جي اها رقم اسان کي نه ٿي ڏئي ۽ اها رقم ڦٻائي ويٺي آهي هنن چيو ته اسان گهر ٿا ڪريون ته بلوچستان صوبي جيان اسان کي به گروپ انشورنس جي رقم سال 2009ع کان ۽ بينيوولينٽ فنڊ جي رقم سال 1987ع کان ڏني وڃي اسين 60 سالن جا پيرسن هن وقت ڪيترن ئي بيمارين ۾ وڪوڙيل آهيون ۽ اسان کي علاج جي سخت ضرورت آهي اسين چاهيون ٿا ته ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان جي رٽائرڊ ملازمن جيان اسان کي به صحت ڪارڊ ڏنو وڃي ته جيئن اسين به مناسب علاج ڪرائي سگهون هر سال مهانگائي جي مناسبت سان پگهارن ۽ پينشن ۾ هڪ جيترو اضافو ڪيو وڃي بي صورت لکين پينشنر گڏ ٿي مسئلن جي حل لاءِ بلاول هائوس ڪراچي ۽ سي ايم هائوس اڳيان ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا 15 جو جائزو ورتو

ڪردار ادا ڪن ٿا ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺري ميرواهه ڊاڪٽر عارفه بتول ڪمشنر کي ٻن ڏينهن واري ثقافتي ميلي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني هن ٻڌايو ته هي ميلو ٺري ميرواهه تعلقي جي غريب ۽ پسمانده طبقي سان تعلق رکندڙ عورتن جي همت افزائي ۽ انهن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ منعقد ڪيو ويو آهي جيئن انهن جي محنت کي سڃاڻپ ملي ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿين ڪمشنر سکر ڊويزن ان قدم جي واکاڻ ڪندي چيو ته اهڙا پروگرام جاري رهڻ گهرجن دوري دوران ڪمشنر سکر جي گاڏي کي ڊگري ڪاليج جي گيٽ وٽ نوجوانن روڪي ورتو نوجوانن ڪرڪيٽ گرائونڊ جي خسته حالي بابت شڪايتون ڪيون ڪمشنر نوجوانن جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ مسئلا حل ڪرائڻ جي يقين ڏيارڻ ان کان علاوه ڪمشنر مهير ويسر وٽ سست رفتاري سان هلندڙ ڪم هيڊ برج جي جاري تعميراتي ڪم جو به معائنو ڪيو ۽ لاڳاپيل عملدارن کي ڪم جلد مڪمل ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون

بقايا 16 مڪمل

ته اڳ جيان هن اهم پروگرام جي ڪاميابي لاءِ پڻ سندس ٽيم پنهنجون ذميواريون احسن طريقي سان سرانجام ڏيندي ڊاڪٽر فياض لطيف چيو هن هميشه ٽيم ورڪ ۾ ئي يقين رکيو آهي اداري ۾ هينئر تائين ٿيل اهم اڀرايون گڏيل ٽيم ورڪ جو نتيجو آهن هن چيو ته "سچ ڪچهري" سنڌالاجي جي روايتن ۾ شامل اهم ادبي ۽ ثقافتي تقريب آهي، جيڪا پرنور طريقي سان منعقد ڪئي ويندي . هن چيو ته هن سچ ڪچهري جي صدارت وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ڪندو ۽ ان ۾ نامور علمي ادبي شخصيتون شريڪ ٿينديون هن اميد ظاهر ڪئي ته هن قسم جون ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون ادب ۽ ثقافت جي واڌ ويجهه، سنڌالاجي جي نيڪ نامي سميت يونيورسٽي اندر مثبت تفريحي سرگرمين، صحتمند سوچ کي هٿي وٺرائڻ جي حوالي سان لاڀائتيون ثابت ٿينديون گڏجاڻي ۾ اداري جي مختلف شعبن جي انچارجن واحد پارس هيسباڻي، سلمي قيوم شيخ، سلطان احمد چانڊيو، آغا عتيق پٺاڻ ڊاڪٽر محمد انس راڄپر ۽ ذوالفقار گوپانگ شرڪت ڪئي

بقايا 17 روڊ بلاڪ

خلاف سخت نعريبازي ڪري روڊ تي ڪائرن کي باهيون ڏيئي ڌرڻو هنيو جنهن سبب ڪوٽڙي، حيدرآباد، ٺٽو جهرڪ، جامشورو، ڪراچي ڏانهن ايندڙ ويندڙ گاڏيون بيهجي ويون مظاهرين پاڻي نه آهي جو پلا ڪريلا ڪريلا ، ڪراچي واهه ۾ پاڻي ڏيو جيڪڻ لاءِ پاڻي ڏيو ٽئنڪر معافيا تي لعنت جهڙا نعرا هڻي رهيا هئا صحافين سان ڳالهائيندي سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلع جامشورو جي نائب صدر يونس اوٺو چيو ته پنهنجي پاڻ کي ايذاءَ ڏئي هٿي ويهڻ ڪو اسان جو شوق نه آهي موٽسيپل بولهاڙي جو عوام هڪ مهيني کان پاڻي جي ڦڙي لاءِ پريشان آهي ۽ ٽئنڪر معافيا پنهنجي من ماني سان ٽئنڪر پاڻي جا من پسند اگهه مقرر ڪيا آهن جيڪي سائيٽ جي غريب عوام لاءِ تمام وڏو ڏکيو آهي اسان جا معصوم ٻار اڄ سڀي رهيا آهن ذلت جهڙي زندگي گذارڻ تي مجبور نه ڪيو وڃي ۾ انتظاميا جو توجهه ميونسپل ڪميٽي بولهاڙي سائيٽ ڪوٽڙي جي عوام طرف وڃي ٿي نه ٿو حڪمران چونڊيل نمائندا اڳهور ننڊ ۾ سمهي پنهنجي مستقبل جي پلاننگ ڪري رهيا آهن هنن جو عوام سان ڪو سروڪار ڪونهي هن چيو ته ڊي سي جامشورو پاڻ نوٽيفڪيشن ڪيئي 15 جنوري تائين ڪي.بي فيڊر ۾ پاڻي ڇوڙ ڪرڻ جو جاٽايو هو پر هن پنهنجي واعدي خلافي ڪئي نه ئي ڪو متبادل رستو اختيار ڪري سائيٽ ڪوٽڙي جي عوام تائين پاڻي پهچائڻ جو ڪو جوڳو قدم کنيو هن چيو ته واهه اندر ٿيندڙ ڪم ۾ ڪروڙن روپين جي ڪرپشن ڪئي پئي وڃي ۽ پڇڻ لاءِ ڪو تيار ڪونهي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته اسان جو مطالبو نه مڃيو ويو ته اسان ڊي سي آفيس جو گهيراءَ ڪنداسين آخري اطلاعن تائين انتظاميا 24 جنوري تائين پاڻي ڪراچي واهه ۾ ڇوڙ جي خاطري ڪرائي ڌرڻو ختم ڪرائي ڇڏيو

بقايا 18 دعويٰ

دعويٰ ڪئي آهي.جڏهن ته گرفتار ٿيل جوابدار جاويد علي پٽ صاحب خان پنڊ ڳوٺ مير محمد پنڊ طور ٿي آهي هوڏانهن ايس ايڇ او سيهڙ ذوالفقار ڳاڏيهو ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان سيوائي سٽڪ وٽان جوابدار جاويد علي پنڊ کي خفيا اطلا ملڻ تي گرفتار ڪيو آهي پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته گرفتار جوابدار سيهڙ ولبيج ۾ قتل ٿيل مقتولا ناري ثناء پنڊ جو مک جوابدار آهي

بقايا 19 معلومات ورتي

بابت معلومات حاصل ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ سول اسپتال طرفان مريضن لاءِ تيار ٿيندڙ ماني جي سلسلي ۾ ڪچن جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ ماني جو نمونو پڻ حاصل ڪيو ۽ پاڄي جي تياري لاءِ لاڳاپيل ڊاڪٽرز ۽ انچارج کي هدايت ڏيندي چيو ته ڪچن ۾ ڪم ڪندڙ اسٽاف جو مڪمل طبي چيڪ اپ ڪرايو وڃي ۽ پاڄي کي اوپن ايريا ۾ تيار نه ڪئي وڃي بلڪ محفوظ هنڌ تي منتقل ڪيو وڃي ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ چيو ته اسپتال ۾ ڪاروهنوار کي بهتر ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪاميٽي جوڙي ويندي ۽ انسپيڪشن واري نظام کي پڻ شروع ڪيو ويندو

بقايا 20 ڪاروائي

معاشر ڪرڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي قبضا مافيا پنهنجي حرڪتن کان باز اچن بي صورت ۾ سخت ڪاروائي ڪئي ويندي.

بقايا 21 روپيه ڏنڊ جي سزا

داخل ٻن ڪيس جي ٻڌائي ٿي، جتي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت جوابدار بشير احمد ٻڪراڻي کي 7 سال قيد ۽ 10 هزار روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي ڏنڊ جي رقم ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ جوابدار وڌيڪ 6 مهينا قيد ڪاٽيندو واضع رهي ته 7 مهينا اڳ نئون ديرو ٿاڻي جي پوليس شگر مل واري علائقي مان شڪارپور واسي جوابدار بشير احمد ٻڪراڻي کي گرفتار ڪري سندس وٽان دستي بم ۽ پسٽل هٿ ڪري سرڪار جي مدعيت ۾ گناهه نمبر 2025/82، 2025/83 قلم 7/6 اي ٽي اي ۽ سنڌ آرمس ايڪٽ تحت اهڙا ڪيس داخل ڪري ڪيس جيل موڪلي ڇڏيو هو

بقايا 22 خلاف مظاهرو

ٽي ٽي اي او نور محمد جنجهي ٻڌايو ته جاٽايل اسڪول بلڪل بند آهي انهي جو سبب اڳ ۾ بدلي ٿيل استاد آهي،اسڪول ۾ مقرر ٿيل استاد رامچند لوهاڻو جوائننگ نه ٿو ڪري 2 مهينا موڪل وٺي ويو ٻڌائين ايڪسيڊنٽ ٿيل آهي مون شوڪاز به ڏنو آهي پر استاد ڊيوٽي تي نه ٿو وڃي،هن چيو ته آيس ٽي آر پاليسي تحت ڪافي استادن جون غلط بدليون ٿيون هيون،اسان موڊيفڪيشن لاءِ ليٽر موڪليو آهي ساڳئي استاد واپس ميهاري ٻجير مقرر ٿي ويندو

بقايا 23 صلدار گرفتار

ضلعي فوڊ آفيسر شڪارپور پرويز انڙ ۽ پي آر سي شڪارپور انچارج مٺل مگسي کي گرفتار ڪيو آهي ذريعن موجب رحمت فلور مل جو مالڪ سجاد چانو هن اسڪيم جو مکيه ڪردار آهي جيڪو آپريشن کان اڳ فرار ٿي ويو ۽ ان جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا 24 گهاٽ ڪري ڇڏيو

جن جو ڪيس سيباٽي ميرپورخاص هائي ڪورٽ ۾ رکيل آهي

بقايا 25 ٻه ڄڻا

جڏهن سنڌن حالت نازڪ هئڻ سبب وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو ڊاڪٽرن موجب فوت ٿيل عورت سمجهو ڪولهي اڳ ئي فوت ٿي چڪي هئي جڏهن ته زخمين کي فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد حيدرآباد اماڻيو ويوپوليس موجب حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو آهي فوتي ۽ زخمي ڪولهي برادري جا آهن ۽ ڳوٺ جعفر ڏالهي جا رهواسي ٻڌايا وڃن پيا.

بقايا 26 تعزيت ڪئي

سهڻو خان جمالي ۽ ٻين پونئرن سان تعزيت ڪري گهري ڏک جو اظهار ڪيو ويو ان موقعي تي پي پي پي اڳواڻ خير محمد شيخ پاران مرحوم ٽينگر جي مغفرت لاءِ دعا پڻ گهري ڪرڻ بعد سنڌس وارثن کي هر ممڪن مدد ڪرڻ جي خاطري پڻ ڪرائي وئي

بقايا 27

جتي هن هٿن ۾ پليڪارڊ کڻي نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ نوجوان پرويز علي سانگي پنهنجي معصوم نياڻين نور فاطمه پارس ماريه سانگي ۽ ٻين سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته منهنجو والد امداد علي سانگي لاڙڪاڻي شهر جي وي آءِ پي روڊ تي واقع يو بي ايل بئنڪ ۾ ڊرائيور طور ڊيوٽي ڪندو هو جيڪو سال 1997ع دوران جاٽايل بئنڪ جي لاءِ گاڏي ۾ روڪ رقم کڻي اچي رهيو هيو ته رستي ۾ سول لائين ٿاڻي جي حد وي آءِ پي روڊ لڳ کهڙي واري بنگلي وٽ 5 هٿياربند ڦورن سنڌس گاڏي مٿان انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ گولين لڳڻ سبب والد موقعي تي ئي شهيد ٿي ويو جنهن کان پوءِ مان والد جي جاءِ تي شهيد ڪوٽا تحت نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ يو بي ايل بئنڪ جي اعليٰ توڙي مقامي عملدارن سان مختلف وقت تي ملاقاتون ڪري دانهون ڪيون آهن .

بقايا 28 ڪيو ويو

ڪوسو جماعت اسلامي جي سائين نثار احمد آڪرو مولانا محمد هاشم لاشاري سيد عابد علي شاهه ناليوارو قانوندان علي نواز منگريو درگاهه الهه آباد شريف جي مفتي غلام مجتبيٰ راهوجو پوءِ جي مفتي حماداللہ بروهي محبوب ابڙو قاري گهانگهرو قربان ڪاٺوري اسڪول جي هيڊ ماستر سيد امام الدين شاهه ۽ ڪيترن ڏکايل خاندان جن جا نوجوان جگر جا ٽڪرا وڇڙي ويا انهن سميت شهر جي سياسي سماجي شخصيتن صحافين سوشل ورڪرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 29 جي سزا

۽ ڪن ڄڻن کي سزا اچي چڪي آهي عدالت ان ئي ڪيس ۾ هڪ ۾ رضا علي پنهور ۽ سڪندر پنهور کي ڪيس ثابت نه ٿيڻ تي آزاد ڪري ڇڏيو

بقايا 30 2ڄڻا فرار ٿي ويا

ٽنڊو محمد خان جي سرڪاري اسپتال ۾ آندو جتي سنڌس سڃاڻپ بلڙي شاهه ڪريم واسي حيدر ملاح طور ڪئي وئي، جيڪو پوليس کي مختلف ڦر ۽ وارداتن جي ڪيسن ۾ گهربل جوابدار هو، ايس ايس پي حسيب جاويد سومار ميمڻ دعويٰ ڪئي آهي ته پوليس ٿاڻي جي حد ۾ گشت دوران ڏوهن ۾ ملوث هڪ ڦورو کي مقابلي دوران زخمي ڪري حراست ۾ ورتو آهي، جنهن جي سڃاڻپ بلڙي واسي حيدر ملاح طور ٿي آهي ، جنهن تي مختلف ٿاڻن تي ڦر جي وارداتن جا الڳ الڳ ڪيس داخل آهن ، فرار ٿي ويل ٻن ڦورن جي گرفتاري لاءِ پڻ پوليس جون ٽيمون تشڪيل ڏنيون ويون آهن جيڪي جوابدارن کي گرفتار ڪري رپورٽ ڏيڻ لاءِ پابند رهنديون، پوليس ٽنڊو ٿاڻي تي حراست ۾ ورتل ڦورو حيدر ملاح ۽ ٻن نامعلوم جوابدارن خلاف ٻن پوليس سان مقابلي ۽ ڦر جي واقعي جا الڳ الڳ ڪيس داخل ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا 31 احتجاج

منهنجي والد پورل ۽ ڀاءُ جنيد عمراڻي کي ڳالهين لاءِ پنهنجي گهر گهرائي ڪيس تشدد جو نشانو بڻائي بعد ۾ ڪين ماهوڪا پوليس هٿان گرفتار ڪرايو جنهن بعد برادري جي چڱن مڙسن وچ ۾ پئي والد ۽ ڀاءُ کي آزاد ڪرايو هينئر بااثر سهرو ۽ سالا گهرواري کان ڏار ڪرڻ لاءِ طلاق ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪا وڏي ناجائزي آهي. منهنجي وس وارن کي اپيل آهي ته بااثر سهري ۽ سالن خلاف ڪاروائي ڪري گهر واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 32 ڪيا ويا

کي دوائون به مفت ۾ ڏنيون آهن ڊاڪٽر عبدالحميد سومرو چيو ته ڪئمپ ۾ آپريشن سميت سمورو خرچ پنهنجي پاڻ تحت ڪيو ويو آهي ان ۾ مريضن جو علاج ۽ دوائون به مفت ۾ فراهم ڪيون ويون آهن هي تمام ڏورانهون علائقو آهي هتان ڪان ضعيف ۽ وڏي عمر جا مريض ٻين شهرن ڏانهن سفر ڪرڻ کان بچي ٿا وڃن اهو سلسلو جاري رکيو ويندو ڪئمپ تي ڊپٽي تعلقا هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر هدايت الله راهمون روشن الدين راهمون عبدالڪريم سومرو اعجاز علي خاصخيلي امير حسن راهمون ڊاڪٽر انعام الله راهمون ۽ ٻين پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون.

بقايا 33 جوابدار گرفتار

اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو. واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي شاهديون گڏ ڪيون ۽ زخمي جي فرياد تي ٿاڻو شهيد فاضل راهو ۾ جوابدار خلاف پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 324 (اقدام قتل) تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. ٿاڻي شهيد فاضل راهو جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر محمد انور لغاري پوليس عملي سان گڏ فوري ۽ مؤثر ڪارروائي ڪندي جوابدار مير خان پسيڻو کي گرفتار ڪري وارتن جڏهن ته واردات ۾ استعمال ٿيل هٿيار (ڪهاڙي) به برآمد ڪري پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏي آهي.

بقايا 34 اعلان

جا سڀ کان پهرين نالا ٻڌائيندو ان کي آئون پنهنجي طرفان 5 لک روپيا انعام ڏيندس هن چيو ته ارشاد علي ميمڻ جو قتل هڪ فرد جو قتل نه پر سندس خاندان جو قتل آهي. جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي هن چيو ته اسان ارشاد علي ميمڻ جي قاتل کي سزا ڏيارڻ لاءِ سندس خاندان جي هر قسم جي قانوني مدد ڪئي ويندي. ان موقعي تي سنڌ دوست اتحاد جا اڳواڻ طارق آفتاب هاشماڻي مڪيش ڪمار رتناڻي ۽ ڪولهي اتحاد جو اڳواڻ ڀهلاج ڪولهي ۽ ٻيا اڳواڻ به گڏ هئا

بقايا 35 جو اعلان

رتناڻي ۽ ڪولهي اتحاد جو اڳواڻ ڀهلاج ڪولهي ۽ ٻيا اڳواڻ به گڏ هئا

بقايا 36 اعتراف

الطاف چانڊيو وقاص ڏايو،هزار خان ڏڻور سميت معاشر شاگردن ۽ ٻارڻ جي والدين ۽ شهري شريڪ فيصلي ۾ جوابدارن پاران ڏوهه جو اعتراف ڪرڻ کان پوءِ ڪين چڱا ساڻ ڪري معاشر شاگردن ۽ ٻارن جي تڏي تي لکيهي وڃي معافي وٺڻ ۽ آئنده اهڙي قسم جي حرڪت نه ڪرڻ جو پابند بڻايو ويو فيصلي ۾ جوابدار وقار چانڊيو پاران وڊيو ڏاهيندڙ وڌيڪ ڪجهه ماڻهن جا نالا ظاهر ڪيا ويا جن سان بعد ۾ قانوني يا راجوڻي فيصلو ڪيو ويندو

بقايا 37 مان هٽ

خلاف ڪاروائي نه ڪرڻ چاهيون,جڏهن ته ڪورواهه پوليس سرزمين تي پهچي لاش ڪٺائي وارثن حوالي ڪيو.

بقايا 38 ڪهرام

نوجوان کي فوري طبي امداد فراهم نه ڪئي وئي سماج سڌارڪ ۽ انساني حقن جي تنظيمن واقعي جي شفاف جاچ ۽ ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 39 احتجاج

سان گڏجي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته گذريل 29 ڊسمبر تي رات جو دير سان نامعلوم چور گهر ۾ گهڙي 10 هزار رپيا روڪ 50 هزار ماليت جا سونا زيور ۽ 3 عدد موبائيل فونون چوري ڪري فرار ٿي ويا، واقعي بابت سول لائين ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پر هن وقت تائين پوليس چوري ٿيل سامان ۽ رقم واپس نه ڪرائي سگهي آهي، ٿاڻي تي روز چڪر ڪاٽرائي سڪتا آسرا ڏئي رلايو پيو وڃي ,جڏهن ته چوري واري واقعي کان وٺي اڄ ڏينهن واري عرصي ۾ ٿاڻي جا 3 ايس ايڇ او بدلي ٿي چڪا آهن اهڙي صورتحال ۾ انصاف ملڻ مشڪل بڻجي چڪو آهي هن لاڙڪاڻو جي ڊي آءِ جي ,ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 40 ريجنل باڊيز

تفصيلي ملاقاتون ڪيون ۽ تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ بابت صلاح مشورو سان ريجن بدين جي تنظيم جي آئين تحت سال 2026—27 لاءِ نئين ريجنل باڊيز ريجن بدين ۽ ريجن لاڙڪاڻا جو پڻ اعلان ڪيو ويو جنهن ۾ ريجن بدين لاءِ صدر فتح الله جوڻيجو نائب صدر: محمد سومر ڪوريجو جنرل سيڪريٽري: هدايت الله جوڻيجو جوائنٽ سيڪريٽري: سهيل احمد جوڻيجو فنانس سيڪريٽري: محمد سليم جوڻيجو ميڊيا سيڪريٽري: محمد ياسين ڏاليو ريجن لاڙڪاڻا لاءِ صدر: محمد سومر جوڻيجو نائب صدر: ارشاد علي ڪوريجو جنرل سيڪريٽري: الطاف حسين جوڻيجو جوائنٽ سيڪريٽري: ڏني بخش جوڻيجو فنانس سيڪريٽري: دين محمد ڪلهوڙو ميڊيا سيڪريٽري: امجد حسين مسڻ مرڪزي صدر قادر بخش ٻگٽي پنهنجي خطاب ۾ نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪون ڏيندي چيو ته نئين باڊي تنظيم کي وڌيڪ فعال بڻائڻ لاءِ ڪارڪنن ۾ نئون جذبو پيدا ڪرڻ ۽ ايندڙ وقت لاءِ مضبوط حڪمت عملي جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي هن اميد ظاهر ڪئي ته نئين ٽيم ايمانداري، محنت ۽ تنظيم سان وفاداري سان پنهنجون ذميواريون نڀائيندي ۽ نشات تنظيم جو پيغام ريجنس ۾ وڌيڪ عام ڪندي گڏجاڻي ۾ مرڪزي نائب صدر مولا بخش چنا، جنرل سيڪريٽري عبدالله جوڻيجو جوائنٽ سيڪريٽري سميع الله جوڻيجو ۽ پريس سيڪريٽري پيار علي ڏاليو پڻ شرڪت ڪئي جڏهن ته عبدالرحمان بلوچ مئينيجر پير آف لواري شريف خصوصي مهمان ۽ ڊاڪٽر MS منگي TEOعبدالفتاح جوڻيجو مير انوار بخش ڏاليو اعزازي مهمانن طور شريڪ ٿيا

بقايا 41 پاران مذمت

صاف، شفاف انڪوائري ڪرڻ تي ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ کي ساراهيو ويو آهي. هن چيو ته پوليس ڪاتي ۾ اهڙي قسم جون حرڪتون ڪندڙن لاءِ ڪابه گنجائش ناهي ڪاري رڌن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي قانون کان مٿانهون ڪوبه ناهي جوابدارن کي عبرتناڪ سزا جو نشانو بڻايو وڃي ۽ متاثر نياڻي کي هر صورت ۾ انصاف فراهم ڪرڻ سان گڏ سندن خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي جيڪب آباد مان چونڊيل ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي پاران واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ايس ايس پي جيڪب آباد کي هدايت ڪئي آهي ته واقعي ۾ ملوث سڀني جوابدارن کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي ۽ متاثر ناري کي انصاف فراهم ڪيو وڃي جڏهن ته جيڪب آباد مان چونڊيل ايم پي اي شير محمد مغيري پاران به ناري آسيه ڪوسو واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي آهي، ايم پي اي پاران ايس ايس پي سان فون وسيلي ڳالهه ٻولهه ڪري واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف سخت ڪاروائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني

HESCO

اِي-واڪ گهربل آهن

حيسڪو کي هيٺ ڄاڻايل ڪمن لاءِ ڪانٽريڪٽرز کان مسابقتي واڪ (NCB)نيشنل ڪامپيٽيٽو بڊنگ تحت سنگل اسٽيج ٽو اينويلپ اِي واڪ طريقيڪار جي مطابق جي مطابق پي پي آر اي قاعدن جي شق تحت اِي-واڪ گهربل آهن.

Tender No	Name of work	Bid Security	Bid closing date & time	Bid opening date & time
Re-Tender 2025-26 XEN/Civil-41	Repair & Maintenance of Metal Road with 50mm Road Carpeting, Removing damaged RCC Nala & Manhole Covers at Power Wing Colony HESCO Hyderabad	572,528.00	09.02.2026 11:00 AM	09.02.2026 11:30 AM
Re-Tender 2025-26 XEN/Civil-42	Repair & Maintenance / Establishment of Chief Engineer Office (Transmission and Grid) and Renovation of S.E. GSO Office HESCO at 132Kv Grid Station Colony Qasimabad	312,680.00	09.02.2026 11:30 AM	09.02.2026 12:00 PM
Re-Tender 2025-26 XEN/Civil-43	Re-Construction of Fallen / Tilted Boundary Wall with Pre-Cast Boundary Wall & providing and fixing barbed wire with Angle Iron of 132Kv Grid Station Society Nawabshah & S.E Operation Circle HESCO Nawabshah	241,872.00	09.02.2026 12:00 PM	09.02.2026 12:30 PM
Re-Tender 2025-26 XEN/Civil-44	Reconstruction of Fallen Boundary Wall with Precast Boundary Wall at 132Kv Grid Station Sultanabad	205,452.00	09.02.2026 12:30 PM	09.02.2026 01:00 PM
Re-Tender 2025-26 XEN/Civil-48	**(Part-A)** Maintenance and Repair of CHB & Jacketing of Equipment Foundation, Construction of Cable Trench, RCC Trench Covers, Supply & Spreading of Gravel / Crushed Stone at 132 Kv G/S HESCO Shahpur Chakar **(Part-B)** Repair & Maintenance of Fallen Down & Tilted Boundary Wall with Angle Iron and Barbed Wire at 132KV Grid Station Shahpur Chakar **(Part-C)** Repair & Maintenance of Fallen Down & Tilted Boundary Wall with Angle Iron and Barbed Wire at 132KV Grid Station Shahpur Chakar	371,831.00	10.02.2026 12:00 PM	10.02.2026 12:30 PM
Tender 2025-26 XEN/Civil-49	Repair & Maintenance of Control House Building at 66Kv Grid Station Ladiun	135,484.00	10.02.2026 12:30 PM	10.02.2026 01:00 PM
Tender 2025-26 XEN/Civil-50	R&M of 40 person Mosque i/c Construction of New Wuzu Khana, Partial Electrical Work, Ground Floor Corridor Paneling, Supply & Installation of 1.5 Ton Split A.C (Haier), Lower Fan Etc at Academic Block, Reconstruction of Fallen & Tilted Boundary Wall with Precast Boundary Wall at Regional Training Center (RTC) HESCO Jamshoro	368,370.00	10.02.2026 01:00 PM	10.02.2026 01:30 PM
Tender 2025-26 XEN/Civil-51	Repair & Maintenance & Reconstruction of Fallen Boundary Wall with Precast Wall Panels at 132Kv Grid Station Golarchi	129,076.00	10.02.2026 02:00 PM	10.02.2026 02:30 PM

1_ اهليت:

واڪن لاءِ هي دعوت سڀني لاءِ کليل آهي واڪ ڏيندڙ. جيڪي هيٺ ڏنل گهرجن کي پورو ڪن ٿا:

a. واڪ ڏيندڙ پي پي آر اي سان رجسٽرڊ هجن بشمول اِي EPADS جو استعمال ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (پي اِي سي) ۾ مالياتي ڪئٽگريز ۽ ڪوڊز جي مطابق سال 2025-26 لاءِ تجديد ٿيل (Valid) رجسٽريشن رکندڙ هجن. وڌيڪ ته واڪ ڏيندڙ کي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (پي اِي سي) جي گهربل رجسٽريشن ڪيٽيگريز ۽ ڪوڊز مطابق تعمير جي ميدان ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽن (03) سالن جو تجربو لازمي ڏيکارڻ گهرجي.

b. واڪ ڏيندڙ/جوائنٽ وينچر هڪ شخص، خانگي ادارو يا سرڪاري ملڪيت وارو ادارو هوندو جيڪو فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ جي فهرست ۾ آهي ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو ۽ سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) سان رجسٽرڊ آهي.

شرط ۽ ضابطا:

2- قومي مسابقتي واڪ (NCB) سنگل اسٽيج ٽو اينويلپ-واڪ جي طريقي جي مطابق ڪئي ويندي.

a. واڪ دستاويزن جو هڪ مڪمل سيٽ تفصيلي هدايتون/شرط ۽ ضابطن ۽ ٽيڪنيڪي وضاحتون تي مشتمل آهي ۽ وضاحتون EPADS تي رجسٽرڊ واڪ ڏيندڙن لاءِ (http://www.eprocure.gov.pk)تي موجود آهن.

b. سمورن اِي واڪن سان گڏ واڪ دستاويز ۾ ڄاڻايل واڪ سيڪيورٽي لازمي هوندي. جيڪا ايگزيڪيوٽو انجنيئر سول ورڪس ڊويزن حيسڪو حيدرآباد جي حق ۾ ڪنهن به شيڊيول بئنڪ آف پاڪستان کان بئنڪ گارنٽي/ CDR/ بينڪر چيڪ جي صورت ۾ جمع ڪرائي وڃي ۽ واڪ سيڪيورٽي واڪ جي معياد ختم ٿيڻ جي تاريخ کان 28 ڏينهن تائين ڪارآمد هئڻ گهرجي. واڪ سيڪيورٽي جي اسڪين ٿيل ڪاپي EPADS تي اپ لوڊ ڪندو. جڏهن اصل واڪ سيڪيورٽي اِي واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت کان هڪ ڏينهن ڪانپوءِ لاڳاپيل پروڪيورنگ ايجنسي کي جمع ڪرائڻ لازمي هوندو بي صورت ۾ اِي واڪ رد ڪيا ويندا.

c. سڀني دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي اِي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (اِي-پيڊس) پورٽل ذريعي آن لائن درخواست ڏين: (http://www.eprocure.gov.pk) تي درخواستون پي پي آر اي قاعدن ۽ ضابطن مطابق مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت اندر جمع ڪرايون وڃن.

d. ڪامياب واڪ ڏيندڙ کي پاڪستان جي ڪنهن به شيڊيول بئنڪ کان سي ڊي آر / بئنڪ گارنٽي جي صورت ۾ ڪارڪردگي جي سيڪيورٽي طور معاهدي جي قيمت جو 10% جمع ڪرائڻو پوندو.

e. حيسڪو پي پي آر اي رول 2004 جي شق-33 (1) جي مطابق سڀني يا ڪنهن به اِي-واڪ کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

f. هي اشتهار پي پي آر اي ويب سائيٽ: www.ppra.org.pk ۽ حيسڪو ويب سائيٽ: www.hesco.gov.pk تي پڻ موجود آهي.

نوٽ:

پي پي آر اي رولز-2004 جي قاعدي-48 جي لحاظ کان قائم ڪيل گريونس ريڊريسل ڪميٽي GRC جي نوٽيفڪيشن EPADS تي مهيا ڪيو ويو آهي.

(www.eprocure.gov.pk) فون نمبر: 0337-2192756
اي ميل: xenhescocivil@gmail.com
ايڊريس: ايڪس اِي اين سول ورڪس ڊويزن، حيسڪو حيدرآباد فليٽ نمبر 7-C واپڊا پاور ونگ ڪالوني، حيسڪو حسين آباد، حيدرآباد

PID(H) 277/2025

(ظفر علي سومرو) ايگزيڪيوٽو انجنيئر، سول ورڪس ڊويزن حيسڪو حيدرآباد

اوٻاوڙو پرسان رينجرز ۽ پوليس جون ڪارروايون جاري، وڌيڪ ٻه ڌاڙيل مارڻ جي دعويٰ

شر ۽ ڪوش گينگ جي ڌاڙيلن مٿان ڊورن ڌاڙيل ملاڻو ڪوش ۽ سندس ڀاءُ ڏاڏو ڪوش مارجي ويا: پوليس

حملي ۾ 10 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿي آهن ۽ ڪوش گينگ جي 12 ڄڻن کي گرفتار ڪيو آهي

لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو آهي، ڌاڙيلن جي خاتمي تائين آپريشن جاري رهندو

اوٻاوڙو (رپورٽ غلام قمبر ٻوهڙ) اوٻاوڙو پرسان، راڻوتي جي ڪچي واري علائقي ۾ رينجرس جي سيڪٽر ڪمانڊر سيد نديم عباس شاهه ، ڊي آئي جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ ايس ايس پي گهوٽڪي جي اڳواڻي ۾ پنجاب رحيم يارخان جي ڊي پي او سان گڏجي وفاقي انٽيليجنس ايجنسي جي مدد سان ٻٽي ڏينهن کان وٺي شر ۽ ڪوش گينگ جي ڌاڙيلن خلاف ٽارگيٽڊ آپريشن جاري آهي پوليس ٻاران شر ۽ ڪوش گينگ جي ڌاڙيلن مٿان ڊورن سان بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

اوٻاوڙو: پوليس پاران گرفتار ڪيل ڌاڙيلن کي ڪپڙن سان ڍڪي ويهاريو ويو آهي

ضلعي جي ڪاليجن ۾ ڪاليج ايجوڪيشن کاتي جي بيواجبين خلاف مظاهرا

سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچررس ايسوسيئيشن جي سڏ تي مختلف ڪاليجن ۾ احتجاج ڪيو ويو

مطالبن جي مڃتا لاءِ 22 جنوري تي سکر ۾ مارچ ۽ 12 فيبروري تي ڪراچي بلاول هائوس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو: اڳواڻ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچررس ايسوسيئيشن سيلا مرڪز ۽ سکر ريجن جي سڏ تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪاليجن ۾ ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي بي واجبين خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. ان سلسلي ۾ سيلا ضلعي لاڙڪاڻي جي مختلف ڪاليجن گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو گورنمينٽ آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻو گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو بيگم نصرت ڀٽو گرل ڪاليج لاڙڪاڻو بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪورنگي ۾ جسقم اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گهرن تي پوليس چڙهائين خلاف مظاهرو

جسقم آريسر گروپ جي محمد علي لغاري، ببلو برفت، سرمد سنڌي ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

قومپرست اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گهرن تي پوليس چڙهاين بند ڪري داخل ڪيس ختم ڪيا وڃن: مطالبو

ڪورنگي سائيٽ (ن ع) ڪورنگي ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ (آريسر) پاران پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گهرن تي پوليس چڙهائين ۽ مٿن ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو جسقم ڪارڪنن محمد علي لغاري، ببلو برفت، سرمد سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪورنگي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن دوران پوليس خلاف سخت نعرا هنيا ويا ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هو قومپرست اڳواڻن ۽ ڪارڪنن اسماعيل نوتڪاڻي، عبدالفتاح چنه الهبچائي ملاح

خيرپور ۾ سنڌ هاري اتحاد جي سڏ تي آبادگارن پاران احتجاجي مظاهرو

مظاهرين سيد شهزاد علي شاهه، حاڪم جوڻيجو مشتاق ۽ ٻين احتجاج ڪيو

هاري ڪارڊ ۾ ٻاهرين تپيدارن کي ڀُما ڏئي وڏيڪ زمينون ڏيکاري حق تي ڌاڙو هنيو آهي: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ سنڌ هاري اتحاد جي سڏ تي آبادگارن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙ جي اڳواڻي سيد شهزاد علي شاهه جيلاني حاڪم جوڻيجو مشتاق ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته هاري ڪارڊ جي ٻهاني تنين آبادگارن کي ڪارڊ نه ملي سگهيا آهن ۽ انهن کي نظر انداز ڪيو ويو آهه هنن چيو ته سنڌو ۾ آبادگارن کي ڪٽڪ جو ڪمند جو ريٽ نه ٿو ملي جنهن ڪري آبادگار فصل لهڻ سان پريشان ٿي وڃن ٿا بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

مقتول جي والد پاران قاتلن جا نالا ظاهر ڪندڙ کي 5 لک ڏيڻ جو اعلان

ارشاد جو قتل هڪ فرد جو قتل نه پر پوري خاندان جو قتل آهي: گلزار ميمڻ

جيڪو ماڻهو قاتلن جا نالا ٻڌائيندو ان کي پنهنجي طرفان 5 لک روپيا انعام ڏيندس

تنڊوباگو: سنڌ دوست اتحاد جي سرواڻ ڊاڪٽر عزيز ميمڻ ڊيپلو لڳ قتل ٿيل تنڊوباگو واسي نوجوان ارشاد علي ميمڻ جي والد گلزار علي ميمڻ ۽ ارشاد علي جي ڀاءُ حبدار علي ميمڻ سان گڏ تنڊوباگو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته جيڪو ماڻهو ارشاد علي ميمڻ جي قاتلن بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

تنڊو باگو: نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

مقتول جي والد پاران قاتلن جا نالا ظاهر ڪندڙ کي 5 لک ڏيڻ جو اعلان

ارشاد جو قتل هڪ فرد جو قتل نه پر پوري خاندان جو قتل آهي: گلزار ميمڻ

جيڪو ماڻهو قاتلن جا نالا ٻڌائيندو ان کي پنهنجي طرفان 5 لک روپيا انعام ڏيندس

تنڊوباگو: سنڌ دوست اتحاد جي سرواڻ ڊاڪٽر عزيز ميمڻ ڊيپلو لڳ قتل ٿيل تنڊوباگو واسي نوجوان ارشاد علي ميمڻ جي والد گلزار علي ميمڻ ۽ ارشاد علي جي ڀاءُ حبدار علي ميمڻ سان گڏ تنڊوباگو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته جيڪو ماڻهو ارشاد علي ميمڻ جي قاتلن جا سڀ کان پهرين نالا ٻڌائيندو ان کي آئون پنهنجي طرفان 5 لک روپيا انعام ڏيندس هن چيو ته ارشاد علي ميمڻ جو قتل هڪ فرد جو قتل نه پر سندس خاندان جو قتل آهي. جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي هن چيو ته اسان ارشاد علي ميمڻ جي قاتل کي سزا ڏيارڻ لاءِ سندس خاندان جي هر قسم جي قانوني مدد ڪنداسين. ان موقعي تي سنڌ دوست اتحاد جا اڳواڻ طارق آفتاب هاشماڻي، مڪيش ڪمار بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

دڙي ۾ ٻارن جي نازيبا ۽ غير اخلاقي وڊيوز ٺاهيندڙن پاران ڏوهه جو اعتراف

علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻن پاران راڄوڻي فيصلي ۾ جوابدارن اعتراف ڪيو

جوابدارن وقار چانڊيو عادل ۽ وقار ڏاهر متاثرن جي ڏڌي ميڙ وٺي معافي وٺڻ جو فيصلو ڪيو

دڙو (ن ع) دڙي ۾ ٽڪ ٽاڪ جي جعلي اڪائونٽ ذريعي ٻارن جي نازيبا ۽ غير اخلاقي وڊيوز ٺاهڻ وارو ماسرو...!! گذريل ڪجهه مهينن کان سوشل ميڊيا جي مشهور ويب سائيٽ ٽڪ ٽاڪ تي جعلي اڪائونٽ ذريعي اسڪول جي شاگردن ۽ ٻارن جي نازيبا ۽ غير اخلاقي وڊيوز رکندڙ جوابدارن پاران ڏوهه جو اعتراف، اسڪول جي شاگردن ۽ ٻارن جون غير اخلاقي ۽ نازيبا وڊيوز ٺاهي سوشل ميڊيا تي وائرل ڪندڙ جوابدارن بلورو واسي وقار چانڊيو عادل ڏاهر ۽ وقار ڏاهر پاران فيصلي ۾ ڏوهه جو اعتراف، راڄوڻي فيصلي ۾ واپاري ايسوسيئيشن جو صدر نظام لاکاڻي، سوشل ورڪر رشيد آزاد سومرو جسقم اڳواڻ انور ملاح ،واپاري ايسوسيئيشن جي عهديدارن هارون سومرو اقبال سومرو،اختر ڪچي سميت رشيد ڏاهر بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

پشاور: دڪاندار گراهڪ کي چترالي شال ڏيکاري رهيو آهي

ڪورواهه ويجهو چار ڏينهن اڳ گم ٿي ويل نوجوان جو لاش ريگيوليٽر مان هٿ

دبي ريگيوليٽر ۾ لاش جي اطلاع تي پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪڍي ورتو

ڪورواهه (رپورٽ: غلام علي مغل) ڪورواهه پرسان دبي ريگيوليٽر مان ٽي ڏينهن پراڻو لاش هٿ نوجوان جي لاش جي سڃاڻپ ڳوٺ قاسم سمون جي رهواسي 20 سالا امير پٽ سليمان ملاح طور ٿي آهي وارثن موجب نوجوان جو دماغي توازن ٺيڪ نه هو ۽ مرگهي جي بيماري ۾ مبتلا هو جيڪو چار ڏينهن کان لاپتا هو ۽ اڄ ان جو لاش ڳوٺ حاجي جعفر ٻبر پرسان دبي شاخ مان هٿ آيو آهي ۽ اسين ڪنهن جي به بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم ۾ پورهيت ٽرالر تان ڪري فوت، گهر ۾ ڪهرام

ماروي رائيس مل ۾ لوڊنگ دوران 28 ورهين جو ميهار خاصخيلي فوت ٿي ويو

بلڙي شاهه ڪريم (ن ع) بلڙي شاهه ڪريم ماروي رائس مل ۾ ٽريلر تي لوڊنگ دوران 28 سالا نوجوان مزدور ميهار ولد پوپٽ خاصخيلي ٽريلر تان ڪري فوت ٿي ويو. ذريعن موجب، مل انتظاميا واقعي کي لڪائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل، مل ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن ۾ چوپول آهي ته فوتي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

نوجوان تعليم تي ڌيان ڏين تعليم ڪانسواءِ زندگيءَ ۾ ڪابه ترقي ممڪن ناهي: عبدالستار ڪيريو

سڪرنڊ (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سردار عبدالستار ڪيريو جي مان ۾ ڊومڪي برادري پاران سڪرنڊ لڳ موريو لاکو پرسان ڳوٺ مرزو ڊومڪي ۾ شاندار آجياڻو ڏنو ويو جتي ڊومڪي برادري جي نيڪ مرد محمد صيفل ڊومڪي سردار عبدالستار ڪيريو کي بوسڪي جو پٽڪو پارايو جڏهن ته سنڌس بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پوليس جي نجي مخبر جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

ٽنڊوآدم سب جيل جي قيدين ۾ سماجي تنظيم پاران هنڌ بسترا سوڙيون ويهاڻا ورهايا ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) الخدمت فائونڊيشن پاران سردي کان بچاءَ لاءِ سب جيل ٽنڊوآدم جي قيدين ۾ هنڌ بسترا سوڙيون ويهاڻا ورهايا ويا ان موقعي تي مختيارڪار ٽنڊوآدم امام الدين لاڙڪ . اسسٽنٽ مختيارڪار وسيم احمد پنهور. جيلر وسيم چنه. ڳهاٽ انچارج ذوالفقار ملڪ . سيد توحيد شاهه. عبدالستار انصاري . ڊاڪٽر وحيد شيخ ۽ ٻيا موجود هئا ان موقعي تي مختيارڪار امام الدين لاڙڪ چيو ته الخدمت بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي انسٽيٽيوٽ آف فزيوٿراپي ۽ نرسنگ لاءِ شاگردن کان ٽيسٽ ورتي وئي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي انسٽيٽيوٽ آف فزيوٿراپي ۽ نرسنگ الائيڊ هيلٿ سائنسز اداري پاران سال 2026 لا داخلا ٽيسٽ ورتي وئي ٽيسٽ ۾ ضلعي خيرپور جي سوين شاگردياڻين ۽ شاگردن داخلا ٽيسٽ ڏني داخلا ٽيسٽ تقريب کي خطاب ڪندي ڊائريڪٽر ڪاليج محمد آصف اسلم لاشاري ، پرنسپل ڊاڪٽر اقرا ابڙو وائيس پرنسپل علي گوهر لاشاري، ايڊمن آفيسر ڪامران منگي اڳوڻو ايڊمن آفيسر محمد بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر جي پ پ اڳواڻ اصغر علي مهر جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

خانپورمهر(ن ع) پ پ پارٽي جي مقامي اڳواڻ اصغر علي مهر جو والد ۽ مهر برادريءَ جو معزز شخصيت منشي حاجي جمالدين مهر ڪجهه عرصو ڳوڙهن جي بيماري ۾ مبتلا رهڻ سبب 70 سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي نماز جنازي سندس ڳوٺ حاجي جمالدين مهر پير بخش پٽافي ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ علائقي جي معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ ٽائون ڪاميٽي خانڳڙهه جو چيئرمين عبدالرزاق مهر پيپلز پارٽي جو اڳواڻ ڪامريڊ صحافي عظيم سيال ٽي ايم او يونس چنو بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو سي آءِ اي پوليس جي ڪارروائي، ٽي ڦورو گرفتار پسٽل، گوليون ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو سي آءِ اي پوليس شهر اندر ڌاڙو ٿيل وارداتن ۾ ملوث ڏوهاري ڦورو ٽولي خلاف ڪارروائي ڪندي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5


حيدرآباد: هڪ چنگچي رڪشا تي وڏي مقدار ۾ سامان لوڊ ڪري آندو پيو وڃي

پريس ڪلب ٽنڊو آدم جو صحافتي ڪردار قابل ساراهه آهي: عارف حسين خاصخيلي

ٽنڊو آدم (ن ع) پريس ڪلب ٽنڊو آدم جي صدر رانا مختيار نائب صدر رزاق ڏنو سيڪريٽري عاشق حسين سانڊ، جوائنٽ سيڪريٽري ملڪ احسان غوري، آفيس سيڪريٽري منور قريشي سميت ٻين عهديدارن کي مختلف سماجي ۽ فلاحي شخصيتن پاران مبارڪون ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ خاصخيلي ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي مرڪزي صدر عارف حسين خاصخيلي پنهنجي وفد سان گڏ پريس ڪلب ٽنڊو آدم پهتو جتي هن بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ۾ ٻمبلي واهه جي پل ٽٽڻ سبب آمدرفت معطل، شهري سخت پريشان

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر شهر ۾ تعلقي پريس ڪلب سامهون ٻمبلي واهه تي قائم اهم پل پٿرن سان ڀريل ٽرالي گذرڻ ۽ ڦاسي پوڻ سبب ٽٽي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ شهر ڏانهن ايندڙ ۽ ويندڙ ٽريفڪ مڪمل طور تي معطل ٿي وئي آهي.پل ٽٽڻ سبب شهر جي اندروني ۽ ٻاهرين رستن تي گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون آهن جڏهن ته عام شهري، مزدور، شاگرد ۽ مريض سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويا آهن واقعي کان پوءِ شهر جو اهم آمدرفت وارو رستو بند ٿيڻ سبب ڪاروباري سرگرميون به سخت متاثر ٿي ويون آهن ڪيترائي دڪاندار وقت سر پنهنجي دوڪانن تائين نه پهچي سگهيا، جڏهن ته اسڪول ويندڙ ٻارن ۽ آفيسن ۾ ڪم بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: ڪاريگر ڪاٺ تي چٽڪاري جو ڪم ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان پرسان مبينا مقابلي ۾ هڪ زخمي ڦورو گرفتار، 2 ڄڻا فرار ٿي ويا

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان سٽي ٿاڻي جي حد پورو ڪولهي ڳوٺ پرسان ڪن هٿيارٻند ڦورن ڦر جي ارادي سان نظربور روڊ تي رات جي اونداهه ۾ ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پوليس جي گشت دوران پوليس تي فائرنگ ڪئي ، جنهن ۾ پوليس جي مبينا جوابي فائرنگ دوران هڪ ڦورو زخمي ٿي پيو ، 2 ڄڻا فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ، زخمي ڦورو کي پوليس بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

دادو جي عدالت ۾ قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي عمر قيد ۽ هڪ لک ڏنڊ جي سزا

دادو(ڊ ر) دادو ۾ فرسٽ ايڊيشنل سائل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي جج حسن علي ڪلوڙ قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار معشوق ولد غلام رسول پنهور کي عدالت عمر قيد ۽ هڪ لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي جوابدار مٿان ڦلجي اسٽيشن ٿاڻي تي 17 سالا مقتول طارق جي پيءُ سڄڻ پنهور جي فرياد تي 2022 ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو ان ٿي ڪيس ۾ ڀيرياڻ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو ۾ آسيا ڪوسو واقعي خلاف سياسي سماجي تنظيمن جو احتجاج، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

ڪمالڊيرو (ن ع) مري برادري جي ماڻهن شهر جي سياسي سماجي ۽ مختلف برادرين جي ماڻهن ڪمالڊيرو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪندي چيو ته جيڪب آباد ٿل ۾ جيڪو انسانيت کي لڄائيندڙ واقعيو پيش آيو ان واقعي بعد پوري سنڌ ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر ڇانيل آهي هنن جو چوڻ هيو ته رياست ماءُ وانگر هوندي هر عام ماڻهون انصاف وٺڻ لاءِ پوليس وٽ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ ريڙهي تي فروٽ وڪري لاءِ رکيل آهن

ڄامشورو ۾ سنڌالاجي طرفان ادبي ۽ ثقافتي "مچ ڪچهري" جون تياريون مڪمل

اداري جي اڱڻ تي 23 جنوري تي مچ ڪچهري منعقد ٿيندي، وائيس چانسلر صدارت ڪندو

ڊائريڪٽر جي صدارت هيٺ شعبن جي انچارجن جي اهم گڏجاڻي ۾ انتظامن جو جائزو ورتو ويو

ڄامشورو (پ ر) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان 23 جنوري تي اداري جي اڱڻ تي مچ ڪچهري منعقد ڪئي ويندي، جنهن جي صدارت سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ڪندو ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف جي صدارت هيٺ هڪ اهم گڏجاڻي ڊائريڪٽر آفيس ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ اداري جي مختلف شعبن جي انچارجن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ "مچ ڪچهري" جي انتظامن جو جائزو ورتو ويو ۽ صلاح مشورو ڪيو ويو ان موقعي تي ڊائريڪٽر طرفان شعبن جي انچارجن کي مچ ڪچهري جي حوالي سان مختلف ذميواريون سونپيون ويون ڊائريڪٽر اميد ظاهر ڪئي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪمشنر سکر ٺري ميرواهه ۾ ثقافتي ميلي جو دورو ڪري اسٽالن جو جائزو ورتو

اهڙا ميلا عورتن جي معاشي سڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا: عابد سليم قريشي

ٺري ميرواهه(ن ع) سکر ڊويزن جي ڪمشنر عابد سليم قريشي ٺري ميرواهه ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس ۾ منعقد ڪيل ٻن ڏينهن واري ثقافتي ميلي جو دورو ڪيو ميلي ۾ لڳايل مختلف اسٽالن جو جائزو ورتو ميلي ۾ عورتن جي هٿ سان تيار ڪيل رليون پنڊي، سنڌي شالون ۽ ٻيون ثقافتي شيون نمائش لاءِ رکيون ويون ڪمشنر عورتن جي هٿ جي هنر ۽ محنت کي ساراهيندي چيو ته اهڙا ميلا مقامي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ عورتن جي معاشي سڌاري ۾ اهم بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ گروپ انشورنس ۽ بينيوولنٽ فنڊ نه ملڻ خلاف پينشنرن جو مظاهرو

سنڌ پينشنرز الائنس جي چيف آرگنائيزر محمد مراد چوڙو ۽ ٻين پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو

سنڌ حڪومت 32 ارب روپين جي رقم اسان کي نه ٿي ڏئي ۽ اها ڦهائي ويٺي آهي: اڳواڻ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ پينشنرز الائنس جي چيف آرگنائيزر محمد مراد چوڙو تنظيم جي ٻين عهديدارن محمد قاسم پٺاڻ سيد امان الله شاهه مير مدد علي ڏاليي شاهنواز جمالي ۽ ٻين سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ۽ احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو آهي ته اسين سڀ سنڌ جي مختلف سرڪاري کاتن جا رٽائرڊ ملازم آهيون اسين سروس ۾ هئاسين ته اسان جي پگهارن مان گروپ انشورنس ۽ بينيوولنٽ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: نارين سان زيادتي جي الزام ۾ گرفتار ڪيل پوليس اهلڪار

مورو ويجهو ٻگهيو برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي جو زخمي اسپتال ۾ فوت

گذريل ڏينهن ڳوٺ ملو اسماعيل ۾ زخمي ٿيل مرتضيٰ ٻگهيو اسپتال ۾ دم ڌڻي حوالي ڪيو

فوتي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو وارثن پاران انصاف جو مطالبو

مورو (ن ع) مورو ويجهو ڳوٺ ملو محمد اسماعيل ٻگهيو ۾ گذريل ڏينهن ٻگهيو برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل بعد ڪجهه ماڻهو نه زخمي ٿي پيا جنهن ۾ هڪ ڄڻو غلام مرتضيٰ ٻگهيو سخت ٿي پيو هئو جنهن کي نواب شاهه نيو ويو هئو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو جنهن جو قانوني ڪارروايون پوريون ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ته ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ راڙو پئجي ويو علائقي ۾ سخت خوف هراس ڇانئجي ويو آهي فوتي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خانپور مهر ملڪ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، ٻه ڄڻا زخمي

ڳوٺ سخيرو ملڪ واسي ڌرين ۾ پاڻي جي معاملي تي جهيڙو ٿي پيو

فائرنگ ۾ گوليون لڳڻ سبب زخمي ممتاز ۽ شهزادو کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

خانپور مهر(ن ع) خانپورمهر جي ڳوٺ سخيرو ملڪ ۾ ملڪ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ پاڻي جي معاملي تي جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران فائرنگ پڻ ڪئي وئي،گوليون لڳڻ سبب ممتاز علي ملڪ ۽ شهزادو ملڪ زخمي ٿي پيا متاثر ڌر خانپورمهر ٿاڻي تي پهچي احتجاج ڪيو ان موقعي تي صحافين کي زخمين ٻڌايو ته جوابدار ذوالفقار ملڪ، غلام شبير ملڪ عباس ملڪ ثناءُ الله ملڪ ۽ غلام فريد ملڪ پاران انهن جي گهرن مٿان فائرنگ ڪئي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

بدين: ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر آڏو ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

مٺي لڳ اکين جي علاج جي مفت ڪئمپ قائم، 110 مريضن جا آپريشن ڪيا ويا

ڏاهلي تعلقي جي ڳوٺ رڙاڪر ۾ ڊاڪٽر مير محمد راهمون جي ميزباني هيٺ ڪيمپ لڳائي وئي

ڪيمپ ۾ 260 مريضن جو معائنو ۽ 110 مريضن جا آپريشن ڪري مفت ۾ دوائون ڏنيون

مٺي (ڊ ر) ڏاهلي تعلقي جي ڳوٺ رڙاڪر ۾ ٻن ڏينهن لاءِ مفت اکين جي ڪئمپ قائم ڪئي وئي جتي 260 مريضن جو معائنو ڪري 110 مريضن جو آپريشن ڪري مفت ۾ دوائون ڏنيون ويون ڊاڪٽر مير محمد راهمون جي ميزباني هيٺ سالياني ويهين اکين جي ڪئمپ تي پهتل مريضن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٿرپارڪر جي ڏورانهين علائقي ۾ هر سال جيئان هن سال ڪئمپ لڳائي وئي آهي جنهن سان تمام گهڻو ماڻهن کي فائدو ٿيو آهي اڳ ۾ هن علائقي جا ماڻهو اکين جي آپريشن ۽ ٻي علاج لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن ڏانهن ويندا هئا جنهن سبب ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو هو ڪئمپ جي ميزبان ڊاڪٽر مير محمد راهمون چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته پنهنجي علائقي جي بي پهچ ماڻهن جي خدمت جاري رکجي هن سال 110 مريضن جو آپريشن ڪيا ويا آهن مريضن بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي لڳ جي پراڻي تڪرار تان ڳهوٽ تي قاتلاڻو حملو جوابدار گرفتار

چڪ نمبر 44 ۾ ڳهوٽ غلام رسول ڀسيو کي جوابدار ڪهاڙي سان حملو ڪري زخمي ڪيو

زخمي ڳهوٽ کي طبعي امداد بعد حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو، جوابدار مير خان گرفتار

گولاڙچي (ن ع) گولاڙچي لڳ چڪ نمبر 44 ۾ رشتيداري جي پراڻي تڪرار سبب هڪ انتهائي افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي جوابدار مير خان ڀسيو شادي بعد ڳهوٽ غلام رسول ڀسيو تي ان وقت قاتلاڻو حملو ڪري ڇڏيو جڏهن هو شڪراني جا نفل ادا ڪري رهيو هو. جوابدار اوچتو ڪهاڙي سان وار ڪندي ڳهوٽ کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جنهن سبب هو زمين تي ڪري پيو. واقعي بعد زخمي کي فوري طور تعلقي هيڊڪوارٽر اسپتال گولاڙچي منتقل ڪيو ويو جتان حالت نازڪ هجڻ سبب کيس وڌيڪ علاج لاءِ سول بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پريس ڪلب اسلامڪوٽ
اسلام ڪوٽ: اسڪول بند هجڻ خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين ۾ آر او پلانٽ ملازمن جو پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ملازمن روشن چانڊيو غفار ارشد، ملو راڄا ۽ ٻين ٽريزري آفيس آڏو احتجاج ڪيو

ٽريزري آفيسر رشوت نه ڏيڻ تي پگهارون روڪي ظلم ڪري رهيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

بدين (ڊ ر) آر او ۽ فلٽريشن پلانٽ جي ملازمن طرفان پگهارون جاري نه ڪرڻ خلاف ٽريزري آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ٽريزري آفيسر خلاف سخت نعري بازي آر او پلانٽ فلٽريشن پلانٽ جي ملازمن روشن علي چانڊيو غفار چانڊيو ارشد هنگورجو ملو مزاري راڄو خاصخيلي ۽ ٻين صحافين جي اڳيان ڏانهيندي چيو ته سنڌ حڪومت جي طرفان هنن جي پگهارن جو چاليهه هزار جو نوٽيفڪيشن آهي پر پگهار 32 ۽ 25 هزار ڏنو پيو وڃي ٽريزري آفيسر عبدالله باجاري رشوت نه ڏيڻ تي غير قانوني طور تي پگهارون روڪي غريب ملازمن سان ظلم ڪري رهيو آهي 8 مهينن جون اڳ پگهارون روڪيل آهن جڏهن ته ڊسمبر مهيني جي پگهار به روڪي ويٺي آهي هنن وزيراعلي سنڌ ڪمشنر حيدرآباد ڊي سي بدين کان مطالبو ڪيو ته ڪين پگهارون جاري ڪرائي غريب ملازمن سان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ پي ٽي سي ايل ملازم جو مائٽن سان گڏجي گهر مان ٿيل مبينا چوري واپس نه ملڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي رسول آباد ٻاڙي جي رهواسي پي ٽي سي ايل جي ملازم پنهنجي مائٽن سان گڏجي گهر مان ٿيل مبينا چوري واپس نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو جتي هن پوليس خلاف نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي پي ٽي سي ايل کاتي جي ٽيڪنيشن عبدالفتاح جمالي پنهنجي پيءُ غلام الله سئوٽ عبدالرزاق جمالي ۽ ٻين بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: پريس ڪلب ۾ ٿيل موسيقي جي پروگرام ۾ فنڪار ڳائي رهيا آهن

ڪورنگي سائيٽ ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ خلاف رهواسي روڊن تي نڪري آيا، ٽائر ساڙي ڌرڻو روڊ بلاڪ

ڪراچي واهه ۾ هڪ مهيني کان پاڻي ڇوڙ نه ڪرڻ ۽ پيئڻ جي پاڻي جي سخت بحران خلاف احتجاج ڪيو ويو

فلاءِ اوور ويجهو ٽائر ساڙي ڌرڻو هنيو ويو جنهن مختلف شهر ڏانهن ايندڙ ويندڙ گاڏيون بيهجي ويون

اسان جا معصوم ٻار اڄ مري رهيا آهن، ٽئنڪر مافيا پاڻي جا من پسند اگهه مقرر ڪيا آهن، تدارڪ ڪيو

ڪورنگي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي ڄامشورو طرفان ڪراچي واهه ۾ هڪ مهينو گذري وڃڻ کان پوءِ به پاڻي ڇوڙ نه ڪرڻ ۽ سائيٽ جي علائقي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي سخت بحران خلاف ڪورنگي فلاءِ اوور ويجهو ايڊيسور پيٽرول پمپ تي سوين سائيٽ ڪورنگي جي رهواسين سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻن يونس اوٺو مولائي سرفراز جلباڻي جي اڳواڻي ۾ خدا جي بستي ٻيهر اسٽاپ کان ريلي جي صورت ۾ انتظاميا بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪورنگي: پاڻي جي کوٽ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

نئون ڳوٺ پوليس پاران ناري ثنا پنڊ جي ڪيس ۾ گهربل مک جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

نئون ڳوٺ (ن ع)نئون ڳوٺ پرسان 20 ڏينهن اڳ مبينه بيواهه عورت اغواءِ واري معاملي تان ڳوٺ سيهڙ وليج ۾ هٿيارٻندن پاران فائرنگ ڪري ناريءَ ثناءَ ڌي فدا حسين پنڊ کي گوليون هڻي مبينه قتل ڪيو ويو هو جنهن جو ڪيس سيهڙ ٿاڻي تي ڇهه سڃاتل ۽ ٻه اڻسڃاتل جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو هو جنهن ۾ قتل ڪيس ۾ ملوث مُک جوابدار کي سيهڙ پوليس سيوائي روڊ وٽان گرفتار ڪرڻ جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: فوٽي نينگر جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

لاڙڪاڻي جي عدالت پاران دستي بم ۽ پسٽل رکڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 7 سال قيد ۽ 10 هزار روپيه ڏنڊ جي سزا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي دهشتگردي جي انت واري عدالت دستي بم ۽ پسٽل رکڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 7 سال قيد ۽ 10 هزار روپيه ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي، ڏنڊ جي رقم ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ جوابدار وڌيڪ 6 مهينا قيد ڪاٽيندو ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جي دهشتگردي جي انت واري عدالت جي جج الطاف حسين ڏايو جي عدالت 7 مهينا اڳ نئون ديرو ٿاڻي تي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5


اسلام آباد: هڪ پيرسن ٻارن جا رانديڪا وڪري لاءِ کڻي وڃي رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت نوجوان جو گهر واري جي واپسي لاءِ ٻاٿر سهري ۽ سالن خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ سالاڻي شيخ جي رهواسي پورهيت نوجوان گهر واري جي واپسي توڙي ٻاٿر سهري ۽ سالن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي نوجوان عبدالوحيد عمراڻي الزام لڳايو ته ٻه مهينا اڳ منهنجي شادي لاڙڪاڻي شهر جي دوڏائي چوڪ واري علائقي جي رهواسي سهڻل خان نوتڪاڻي جي ڌيءَ وحيده سان ساڍن 5 لک روپين عيوض ٿي هئي، شادي جي هڪ هفتي بعد ٻاٿر سهري سهڻل خان سندس پٽن لکميس راشد، رابيل ۽ دلبر نوتڪاڻي بغير جواز جي گهرواري وحيده کي زبردستي پاڻ وٽ ترسائي ڇڏيو ڇڏيو ۽ 20 ڏينهن اڳ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڊي سي خيرپور پاران سول اسپتال جو دورو ڪري انتظامن بابت معلومات ورتي

ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ مختلف وارڊز دورو ڪري تفصيلي جائزو ورتو

اسپتال ۾ ڪاروهنوار جي بهتري لاءِ ڪاميٽي جوڙي انسپيڪشن نظام شروع ڪيو ويندو: ڊي سي

خيرپور(عبدالمجيد پنهور)ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ڊي سي آفيس خيرپور جي انسپيڪشن آفيسر نديم پٺاڻ کي ساڻ ڪري اوچتي خيرپور ميڊيڪل ڪاليج سول اسپتال جو دورو ڪيو ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ مختلف وارڊن اسٽور روم ڪچن راهدارين واش رومن ڦي ميل وارڊز ۾ مريضن سان ملاقات ڪئي ۽ اسپتال انتظاميه طرفان کاڌ خوراڪ، بيڊ شيٽس جي تبديلي، فرنيچر، لائٽنگ، وينٽيليشن آهوا جي آچ وڃا جي انتظام بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

خيرپور انتظاميا پاران مختلف علائقن ۾ غير قانوني قبضن خلاف ڪارروائي

اي اي سي ارسلان حيدر ڦليپوٽو جي اڳواڻي ۾ عملي مختلف هنڌن تي آپريشن ڪيو

قبضا مافيا کي شهر جي خوبصورتي متاثر ڪرڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي: اي سي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور انتظاميا پنج گلا چوڪ سميت شهر جي مختلف علائقن ۾ غير قانوني قبضا خلاف وڏي ڪارروائي ڪئي آپريشن دوران انڪروچمينٽ تي بلڊوزر هلائي قبضا ختم ڪيا ويا انڪروچمينٽ ختم ڪرڻ واري هن ڪارروائي جي اڳواڻي اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور آرسلان حيدر ڦليپوٽو ڪئي جڏهن ته پوليس ۽ ميونسپل انڪروچمينٽ عملو به ساڻس گڏ هوا ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر چيو ته ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر يار محمد ڦليپوٽو ۽ شهر جي سماجي سڌارڪ ڪارڪنن ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ سان ملاقات ڪري غير قانوني قبضا هٽائڻ جي درخواست ڪئي هئي، جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر غير قانوني قبضا بلڊوز ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا حڪمن تي عمل ڪندي غير قانوني قبضا خالي ڪرايا ويا هن وڌيڪ چيو ته قبضا مافيا کي شهر جي خوبصورتي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان فائرنگ، نينگري زخمي

ڳوٺ ٻهرام چانڊيو ۾ جهيڙي دوران ٻارڙي اقرا ولد علي شير چانڊيو زخمي ٿي پئي

وارثن پاران زخمي نينگري کي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪري جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور لڳ ٽنڊو مستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٻهرام خان چانڊيو ۾ زمين جي مالڪي واري تڪرار تان جوابدارن پاران گهر تي حملو ڪري سڌي فائرنگ ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڀهرين ڪلاس جي شاگرديائي نينگري اقرا چانڊيو ولد علي شير چانڊيو کي هٿ ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پئي زخمي نينگري کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي سندس جو علاج جاري آهي جڏهن ته هنن مطالبو ڪيو آهي ته واقعي ۾ نامزد جوابدارن جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ زخمي نينگري کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

ڪراچي: عبرت رپورٽر راهب ڳاهو جي سوٽ جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ جو اسڪول ڇهن مهينن کان بند هجڻ خلاف مظاهرو

ڳوٺ ميهاري ٻجير جي رهواسين استاد جي بدلي بعد مين اسڪول بند ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو

ايس ٽي آر پاليسي تحت استاد کي بدلي ڪيو ويو ۽ مقرر ڪيل ٻيو استاد جوائننگ نه ٿو

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ ميهاري ٻجير جي رهواسين ايس ٽي آر پاليسي تحت استاد کي بدلي ڪرڻ بعد بند ٿيل مين اسڪول ۾ مقرر ڪيل استاد پاران جوائننگ نه ڪرڻ ۽ ڇهن مهينن کان اسڪول بند هجڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن قمرالدين ٻجير،هدايت الله ٻجير،الهڏنو ٻجير،بادل،ڪمال،شنڪر ٻجير ۽ ٻين مطالبو ڪيو آهي ته اسان جي بند پيل اسڪول کولرائي ڏنو وڃي ايس ٽي آر پاليسي تحت مقرر ٿيل استاد اڃان تائين اسڪول جوائن ناهي ڪيو اسان تعليم کاتي جي اختيارين تائين بار بار ويا آهيون اسان جي ڪير به ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي ڳوٺاڻن چيو ته ايس ٽي آر پاليسي تحت استاد کي بدلي ڪيو ويو ۽ مقرر ڪيل ٻيو استاد ڇهن مهينن کان جوائننگ نه ٿو ڪري اسان جي ٻارڙن جي تعليم تباهه ٿي رهي آهي،رابطي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ سرڪاري ڪڻڪ جي غيرقانوني طور تي صوبي کان ٻاهر وڪرو ڪندڙ ٻه عملدار گرفتار

حساس ادارن جي اطلاع تي اينٽي ڪرپشن ضلعي فوڊ آفيسر پرويز انڙ ۽ پي آر سي مٺل مگسي کي گرفتار ڪيو

آپريشن دوران اهم سرڪاري رڪارڊ ۽ هڪ خانگي بروڪر جي گودام مان 1350 خالي ٻورين به هٿ ڪيون ويون

12 هزار کان وڌيڪ سرڪاري ڪڻڪ جون ٻوريون هڪ خانگي بروڪر ذريعي وڪرو ڪيون ويون: ذريعا

شڪارپور (رپورٽ: رحيم بخش جمالي) شڪارپور ۾ وڏي سرڪاري ڪڻڪ جي اسڪيم جو پردو فاش ٿيو ڪروڙين روپين جي سرڪاري ڪڻڪ جي غيرقانوني طور تي صوبي کان ٻاهر وڪرو ۽ منتقل ڪئي وئي شڪارپور ضلعي ۾ ڪروڙين روپين جي سرڪاري ڪڻڪ جي غيرقانوني طور تي وڪرو ۽ ان جي صوبي کان ٻاهر منتقلي سان لاڳاپيل هڪ وڏو اسڪيم سامهون آيو آهي حساس ادارن جي اطلاع تي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ فوڊ ڊپارٽمينٽ ۽ فلور مل مافيا جي ڳٺ جوڙ خلاف ڪارروائي ڪندي اهم گرفتاريون ڪيون آهن آپريشن دوران اينٽي ڪرپشن اختيارين بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ايس ايس پي سانگهڙ چام عزيز قتل ۾ نامزد عملدارن کي ڪوارٽر گهاٽ ڪري ڇڏيو

اي ايس آءِ تنوير گل شير ۽ اهلڪار الهجايو پنهور کي معطلي بعد ڪوارٽر گهاٽ ڪيو ويو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور پوليس حراست دوران فوت ٿيندڙ هيڊ ماسٽر چام عزيز جکرو جي قتل ڪيس ۾ ايف آئي اي پاران 4 پوليس عملدارن کي ڪيس ۾ نامزد ڪرڻ بعد ايس ايس پي سانگهڙ عابد بلوچ پاران اي ايس آئي تنوير جتوئي اي ايس آئي گل شير چانڊيو ۽ پوليس اهلڪار الهجڙيو پنهور کي معطل ڪري کين ڪوارٽر گهاٽ ڪري ڇڏيو آهي واضع رهي ته 2مهينا اڳ پوليس حراست هيٺ تشدد دوران هيڊ ماسٽر چام عزيز جکرو فوت ٿي ويو هو جنهن ۾ ايف آئي اي پاران 6ڄڻن ايس ايڇ او غلام شبير دلواڻي پوليس اهلڪار گل محمد زرداري محرم زرداري امان الله ساند رفيق اڄڻ نور علي لاکو تي ڪيس داخل ڪيو هو جنهن بعد جاچ جو دائرو وڌائيندي 4هين اهلڪارن کي شامل ڪيو ويو هو جن مان ٻه پوليس اهلڪار نور علي لاکو ۽ رفيق اڄڻ جيل ۾ ٻقي عبوري ضمانت تي ٻاهر آهن بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪالهي لڳ ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، هڪ عورت فوت، ٻه ڄڻا زخمي

ڪالهي (ن ع) ڪالهي ڪالهي موڙ لڳ ڪار ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ ٽڪر ٿي پيو حادثي سبب هڪ عورت ٿاڏي تي فوت ٿي وئي ۽ ٻه ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا زخمين ۾ رميش ڪولهي ۽ رالو ڪولهي شامل آهن حادثي کان پوءِ زخمين کي فوري طور رورل هيلٿ سينٽر نبي سرروڊ منتقل ڪيو ويو بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪالهي: حادثي ۾ فوت ٿيل عورت ۽ زخمي

بدين ۾ جماعت لواري شريف اجلاس، صلاح مشوري بعد نئين ريجنل باڊيز

اجلاس پير آف لواري شريف پير محمد صادق قريشي نقشبندي جي صدارت هيٺ ٿيو

سال 2026–27 لاءِ نئين ريجنل باڊيز بدين ۽ ريجن لاڙڪاڻا جو پڻ اعلان ڪيو ويو

بدين (ڊ ر) نشات تنظيم جماعت لواري شريف جي مرڪزي قيادت ريجن بدين جو اهم تنظيمي دورو ڪيو جنهن جو اجلاس پير آف لواري شريف حضرت قبله پير محمد صادق قريشي نقشبندي جي اوطاق تي لواري شريف ۾ رکيو ويو مرڪزي قيادت ريجن جي ڪارڪنن ۽ ذميوارن سان بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڪراچي کان جده ويندڙ پاڪستاني مسافر گرفتار، سامان مان آئس ۽ هيروئن هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي کان جده ويندڙ پاڪستاني مسافر جي سامان جي اسڪريننگ دوران مشڪوڪ شيون سامهون آيون اي ايس ايف عملي هٿان هٿ تلاشي دوران ماهرانه انداز ۾ مسافر جي براڻون رنگ جي ٽرالي بيگ مان منشيات برآمد ڪيون برآمد ٿيل منشيات (آئس ۽ هيروئن) ٽرالي بيگ جي مختلف حصن ۽ بيگ ۾ رکيل شيون ۾ لڪايا ويا هئا. منشيات جي برآمدگي کان پوءِ مسافر کي منشيات سميت وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ اينٽي نارڪيڪس فورس جي عملدارن جي حوالي ڪيو ويو

واقعي جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار، اعجاز جکراڻي ۽ ٻين پاران مذمت

پوليس کاتي ۾ اهڙي قسم جون حرڪتون ڪندڙن لاءِ ڪابه گنجائش ناهي: اڳواڻ

جيڪب آباد: جنسي زيادتي جو نشانو بڻيل ناري آسيه ڪوسو جو سوشل ميڊيا تي وڊيو بيان وائرل ٿيڻ کان پوءِ گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي ايم پي اي شير محمد مغيري پاران نوٽيس ورتو ويو. گهرو وزير پاران جاري ڪيل بيان ۾ آسيه ڪوسو واري واقعي جي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: موهن جي دڙي جي سار سنڀال ڪندڙ ڪاريگر اسٽوپا جي سامهون ديوارن جي مرمت ڪري رهيا آهن

ڪنڊيارو ۾ خودڪشي جي وڌندڙ رجحان کي روڪرائڻ لاءِ سيمينار منعقد ڪيو ويو

ڪنڊيارو(ن ع) نوجوانن ۾ خودڪشي جي وڌندڙ رجحان کي روڪرائڻ لاءِ آل پارٽيز الائنس طرفان پبلڪ لائبريري ڪنڊيارو ۾ هڪ پروقار سيمينار ٿي گذريو سيمينار ۾ ناميارا عالم جامع مسجد ڪنڊيارو جي خطيب مولانا محمد قاسم سومرو شيعا علماءِ ڪائونسل جي علامه امجد حسين جعفري پ پ شهيد ڀٽو جي ڊاڪٽر امداد بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ نوجوان طرفان معصوم ڌيئرن سان گڏجي شهيد ڪوٽا تحت نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (س ر) لاڙڪاڻي شهر جي علي گوهر آباد ڦل روڊ واري علائقي جي رهواسي بيروزگار نوجوان طرفان پنهنجي معصوم ڌيئرن سان گڏجي يو بي ايل بئنڪ ۾ شهيد ڪوٽا تحت نوڪري نه ملڻ خلاف ڪالهه ڪين ڏينهن به قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ وڏي وزير جي خاص معاون خير محمد شيخ ٽرين هيٺيان اچي فوت ٿيل نينگر جي وارثن سان تعزيت ڪئي

لاڙڪاڻو(س ر) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي معاون خصوصي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي ڊسٽرڪٽ لاڙڪاڻي جي صدر خير محمد شيخ طرفان شهر جي الهه آباد ٻاڙي پهچي گذريل ڏينهن ٽرين هيٺيان اچي فوت ٿي ويل معصوم نينگر دلاور جمالي جي والد بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.